# ڌي ادب

## ر تاريخي جائزو

ڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# سنڌي ادب

جو

## تاريخي جائزو

(سنڌي ادب جي مختصر تاريخ)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
ايم. اي، ايل ايل. بي
پي ايڇ. ڊي

عجائب اسٽور سکر

پهو ڇاپو                    جلد هڪ هزار

( سڏاريل ۽ وڌاول )

جمله حقوق بحق ناشر محفوظ

قيمت 6.00 روپيا

هي ڪتاب نيشنل پرنٽنگ پريس ٿلهه سکر مان
عجائب اسٽور سکر طرفان ڇپائي شايع ڪيو ويو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

پروفيسر محترم محمداڪرم انصاري جي نالي، جيڪو شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي تي انگريزي زبان ۾ نهايت اهم ڪم ڪري رهيو آهي.

م. ع. س

# پيش لفظ

سنڌي ادب اٿاهه سمنڊ مثل آهي، جنهن ۾ انيڪ موتي به آهن، ته سپون ۽ ڪوڏ به. يا ائين ڪٿي چئجي ته موج پريو مهراڻ آهي، جنهن ۾ بقول حضرت ڀٽائي:

"سٿين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لعل."

ايڏي وڏي ادبي سرمايه کي سهيڙي، سيباڻتو بنائي مختصر ڪري پيش ڪرڻ ڪٺن ڪم آهي. بهرحال تاريخي جائزو اوهان اڳيان آهي، جنهن ۾ ادبي آثارن ۽ اهڃاڻن کي نئين انداز سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي- هن ۾ اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر به آهي. ته نثر ۽ نظم جي صنفن جي ارتقائي تاريخ به ڏني ويئي آهي. سياسي، معاشي ۽ معاشرتي پس منظر به ڏنو ويو آهي، تہ ادب جو فني ۽ فڪري جائزو به پيش ڪيو ويو آهي. اميد ته هي جائزو ادبي حلقن ۾ به قدر جي نگاه سان ڏٺو ويندو، ته ايم- اي ۽ بي- سي- ايس جي شاگردن لاءِ به ڪارائتو ثابت ٿيندو.

سکر- سنڌ
26_6_1972ع

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# ٻيو ڇاپو

موجوده دور جي اهم تقاضا اها ٻه آهي، ته ادبي تاريخ بابت مفصل ڪتاب هجڻ سان گڏ، مختصر ڪتاب ٻه ضرور هجن باڪ مختصر ادبي تاريخ جي وڏيڪ ضرورت محسوس ڪئي پيئي وڃي. انهيءَ ٿي ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ هيءَ مختصر ادبي تاريخ لکي ويئي هئي، جنهن کي اميد کان وڏيڪ سنڌي ادب جي استادن ۽ شاگردن ۾ مقبوليت حاصل ٿي. نتيجي ۾ ٿوري ئي وقت کانپوءِ ان جي ٻي ڇاپي ڇپائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. جيئن ته سنڌي ادب جي ڪا مڪمل ۽ مفصل ادبي تاريخ ڪانه آهي، انهيءَ ڪري مواد حاصل ڪرڻ وڏو ڪٺن ڪم ٿيو پوي. ان کان ٻه وڏيڪ مشڪل ڪم آهي هيڏي ساري مواد کي اهڙي نموني مختصر ڪري پيش ڪرڻ جيئن ڪا اهم ڳالهه رهجي نه وڃي.

هن ايڊيشن وقت ادبي تاريخ بابت سمورو مواد نئين سر نظر مان ڪڍيو ويو آهي، ۽ اڳين ڇاپي ۾ سڌارا ۽ وڌارا آيا، ڪتاب کي وڏيڪ جامع بنايو ويو آهي، جيتوڻيڪ اختصار کان ڪم ورتو ويو آهي، ان هوندي به اها ڪوشش ڪئي ويئي ته جيئن ڪا اهم ڳالهه ڪٿي ڪٽجي نه وڃي. مطلب ته پنهنجي وس آهر سمورو ادبي مواد سوڌي ۽ سموهي، سلسليوار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اميد ته هن ڪوشش کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو.

قمبر علي خان- سنڌ
21 جون 1974ع

**محمد عبدالمجيد سنڌي**

# فهرست


**باب پهريون**

اوائلي دور

سياسي پس منظر 1

عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ

جي حالت 2

سنڌي زبان ۽ ادب 4

سومرن جي ڏينهن ۾

سنڌي ادب 6

سومرن جي دور جو

ادبي سرمايو 9

ڳاهه 12

پيا واقعاتي بيت 21

ڳنان 23

ڳيچ 26

**باب ٻيو**

سمه دور

سياسي پس منظر 30

سنڌي ٻولي جون حدون 31

فارسي زبان 31

علمي ذوق 32

سنڌي ادبي سرمايو 32

سنڌي شاعر 41

ادبي جائزو 45

**باب ٽيون**

ارغون، ترخان ۽ مغل دور

سياسي صورتحال 52

علمي حالت 54

سنڌي ادب 55

ادبي جائزو 64

**باب چوٿون**

ڪلهوڙا دور

سياسي صورتحال 69

علمي حالت 71

مذهبي ادب 71

سنڌي بيت 81

وائي ۽ ڪافي 93

مولود 96

مداح، مناجات ۽ معجزو 97

غزل 99

ادبي جائزو 100

**باب پنجون**

ٽالپر دور

سياسي صورتحال 107
علمي ۽ معاشرتي حالت 108
سنڌي ادب 109
بيت ۽ ڪافي 110
مولود 117
مداحون، مناجاتون
۽ معجزا 118
ترجما 120
مرثيو 121
قصه گو شاعر 127
غزل جي شاعري 128
نثرنويسي 130
ادبي جائزو 130

## باب چوٿون

انگريزن جو دور
پس منظر 134
نثر 135
افسانو 141
ناول 145
ڊرامو 147
تنقيد ۽ تحقيق 150
نظم 155
ڪافي ۽ بيت 156
عوامي شاعري 162
غزل جي شاعري 163
عروضي شاعريءَ جون
ٻيون صنفون 170
قومي ۽ اصلاحي شاعري 172
ترقي پسند شاعري 173

## باب پنجون

موجوده دور
تعارف 176
ادبي رجحانات 178
ناول نويسي 180
افسانو 182
ڊرامو 189
مضمون نويسي 190
تنقيد 193
تحقيق ۽ تاريخ 195
نظم 201
بيت 201
ڪافي ۽ وائي 202
نيون صنفون 203
غزل 204
نظم جون ٻيون صنفون 205
ماخذ 208

# باب پهريون

## اوائلي دور

سياسي پس منظر: اموي دور جي خليفي وليد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ حجاج طرفان موڪليل سپهه سالار محمد بن قاسم سنه 92 هه (711ع) ۾ سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي سنڌ تي مسلمانن جي حڪومت قائم ڪئي. برهمڻ گهراڻي جو باني چچ هو، جيڪو اصل ڪشمير جو برهمڻ هو ۽ سنڌ ۾ روزگار سانگي آيو هو. هو پهريائين راءِ گهراڻي جي راجا راءِ سهاسيءَ جي وزير جو منشي ٿيو ۽ پوءِ راجا جو وزير ٿيو. ان کان پوءِ راجا راءِ سهاسيءَ جي رائيءَ ذريعي سازش ڪري سنڌ جو حڪمران بنجي ويو. هڪ انهيءَ ڪري، ٻيو انهيءَ ڪري ته چچ برهمڻ هو ۽ سنڌ جو عوام ٻڌڌرم جو هو، سنڌ جا ماڻهو چچ ۽ سندس پٽ ڏاهر کي پسند ڪونه ڪندا هئا. اهوئي سبب هو، جو سنڌ جي عوام محمد بن قاسم جي ڀرپور مدد ڪئي.

محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ هي ملڪ دمشق ۽ پوءِ بغداد جي ماتحت رهيو. البته محمد بن قاسم جي

وفات ڪان پوءِ ٻہ سال پوءِ سنڌ ۾ عربن جو اثر گھٽجي ويو. ان ھوندي بہ مسلمانن جي مرڪزي حڪومت طرفان سنڌ لاءِ گورنر مقرر ٿيندا رھيا. ھوريان ھوريان عربن جي حڪومت ڪمزور ٿي ويئي، جنھن ڪري ڏيھي ماڻھو اڀرڻ ۽ اسرڻ لڳا، ۽ پنھنجون رياستون ۽ جاگيرون قائم ڪرڻ لڳا. اروڙ تي راجادلوراءِ قبضو ڪيو ۽ عربن جي حڪومت فقط منصوره تائين وڃي محدود رھي. "منصوره" قديم شھر برھمڻآباد جي ڀرسان عربن جو نئون آباد ڪيل شھر ھو.

منصوره شھر بہ ھو تہ علائقو بہ ھو، جنھن تي عرب گھراڻو "ھباري" حڪومت ڪندو آيو. انھيءَ زماني ۾ سومرا اسرڻ ۽ اڀرڻ لڳا ۽ 1050ع ۾ سومرن سنڌ تي قبضو ڪيو. سندن اوائلي مرڪز سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ايراضي ھو ۽ سندن طاقت جو رخ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارن ڏانھن ھو. انھيءَ زماني ۾ 1201ع ۾ ناصرالدين قباچہ اتر سنڌ تي قبضو ڪيو، ۽ دھلي حڪومت جي طرفان اچ ۽ بکر جو گورنر مقرر ٿيو. سلطان ايلتمش جي ڏينھن ۾ قباچہ بغاوت ڪئي. سلطان نظام الملڪ سندس مقابلي لاءِ آيو ۽ قباچہ بکر وٽ ٻڏي مئو. ڪجھہ وقت کان پوءِ سومرن "اچ" تائين پنھنجي حڪومت جي حدن کي وڌايو.

## عربن جي ڏينھن ۾ سنڌ جي حالت:

عربن، سنڌين سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽

سنڌ جي تهذيب و تمدن، رسم و رواج ۽ ٻوليءَ کي پنهنجو بڻايائون. اهڙيءَ طرح سنڌي ثقافت اسلامي تمدن جي اثر سبب هڪ نئون ۽ پاڪيزه روپ اختيار ڪيو عرب سياحن ۽ تاريخدانن جهڙوڪ: ابن حوقل، بشاري مقدسي مسعودي وغيره جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌ جا ماڻهو بامروت، نيڪ، ذهين، مهمان نواز، صاف سٿرا، خوش اخلاق، خوش پوش ۽ خوش حال هئا. نه فقط ايترو، پر سنڌ جا ماڻهو علم ۽ ادب ۾ به مهارت رکندا هئا. عربن کان اڳ سنڌ جا عالم فلڪيات حسابن جي علم، طب ۽ جوتش ۾ پڙ هئا. عباسي دور ۾ سنڌ جي عالمن کان مذڪور علمن جا ڪتاب جهڙوڪ: سڌانت وغيره عربي زبان ۾ ترجمو ڪرايا ويا. اسلام اچڻ کان پوءِ سنڌ جي عالمن اسلامي علوم جهڙوڪ: حديث، تفسير، فقهه، نحو ۽ عربي شاعريءَ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي ۽ اسلامي دنيا ۾ نالو ڪڍيو. انهن عالمن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن:

”مولانا اسلامي، قاضي موسيٰ، محمد بن ابي شوراب، علي بن محمد بن ابي شوراب، ابوالعباس احمد بن صالح التميمي المنصوري، ابراهيم بن محمد ديبلي، شيخ ابو تراب، شيخ ابو علي سنڌي، منصور بن حاتم نحوي وغيره.“

انهيءَ زماني ۾ ڪيترائي سنڌي عربستان ۾ وڃي

رهيا، جن مان پڻ ڪيترائي نالي وارا عالم ۽ شاعر ٿيا، جهڙوڪ: ابومعشر، سندس فرزند ابوعبدالملڪ محمد، شيخ السلام عبدالرحمان بن عمرو امام اوزاعي، مشهور عربي شاعر ابو عطا وغيره.

سنڌي زبان ۽ ادب: عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌ ۾ سنڌي زبان ڳالهائي ويندي هئي. البته اوائلي دور ۾ وڏن شهرن جهڙوڪ: ديبل، منصوره ۽ ملتان ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربي زبان به ڳالهائي ويندي هئي. سنڌي زبان ديو ناگري لپيءَ جي مختلف روپن ۾ لکي به ويندي هئي. نه فقط ايترو پر سنڌي شعر و شاعريءَ جو رواج به موجود هو. جيتوڻيڪ سرڪاري ۽ تعليمي زبان عربي رهي، پر ان سان گڏ سنڌي شاعري به ترقي ڪندي رهي. هارون رشيد جي برمڪي وزيرن جي قدردانيءَ سبب ڪيترائي سنڌي عالم ۽ اديب عربستان پهتا ۽ بنهن جا علمي جوهر ڏيکاريائون، انهن مان هڪ سنڌي شاعر هڪ روايت موجب فضل بن يحيٰ برمڪيءَ جي آڏو ۽ ٻي روايت موجب يحيٰ بن خالد برمڪيءَ جي آڏو سنڌي شعر پڙهيو. اهو شعر ڪتابن ۾ هن طرح آيو آهي:

"ارهه برهه ڪنڪره - ڪراڪري منڌره"

يا "ارهه اهره ڪڪرا - ڪي ڪره منڌره" (1)

ٻي روايت موجب اهو بيت حضرت بلال رضہ حضور صلي اللّٰه عليه وآلہ وسلم جي شان ۾ پنهنجي آفريڪي زبان ۾ پڙهيو. (2) جيئن تہ مٿين شعر ۾ سنڌي زبان جو ڪو اهڃاڻ موجود ڪونہ آهي ۽ حضرت بلال رضہ ڏانهن بہ منسوب آهي؛ انهيءَ ڪري ان ڪي ڪنهن بہ سنڌي بيت جي بگڙيل صورت چئي نٿو سگهجي. البتہ اها روايت صحيح سمجهڻ گهرجي، تہ سنڌي شاعر پنهنجي زبان ۾ شعر پڙهيو. عرب عالمن لاءِ سنڌي زبان ايتري ئي اوپري هئي، جيتري آفريڪي، انهي ڪري ساڳيو ئي بيت ٻنهي روايتن جي سلسلي ۾ نقل ٿي ويو ٿو ڀائنجي.

## قرآن شريف جو سنڌي ترجمو

مٿين روايت ثابت ڪري ٿي، تہ عربن ڪان اڳ يا عرب دور ۾ سنڌي زبان ۾ شعر چيو ويندو هو. هڪ ٻي روايت مان بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌي زبان لکي پڙهي ويندي هئي، ۽ سنڌي شعر موجود هو. هڪ عربي ڪتاب ۾ آيو آهي تہ، منصوره جي حاڪم عبداللّٰه بن عمر هباري جي زماني ۾ منصوره جي هڪ عالم اترسنڌ جي هڪ هندو راجا جي چوڻ تي قرآنشريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو، ۽سنڌي زبان ۾ اسلامي تعليم متعلق هڪ نظم لکيو. (1) يعني سڀ ڪان

(1) ڏسو سنڌيءَ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ- ڊاڪٽر نبيبخش خان بلوچ، ص 45 کان 47 (2) ايضا ص 47.

ڀرپائين قرآن شريف جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ٿيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان وقت ئي سنڌي زبان ۾ اهڙيون خوبيون ۽ خصوصيتون هيون جو علمي ۽ ادبي مقصدن لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي.

سومرن جي ڏينهن ۾ سنڌي زبان: اندازو آهي

ته سومرن جي ڏينهن ۾ به دستور موجب عربي زبان سرڪاري ۽ تعليمي زبان جي حيثيت سان قائم رهي. ان هوندي به جيئن ته سومرن جي مادري زبان سنڌي زبان هئي. انهي ڪري سنڌي زبان وڌي ويجهي، ۽ سنڌي شاعريءَ جي محافظ ڀٽن، ڀانن ۽ چارڻن جي قدرداني ۽ همت افزائي ٿيندي رهي. جيئن ته سومرن جو مرڪز هيٺاهين حصي ۾ هو، انهي ڪري سنڌي زبان ۽ ڪانياواڙ ۽ گجرات جون زبانون هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيون. ان کان سواءِ سنڌي ٻولي، ٿري ۽ ڏاٽڪي محاورن ۾ ميل ميلاپ ٿيو، ۽ ٿري ۽ ڏاٽڪي محاورا معياري سنڌي ٻوليءَ جي وڌيڪ ويجهو آيا. نه فقط ايترو، ٻرڪيچ طرف سومرن ۽ سمن جون بستيون قائم ٿيون، جنهن ڪري ڪڇ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي. (2)

هي دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ سجاڳيءَ ۽ ترقيءَ جو دور هو. هن دور ۾ اسلامي تبليغ لاءِ به سنڌي زبان

---

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 45 کان 47 (2) ايضا ص 54.

ڪي ذريعو بنايو ويو. ان ڪان سواءِ فطري سنڌي شاعري ٻہ ارتقائي منزلون تيزيءَ سان طئي ڪرڻ لڳي. عربي ڪتابن ڪان سواءِ هڪ ٻي ثابتي ٻہ ملي ٿي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ان زماني ۾ سنڌي هڪ سڌريل زبان هئي، ۽ ان ۾ ادب موجود هو. اٺين صدي عيسوي ۾ هڪ سياح عالم ”آچاريہ اديوتن“ سوراشٽر جي دربار مان سنڌ ۽ سنڌي زبان جي ڪوجنا لاءِ سنڌ ۾ آيو. سن 778ع ۾ موٽي وڃي، پنهنجي ڪوجنا جي آڌار تي ڪتاب ”ڪوليہ مالها ڪها“ لکيائين. ان ۾ سنڌي شاعريءَ بابت لکي ٿو: ”اسان اهي سنڌي شاعر ڏٺا، جن ڪي پنهنجي ملڪ تي ناز ۽ سريلي نغمي جو ذوق هو. هنن پنهنجي نغمي کي نزاڪت ۽ ميناج سان ڍلي پد ۽ ڍار سان نهايت ئي سريلي انداز ۾ ڳايو ٿي“ (1) ان بيان تي ڊاڪٽر جيرامداس لکيو آهي:

”هن مان ثابت آهي، تہ عيسوي اٺين صدي ۾ سنڌين جي ٻوليءَ کي الڳ نالو نشان ۽ امتيازي حيثيت حاصل هئي، ۽ پنهنجي اعليٰ ادب جي ڪري انهيءَ زماني ۾ انڊو پاڪستان جي مڙني مک ٻولين ۾ ان پنهنجو اعليٰ معيار قائم ڪيو هو“. (2)

مٿين سياح ڪان پوءِ نائين صدي عيسوي ۾ درباري شاعر ”ڪوراج سيکر“ هندستان جي مختلف علائقن

جي؛ ادبي ۽ لساني برتال ڪئي. هن سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي تعريف ڪئي آهي. لکي ٿو:

”هي سڄي ملڪ جو چيٽ آهي، هتي جا ماڻهو سنسڪرت جي ته نالي کان ئي بري آهن. باقي پنهن جي سوپياوان ڏيهي ٻولي ڏاڍي ميٺاج سان ڳالهائيندا آهن. هتي جي انوکي ادبي خوبي ته لاڙ جي شاعرن لاءِ ئي مخصوص آهي. سنڌ شاعريءَ جي پياري ۽ پسنديده طرز، جنهن جي امتيازي خصوصيت لطافت آهي سا لاڙي طرز جي نالي سان ئي مشهور آهي.“ (3)

انهن بيانن مان معلوم ٿئي ٿو، ته عربن واري دور توڙي سومرن جي زماني ۾ سنڌي شاعري پنهنجو مٿ پاڻ هئي. مسلمان سنڌي عالم عربي زبان ۾ به ڪتاب لکندا رهيا. سنڌ جي هندن مان ڪن پنڊتن سنسڪرت ۾ ڪجهه ڪتاب به لکيا. اهڙي طرح هڪ سنڌي پنڊت 10-9 صدي عيسوي ڌاري سنسڪرت ۾ ”ديول سمرتي“ نالي ڪتاب لکيو. سندس نالو رشي هو.(4)

## سومرن جي دور جو ادبي سرمايو

سومرن جو دور سنڌي ڪلاسيڪي ادب جو

---

(1) ماهي مهراڻ، 1968ع نمبر 14 ص 147
(2) ايضا (3) ايضا ص 147 کان 149 (4) ڏسو: سنڌي نثر جي تاريخ: منگهارام ملڪاڻي ص 7

بنيادي دور آهي. سنڌي شاعريءَ جا تمثيلي قصا، جيڪي سنڌي شاعريءَ جو بنياد بڻيا، هن دور سان تعلق رکن ٿا. اهي رومانوي داستان هي آهن:

1- سسئي پنهون: هي سومرن جي شروعاتي دور سان تعلق رکي ٿو. (1) هن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌ بلوچستان جي وچ ۾ قافلن ذريعي واپار ٿيندو هو انهن ڏينهن ۾ درياهه ڀنڀور وٽان وهندو هو ۽ ڀنڀور سنڌ جو خوشحال شهر هو.

2- عمر مارئي: هي قصو عمرڪوٽ جي سومري حاڪم "عمر" سان تعلق رکي ٿو، جيڪو "مارئي" جي سونهن جي ساراهه ٻڌي، ڪيس ٿر جي ڪوهه تان کڻي آيو ۽ کيس شاديءَ تي آماده ڪرڻ لڳو.

3- مومل راڻو: آخري سومري حاڪم همير سان تعلق رکي ٿو. قصي جو مک ڪردار راڻو سندس سالو به هو ۽ وزير به هو.

4- ليلان چنيسر: هن قصي جو مکيه ڪردار چنيسر سنڌ جي هيٺاهين حصي جو حڪمران هو.

5- سهڻي ميهار: هي قصو به سومرن جي دور سان تعلق رکي ٿو. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي: "خود سهڻي ميهار جي قصي جي پنجاب

---

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : سنڌيءَ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. ص 57 - 58

واري روايت ۾ ميهار ڪي ترڪستان جو واپاري ڪري ڄاڻايو ويو آهي. ترڪستان طرفان واپارين ۽ شهزادن جي هندستان ۾ آمد پڻ محمود غزنوي جي فتوحات بعد ٿي، ۽ اهو دور سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جو دور هو." (1)

6- سيف الملوڪ: هن قصي ۾ اروڙ جي حاڪم دلوراءِ ۽ اروڙ وٽان درياهه جي رخ ڦيرائڻ جو ذڪر آهي. دلوراءِ سومرن جي اوائلي دور ۾ اروڙ جو حڪمران هو، ۽ روايتن مان معلوم ٿئي ٿو، ته هو هندو هو پر ذات جو سومرو هو.

7- سورٺ ۽ راءِ ڏياچ: محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب: هي داستان به سومرن جي دور جو آهي.

8- مورڙو ۽ مڇ: هن قصي جو تعلق به دلوراءِ سان آهي، ۽ ان جو مرڪز سون مياڻي ۽ ڪلاچيءَ وارو سامونڊي ڪنارو آهي، جو سنڌ ۽ عراق واري شاهراهه تي واقعي آهي. (2)

انهن روماني داستانن بابت ان دور ۾ به ڪي بيت چيا ويا هوندا، پر ان جي نشاندهي ٿي نه سگهي آهي. البته عمر مارئيءَ جي داستان بابت هڪ سنڌي

(1) سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ، ص 58.

(2) ايضا، ص 59.

بيت بهاولپور مان مليو آهي، بهاولپور ۾ ”مروٽ“ نالي هڪ قلعو آهي، جيڪو هاڪڙي درياهہ جي ڪناري تي هو، ۽ بيڪانير جي ويجهو آهي. مولانا عزيزالرحمان بهاولپوري ”تاريخ قلعہ مروٽ“ ۾ لکيو آهي، تہ سومرن جي ڏينهن ۾ هتي هڪ سومرو حڪمران هو. ان سان گڏ اهو بہ ڄاڻايو اٿس، تہ ”مروٽ“ جي قلعي جي پسگردائيءَ ۾ هڪ سنڌي بيت مشهور آهي، جو مارئيءَ ڏانهن منسوب آهي. اهو بيت هن طرح آهي:

عمر! ٻيچ نہ آنچ؛ نہ ڪر زور ضعيف سان؛
هٿ نہ هوندا هيترا، ٻيا در متي د ربان؛
ويندا هي فيل فنا تي، سڀ نغارا نيشان،
قاضي ٿيندا پاڻ؛ شرع ڪندا سومرا. (1)

ان عوامي روايت مان، جيڪا بهاولپور مان ملي آهي، هيٺيون ڳالهيون واضح ٿين ٿيون:

1۔ روايت ۾ هي بيت مارئيءَ ڏانهن منسوب آهي، پر اهين صحيح نہ آهي. ڪنهن سنڌي شاعر جو مارئيءَ جي زباني چيل آهي.

2۔ بيت جي سٽا ۽ لفظن جو استعمال ٻڌائي ٿو، تہ اهو بيت گهڻو پراڻو نہ آهي. البتہ ان کي ڪجهہ قدر قديم چئجي سگهجي ٿو.

3۔ سومرن جي صاحبي بهاولپور تائين هئي. انهي

---

(1) تاريخ قلعہ مروٽ؛ مولانا عزيزالرحمان، سال 1952ع، ص 6.

ڪري ”عمر مارئي“ جي قصي بابت سنڌي بيت بهاولپور ۾ به مشهور رهيا.

4. سنڌ ۽ بهاولپور جا پاڻ ۾ ايترا ته گهرا تعلقات هئا، جو خالص سنڌي بيت به بهاولپور ۾ مشهور ٿي ويا، جن مان هڪ بيت هينئر به مليو آهي.

انهن مشهور ڪلاسيڪي قصن ڪانسواءِ نيم عشقيه داستان به آهن، جن جو تعلق پڻ سومرن جي دور سان آهي، پر اهي ايترو مشهور نه ٿي سگهيا، جهڙوڪ: مل محمود ۽ مهر نگار؛ ڏمڻ سونارو، خدا دوست ۽ محمود غزنوي. ان دور جا رزميه داستان به مشهور ٿيا، جهڙوڪ: سومرن ۽ گجرات جون لڙايون، دودي چنيسر جي جنگ چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ. اهي عشقيه داستان، نيم عشقيه قصا ۽ رزميه داستان سنڌ جي پنهن پاڻن ۽ چارڻن ذريعي محفوظ رهيا. اهي قصا واتئين ويٺي ٻڌايا ويندا هئا. ۽ قصي کي اثرائتو بنائڻ لاءِ وچ وچ تي بيت به آندا ويندا هئا. اهو رواج اڄان هلندو اچي. انهن بيتن کي ”ڳاهه“ چيو ويندو آهي.

ڳاهه: هڪ قسم جا واقعاتي ۽ بياني بيت آهن. پاڻنجي تو ته هن لفظ جو بنياد ”ڳاءِ“ آهي، ۽ ”ڳاءِ“ مان ”ڳاهه“ ٿي ويو آهي. سنا جي لحاظ کان ”ڳاهه“ منظوم مصرعون آهن، جن مان اڪثر دوهڙي جي شڪل

۾ آهن. البت ڪن ڳاهن ۾ ٻن مصرعن کان پوءِ ورائي طور هڪ ننڍي تڪ بہ پـويان ٻيهاريل آهي. مضمون جي لحاظ کان انهن ۾ قصي جي ڪن خاص موقعن جو مضمون آيل هوندو آهي. انهن جي قدامت ڪٿي نہ ٿي سگهجي. البت ايترو چئي سگهجي ٿو، تہ ”ڳاهہ“ تمام قديم زماني کان پنهنجو پاڻ ۾ ٻين سگهڙن جي زباني هلندا اچن. هيٺئر قصي جي سلسلي ۾ جيڪي ڳاهون ملن ٿيون ؛ انهن مان گهڻيون بيهڪ توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان پوءِ جون معلوم ٿين ٿيون. ان هوندي بہ ڪن ڳاهن بابت محققن جو رايو آهي، تہ اهي قديم زماني يعني سومرن جي دور جون آهن. هن هيٺ اهڙي قسم جون ڪجهہ قديم ڳاهون نموني طور ڏجن ٿيون :

1- ڏمڻ سونارو: هي هڪ نيم عشقيہ قصو آهي، جنهن ۾ اروڙ جي راجا دلوراءِ جي وزير ”ڏمڻ سوناري“ جي پٽ جي محبت راجا دلوراءِ جي ڌيءَ سان ڏيکاريل آهي. ان قصي جي وچ تي ڳاهون ملن ٿيون، جن مان هڪ هيٺ ڏجي ٿي. اندازو آهي تہ اهو بيت فني ستا توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان ان دور جو آهي:

جاڳ سجاڳ سڌير ٿي ، تون سولو ڏارو ڏار؛
پنج اڳيئي ماريا، هي سهائيءَ جو سهاڳ (1)

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ؛ ”ڳاهن سان ڳالهيون“ ص 5 ۽ 6

رزميه ڳاهون: رزميه قصن جي وچ تي به ڳاهون ملن ٿيون، جن مان ڪي ڳاهون ان دور جون چئي سگهجن ٿيون. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان زماني ۾ رزميه شاعريءَ جو وجود به موجود هو. نموني طور ڪجهه ڳاهون ۽ زرميه قصن جي تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

## سومرن ۽ گجرات جون لڙايون:

هي لڙايون 115ع کان 1250ع واري عرصي ۾لڳيون انهن لڙاين ۾ سما سومرن جا ساٿياري هئا. هڪ مقابلو همير سومري جي ڏينهن ۾ ڪڇ جي سمي چام پونئري ۽ گجرن جي سردار "وير" گجر جي وچ ۾ ٿيو.
ان رزميه داستان جي وچ تي هي ڳاهه به ملي ٿو:

پونئري ڪيا پرياڻ، برڙي تي ٻر پيا؛
تني وچي واريون، لوڙيون لک مٿا. (2)

هڪ ٻيري صلح ٿيو ۽ سومري حاڪم پونگر، گجرن کي سگ ڏيڻو ڪيو. پونگر جي پٽ "ڏونگرراءِ" صاف انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري گجرن سومرن تي ڪاهيو. ڏونگر جو ياءُ دودي سان ڪاوڙيل هو ۽

---

(1) ڊاڪٽر نبي‌بخش‌خان‌بلوچ: ڳاهن سان ڳاليون، ص 8
( 2 ) ايضا ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:
سنڌي سوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 63
(3) هي دلوراءِ اڳيون نه آهي؛ پر ان جي خاندان مان پوءِ تي گذريو،

دلوراءِ (3) وٽ وڃي رهيو هو. ڏونگر دودي ڏانهن نياپو موڪليو، پر جيئن ته دودو ڪاوڙيل هو، تنهنڪري چارڻ کي چيائين ”جيڪڏهن هيٺا ٿيا آهن، ته ڪنهن ٻانهيءَ جو سڱ ڏيئي ڪٽي صلح ڪن.“ ان تي چارڻ چيس:

جر نہ ڪتن ڪنگرين، راؤ نہ گنڍين ويڻ؛
گولي وڃي گجرين، تہ چندا دودي پيڻ. (1)

دودي چنيسر جي جنگ: چوڏهين صدي عيسوي جي اوائل (1313ع) ۾ ٿي، جنهن کي ”ٻاگهو“ نالي ٻان ڳائي وڃائي مشهور ڪيو. هن قصي ۾ سگهڙن سومرن جي بهادريءَ سان گڏ سمي جي سورهيائيءَ کي بہ ساراهيو آهي، جنهن سومرين جي سام جهليندي سر ڏنو هو. ان قصي جون ڪجهہ ڳاهون هيٺ ڏجن ٿيون، جن بابت ماهرن جو اندازو آهي؛ تہ ان دور جون چيل سگهڙن ٿيون: (2)

او ابڙو ايڪڙ؛ او ڏونگر ئي ڏيهہ ٻيو،
او جوٺا چاڙهو جڳ، جو سرڏين سونتا سهي.

---

آپ سيڪنهن آچو، آپ نہ آچو ڪوءِ،
مٺي بہ مٺي ٿيو، سورهہ سر سندوءِ.

---

آڙ آڏي هئي ابڙي، نو چليو ڏهہ لک؛
گهوڙي ڪند نہ ڦيريو، ماري او خلق.

---

(1) سنڌي ٻولي جي تاريخ، ص 63 (2) ايضا، ص 66

ٻاٽي ٻاٽي ڏينهڙا، لڳا ڏونگر راو سٽي؛
مردن اڇي مامرو، پڌرو پڳ مٿي. ( 1 )

هن واقعي بابت تاريخ مان ايترو معلوم ٿئي ٿو، ته هندستان جي بادشاهه سلطان علاؤالدين (1296ع - 1316ع) جي سپهه سالار ظفر خان سنه 697 هه (1297ع - 1298ع) ڌاري سنڌ تي چڙهائي ڪئي. ان ڪري عوامي پٽن ۽ پاڻ سلطان علاؤالدين جي جنگ سمجهي ڳايو. جيئن ته هيءَ ڌارين جي ڳالهه هئي، تنهن ڪري اڄ تائين قومي اهڃاڻ سمجهي وڃي ٿي.

## چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ

دودي جي پٽ همير عمرڪوٽ کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بنايو هو. چام هالي سمي جي ڌيءَ ٻاگهي سنڌس گهر ۾ هئي. ٻاگهيءَ جي پاءُ "هوٿي" جي دل همير جي پٽ "جيجڙي" تي هرڪجي پيئي ۽ "هالي" "همير" کان سڱ گهريو، جنهن انڪار ڪيو. ان تي پنهي جي وچ ۾ ائٽبٽ تي پيئي ۽ همير ڪاوڙجي ٻاگهيءَ کي ڪوٽ مان ڪڍي ڇڏيو. ٻاگهي پيءُ وٽ ڪونه ويئي، پر اباڻي خدمتگار "سيڪڙي" سان ٻاهر حويلي ڪاهي وڃي ويٺي. همير جا ماڻهو کين ستائڻ

( 1 ) ڊاڪٽر نبي‌بخش خان بلوچ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 66 - 67. محرم خان جو مقالو، شايع ٿيل سرماهي مهراڻ، جلد 3 - 4، 1966ع.

لڳا، جن سان سيڪڙو سامهون ٿيو ، پر مارجي ويو. ان تي ٻاگهي ٻيءَ کي جيڪو پيغام موڪليو، ان کي سگهڙ هن طرح منظوم ڪيو آهي:

ٻل ٻابل ٻانهو مئو، هئو سو ان مڙ سان رو ٻن،
هيري رتاس ڳنڙا، هوس ڪاتيءَ سونو ڳن!
مولهيو موتين ڇانئيو، هوس پرپر موتين پوت (1)

ان تي چام هالي جا پٽ هوتي، علي، ٻلي ۽ ٻيا چڙهي آيا.

ٻلي پاڻي نہ پئي، علي ان نہ کاءِ،
همبرائي ڪوٽ سان؛ جان جان جنگ نہ ڪياءِ، (2)

ان جنگ ۾ چام هالي جي فتح ٿي، ۽ همير سومرو مارجي ويو. پر هوتي بہ مارجي ويو، جنهن تي ٻاگهيءَ پار ڪيو.

هوتيءَ جي ڦٽيءَ کي، هو گيور گيور گل
سڀ مرن سومرا، توءِ ڪونهي ڦٽيءَ تل.

---

وڻين جهليو نہ رهي، هوتيءَ سندو گهاءُ،
ڪونہ پرائيندو ٻاءُ، تنهن سان وڃي مامرو. (3)

سورهين ۽ سخين جي ساراهہ ۾ مدحيہ بيت ۽

---

سومرن بابت سلون:

سومرن جي ڏينهن ۾ سمن جون سرداريون هيون، جيڪي سورهيہ سردار هجڻ سان گڏ سخي مرد بہ هئا.

---

(1) سنڌيءَ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ- ص 67، (2) ۽ (3) ايضا، ص 68.

سگهڙن سندن سخاوت ۽ سورهيائيءَ جي ساراه ڪئي آهي. سخاوت جي سلسلي ۾ ڏهه ڏاتار مشهور ٿيا، جن ۾ ڪي سومرن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: لاکو ڦلاڻي، وڪيو ڏاتار، جکرو اوڍائو، اُنڙ جکراڻي، سپڙ چاٽائي ۽ هٿند ٺڏائي. لاکو سورهيه ۽ سخي به هو. ته سرڪش به هو. سندس چوڻ هو ته جيڪو ڪيس پيءُ ڦل جي مرڻ جي خبر ٻڌائيندو، ان جي زبان وڍائي ڇڏيندو. هڪ ڀان اٽڪل ڪري، هن بيت ذريعي کيس خبر ٻڌائي:

هڪ ڦل پسجي واڙين،
ٻيا جي ٻنين ڏاڻ؛
لاکا! آءُ مهراڻ
توريءَ سڄو ڪاڇڙو. ( 1 )

(يعني: هڪڙا ڦل (گل) واڙين ۾، ۽ ٻيا ڦل (گل) ٻنين ۾ پچندي ڏسجن ٿا. يعني ”ڦل“ ناالي هينئر ڪونه ٿو ڏسجي.

لاکا! مهراڻ مثل اچ، جو تو ڪانسواءِ ڪاڇو سڄو آهي).

چارڻ سپڙ چوٽائيءَ جي سخا جي ساراهه ۾ سمنگ چارڻ چيو:

ٻاجهائو ٻيلي ڏٺي، ٻجهان ٻاجهه پئي؛
سپڙ سان سٽي؛ جيڪا چارڻ چت ۾.

چارڻ جکري اوڍائي جي ساراهه ۾ سمنگ هي بيت چيو آهي:

چڙهي ميڙي ماڳ؛ اوچو اڏرڪي ونو؛
تارا نه ڪين تاڳ؛ چارڻ اوڍائي جکرو.

---

(1) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 69.

چار اوٺي جکرائيءَ سوالن تي مال جا وڳ ٻه ڏاڻ ۾ ڪاهي ڏنا.

سمنگ بيت ڏنو:

اوٺي جي ڏاڻ، کيهون ابر لڳيون،
رڃ پيٺي راڻ؛ ڏاتار تت ڏتجي ويا. (1)

[اوٺي جيڪي وڳ ڏاڻ ۾ ڏنا، انهن جي پيرن جي ڌوڙ آسمان تائين ٿي پهتي انهي رڃ (ڌوڙ) راڄن جا راڻا ۽ ڏينهن جا ڏاتار ڍڪي ڇڏيا.]

ان مان معلوم ٿيندو، ته انهن ڏينهن ۾ سورهيه ۽ سخي مردن جي ساراه ۾ بيتن چوڻ جو عام رواج هو ان سان گڏ ڀٽن ۽ ڀانن ۾ اها ٻه ڳالهه هئي، ته جيڪو حاڪم ۽ سردار ڪنجوسائيءَ ڪان ڪم وٺندو، هو، يا ڀٽن ۽ ڀانن کي ستائيندو هو، ته ان کي نندينديءَ هجويه بيت ٻه چيا ويندا هئا. جيئن ته سومرا سخي ڪونه هئا، تنهن ڪري هڪ سگهڙ سومرن کي هن طرح نِنديو آهي.

سچو ڦسيءَ پيا سومرا،
اڌ ڦسيءَ پيو لوڪ؛
جهيٺي ٻارڻ جهوڪ،
نه ته ليڙ پيائي لاٿون ڪري. (1)

---

( 1 ) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "ڳاهن سان، ڳالهيون"، ص 178.

(جيڪڏهن اڏ ڦٽ پيئي جهان تي، ته سڄي ڦٽ سومرن تي ڇاڪاڻ جو سندن ڳوٺ ۽ بستين جي ٻاه، جهوڪ ويلي جهٽي ٿيو وڃي- باقي ٻين وقتن تي لاتون ڪيو پيئي ٻري.)

اروڙ جي حاڪم همير سان سمنگ چارڻ جو ساڙهو؛ ڇاڪاڻ جو هڪ ڀيري هن قيد ڪيو هوس. هڪ بيت ۾ همير کي هن طرح ننديو اٿس:

ستين ۽ هو سوجهرو، انهن ۽ تي اونداهه،
هميرائي ٻاهه، وسائي ورهين کي (2)

(يعني: ڀهرين ڀڳ دلوراءِ ڪان وٺي ڀونگر تائين سٽ ئي راڄ روشن هئا، پر انهن ڀڳ "همير" اونده ڪري ڇڏي.)

هڪ ڀيري سمي چام لاکي جي پٽ ڦل هڪ چارڻ کي ڪي گهوڙا انعام ۾ ڏنا، جيڪي ڊوري راءِ سومري جي سازش سان چورائجي ويا. انهي ۽ ڪري ٻنهي تي ڇوهه ڇنڊيندي هن طرح چيائين:

ڊيري ڊوري راءِ، جنهين چارڻ سان ڪاهه،
پٽڻ پٽي جو ٿيو، سيڄ وتايو ساهه،
هميران ڀوراهه؛ راڄ نه ڪندا سومرا.

هي بيت ۽ روايت بهاولپور گزيٽيئر ۾ پٽن شهر جي بيان هيٺ آيل آهي. (3)

---

(1) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 69.

انهن بيتن ۾ سنڌ جي ثقافت، تاريخ جاگرافيءَ جو نهايت قيمتي سرمايو سانڍيل آهي. انهن مان سنڌين جي سخاوت ۽ سورهيائيءَ جي خبر پري ٿي، ته تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي وچايل وٿن جي به نشاندهي ٿئي ٿي.

سمنگ چارڻ:

انهيءَ زماني ۾ ڪيترائي ڀٽ ۽ ڀان ۽ چارڻ ٿي گذريا، جن مان سمنگ چارڻ سير سرس هو. انهيءَ ڪري فقط انهيءَ ئي چارڻ جو نالو زنده رهيو. سندس زمانو انداز 950ع کان 1050ع جي وچ وارو آهي.

ڪيرا ڪوٽ جو رهاڪو هو، ۽ اتي جي حاڪم لاکي ڦلاڻيءَ جو درباري شاعر هو. سڄيءَ سنڌ جو سير و سفر ڪيو هئائين. اروڙ ۽ برهمڻ‌آباد جي حاڪم همير وٽ به ويو هو، ته ڪڇ جي راءِ وکئي چام وٽ به ويو هو. (1) سندس بيت اڳ ۾ اچي چڪا آهن.

ٻيا واقعاتي بيت:

سومرن ۽ سمن سردارن کان سواءِ ٻيا واقعاتي بيت به ملن ٿا، جيڪي مقامي روايتن سان تعلق رکن ٿا. اهي بيت به فن، سٽا، ٻولي ۽ ادبي روايت موجب سومرن جي دور جا معلوم ٿين ٿا. اهڙي قسم جا جيڪي بيت مليا آهن، انهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

(2) مقالو سمنگ چارڻ، ٽه ماهي مهراڻ، نمبر 1 ۽ 2، سال 1966ع (3) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 70.

1ـ بکر جا رضوي سيد ۽ سنڌي بيت:

علاؤالدين خلجيءَ جي گورنر نصرت خان جي بکر جي رضوي سيدن سان عقيدتمندي هئي. هو ايتري قدر تہ معتقد هو، جو پنهنجي نياڻيءَ جي شادي بہ هڪ رضوي سيد سان ڪيائين ۽ ڏاج ۾ روهڙيءَ جي پسگردائيءَ وارا ٽڪر جاگير طور ڏنائين. موجوده ڳوٺ امير واهڻ انهيءَ جاگير جو هڪ حصو هو. سنہ 1337ع ۾ سلطان علاؤالدين، نصرت خان کي گجرات ۽ راجپوتانا جي مهم تي موڪليو. گجرات وڃڻ لاءِ سنڌ مان رستو هو. پاڻنجي تو تہ هو انهيءَ مهم دوران رضوي سيدن جو عقيدتمند ٿيو هوندو هڪ پيريءَ جاگير جي ڏيل اڳاڙڻ تي نصير خان جي ڏوهٽن مان هڪڙي جي نوڪر کي سندس پاءُ ماري وڌو. ان واقعي ڪان پوءِ پاءُ ڏانهن چوائي موڪليائين:

جي ڪنيءِ تہ منين، جي وڻين تہ واءِ
پنهي منجهان هڪڙي، هڪ نہ آيہ ڪاءِ. (1)

هن بيت کي 14 صدي عيسويءَ جو چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو نصرت خان 1328ع ۾ وفات ڪئي، يعني سومرن جي دور جو سمجهڻ گهرجي، ادبي ۽ فني لحاظ کان بہ سومرن جي دور جو ادبي ورثو معلوم ٿئي ٿو.

(1) مقالوسمنگ چارٽ، سہ ماهي مهراڻ، سال 1966ع نمبر 1 ۽ 2، ص 131.

## پير پٽو:

حضرت غوث بهاؤالدين زڪريا جي مريد شيخ جيو (مڪليءَ جو ڏيو) کي لاکائيا ۽ نور سيا قوم وارن شهيد ڪري ڇڏيو. ان واقعي کان متاثر ٿي پيرپٺي چيو:

نورسيا نہ رسيا، لٿو ليکو لاکائين،
مدي رکي من ۾، جيئو ڪنو جن،
توڙئون لگو تن، بجو بهاؤالدين جو.

پير پٺي جو هڪ ٻيو بيت بہ ملي ٿو، جنهن ۾ ديبل بندر ۽ مڪليءَ تائين درياه جي پوڌ جو ذڪر آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سومرن جي دور تائين ديبل بندر موجود هو:

ديبل پاس ڏڪيلجي، آيو آب اپار؛
مڪليءَماڳ مٿاهينءَ، ٿياسون ڏاروڏار.

## مذهبي تحريڪون ۽ گنان:

سومرن جي ڏينهن ۾ اسلام جي مختلف فرقن جا مبلغ سنڌ ۾ آيا. هڪ طرف سهروردي ۽ قادري طبقي جا بزرگ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تبليغ ڪري رهيا هئا، تہ ٻي پاسي اسماعيلي داعي پهچي ويا. سڀ کان پهريائين اسماعيلي عقيدي جي 18 امام جي فرمان موجب سيد نورالدين سنہ 62ع (1079ع) ۾ هتي آيو. هن بزرگ مقامي زبانن هندي، گجراتي ۽ سنڌي کي پنهنجي تبليغ

(1) سري جا سرموڙ (اڻ ڇپيل) شيخ محمد فاضل،

جو ذريعو بنايو. سندس ڪلام جو نمونو به ملي ٿو، جنهن ۾ سنڌي، گجراتي ۽ هنديءَ جا گاڏڙ لفظ ملن ٿا. سندس ڪلام جو نمونو هي آهي:

”بن ڪلمي بندگي ڪري، تو بندگي سڄي سار،
جيو نت اٺ راه چاٺا، آخر اجڙ واس“. (1)

ڪائنس پوءِ پير شمس سبزواري ملتاني (1065ع-1176ع) 1201ع ۾ هتي آيو. ملتان ۾ مدفون آهي. سندس ڪلام ملي ٿو، جنهن ۾ سنڌي ۽ ملتاني گاڏڙ آهي. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

رب تون رحمان تون؛
ياعلي اول آخر قاضي تون ئي تون.
حق تون پاڪ تون، بادشاه؛
مهربان يلي ياعلي تون ئي تون؛ (1)

ان تبليغ جي سلسلي کي پير شهاب‌الدين ۽ سندس فرزند پير صدرالدين (1290ع - 1409ع) جاري رکيو. کيترائي لوهاڻا ۽ برهمڻ پير صدرالدين جي هٿ تي مسلمان ٿيا ۽ ”خواجه“ جو لقب حاصل ڪيائون. سندس ڪلام هندي، گجراتي ۽ سنڌي زبان جي ڪڙي لاڙي ۽ ملتاني محاورن ۾ ملي ٿو هن صاحب پنهنجي

---

(1) خواجه غلام‌علي الانا جو مقالو: سومرن جي دور جي سنڌي شاعري: شايع ٿيل سه ماهي مهراڻ ج، 9، نمبر 2

انهيءَ تعليمي ڪلام کي گنان نالو ڏنو، جيڪو
”گيان“ جي بدليل صورت آهي. (2)

فني لحاظ کان سيدنورالدين ۽ پير شمس سبزواريءَ جي ڪلام جي ساخت دوهي جي سٽا جهڙي آهي. ليڪن ”گنان“ جي سٽا مختلف نوعيت جي آهي. ”گنان“ مسلسل نظم آهن، جن ۾ هر بند دوهي جي سٽا جهڙو آهي، ۽ اهڙا ڪيترائي بند ”گنان“ ۾ تين تاء شروع ۾ ورائي ٿئي، جيڪا هر بند کان پوءِ وري وري دهرائجي ٿي. وائيءَ جي ساخت به لڳ ڀڳ هن قسم جي نظم جهڙي آهي. ان مان پائنجي ٿو، ته سنڌ ۾ ”وائي“ جي سٽا جهڙي صنف موجود هئي.

مضمون جي لحاظ کان ”گنان“ ۾ مذهبي تعليم، اخلاقي سکيا ۽ دنيا جي بي ثباتي بيان ڪيل آهي. ڪلام کي خالص ديسي تشبيهن ذريعي سينگاريو ۽ مؤثر بنايو ويو آهي. سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

شاهه جو مجيئڙو تني کي،
جيڪي صبوحڙي جاڳين.
اُٺي الله لم گهرين بندا،
تون ستين سڄي رات.
نڪا جهوري جيو جي پانها
نڪو سمر ساٿ
شاهه جو مجيئڙو تني کي،
جي صبو حڙي جاڳين. (1)

(1) ايضا (2) ايضا

## ڳيچ

ڳاهہ ڪان سواءِ سنڌي قديم شاعريءَ جو ٻيو نمونو آهي : ”ڳيچ“ يا ”ڳيا“ ڳيچ لفظ بہ ”ڳاءِ“ مان سرجيو آهي. اهو لفظ ”ڳاءِ“ اڃا تائين ڪوهستاني عورتن ۾ مروج آهي. انهيءَ ساڳي لفظ کي ڳاج، ڳاجِ، ڳاچ يا ڳيچ بہ ڪوٺيو ويو. ڳيچ شاديءَ ۽ خوشيءَ جي موقعي تي عورتون ڳائينديون آهن. انهن کي هينئر اتر سنڌ ۾ سهرو چيو ويندو آهي. هيءُ هڪ قسم جي سادي شاعري آهي، جنهن جي ڪا خاص فني سٽا ڪانهي. ڪڏهن ان ۾ ڪٿي ڪٿي قافيو هوندو آهي، تہ ڪڏهن اهو بہ ڪونہ هوندو آهي. البتہ ان ۾ فطري سادگي سان گڏ رس، رچاءُ ۽ رواني هوندي آهي. سنڌي ڳيچ سنڌي رهڻي ڪهڻيءَ جا ترجمان آهن. انهن ۾ سنڌ جي مخصوص ريتن رسمن، ذهني لاڙن مزاج ۽ فطرت جو عڪس نظر ايندو. ڪيترا ڳيچ اهڙا بہ مليا آهن، جن ۾ سومرن جي زماني جي سنڌي ثقافت جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. اهي ڳيچ ان دور جا چئي سگهجن ٿا. هن دور جي هڪ شاعره ”مائي مرڪان شيخڙ“ (وفات 1300ع) جا ڳيچ بہ مليا آهن. ڏانهنس منسوب جيڪي ڳيچ مليا آهن، انهن مان ڪيترا ٻوءِ جا نهيل معلوم ٿين ٿا. ان هوندي بہ ڪجهہ ڳيچ ان دور جا نهرائي سگهجن ٿا.

---

(1) ايضاً

## ادبي جائزو:

سومرن جو دور سنڌي ادب جو بنيادي پٿر آهي. هن دور ۾ سنڌ جي رومانوي داستانن، رزميه، واقعن سخي سردارن جي ڪارنامن ۽ واقعاتي بيتن جو بنياد پيو. اهي ڳالهيون اڳتي هلي سنڌي ادب جو تاڃي پيٽو بنيون. ان مان ثابت ٿئي ٿو، ته ان زماني ۾ ئي سنڌي زبان ۾ ادبي زبان جون سموريون صلاحيتون موجود هيون. هن هيٺ ادبي جائزو پيش ڪجي ٿو.

1۔ هن دور ۾ سنڌ جي مشهور رومانوي داستانن جهڙوڪ: سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر ۽ سهڻي ميهار وغيره جو بنياد پيو؛ جيڪي اڳتي هلي سنڌي شاعريءَ لاءِ تمثيلي قصا ٿي ڪم اچڻ لڳا ۽ اڄ تائين سنڌي ادب تي انهن جي حڪمراني قائم ۽ دائم آهي.

2۔ رزميه واقعن، مقامي ڳالهين ۽ عام قصن ڪهاڻين تي مبني ڪهاڻيون ۽ داستان رائج ٿيا، جيڪي نثري داستانن ۽ آکاڻين جو بنياد بڻيا.

3۔ قصن ۽ واقعن ذريعي سنڌي بيت ” ڳاهه “ جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. هي ابتدائي نوعيت جا بيت آهن؛ جيڪي ڳالهين ۽ واقعن جي وچ تي اچن ٿا ۽ موقعي ۾ مهل کي وڌيڪ مؤثر بڻائين ٿا.

4ـ هن دور ۾ واقعاتي ۽ بياني بيت به ملن ٿا، تہ مدحيہ ۽ هجويہ بيت بہ ملن ٿا.

5ـ هن دور جي مشهور لڙاين بابت جيڪي بيت ملن ٿا، اهي رزميہ شاعريءَ جو سهڻو نمونو پيش ڪن ٿا.

6ـ اسماعيلي مبلغن جي ڪلام ۾ تبليغي نوعيت جا اشعار ملن ٿا، جن ۾ اسلامي اصولن سان گڏ، اخلاقي هدايتون ۽ دنيا جي بي ثباتي جو ذڪر بہ نظر اچي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ روحانيت ۽ تصوف جو مضمون بہ سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ٿي چڪو هو.

7ـ فني لحاظ کان گهڻي قدر بيت يا ڳاهہ، هندي چند وديا جي صنف "دوها چند" موجب ملن ٿا. دوها چند ۾ هر بيت ۾ ٻہ سٽون ٿين، ۽ قافيو هر مصرع ۾ پويان اچي.

8ـ ڪي بيت سورٺا، چند موجب بہ مليا آهن. اهڙن بيتن ۾ بہ ٻہ سٽون ٿين؛ پر قافيو ٻنهي سٽن جي وچ تي اچي.

9ـ ڪي بيت دوها سورٺا ميل وارا آهن. اهڙن بيتن جي ٻن سٽن مان هڪ دوها چند جي، تہ ٻي سورٺا چند جي آهي.

10ـ ٽوڙا بيت ٽن سٽن وارا بہ مليا آهن، جهڙوڪ: پير پٺي جي روايت جي سلسلي ۾ آيل بيت؛ ڏوري راءِ لاءِ هجويہ بيت، جيڪو بهاولپور گزيٽيئر جي حوالي سان مليو آهي وغيره. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌي

بيت ان زماني ۾ ٽي ٽن سٽن تائين پهچي چڪو هو. انهن ٽن سٽن وارن بيتن ۾ هڪ سٽ دوها يا سورٺا ڇند واري؛ ٻي سٽ دوها ڇند واري؛ ۽ ٽين سٽ سورٺا ڇند واري آهي.

يعني ٻن ڪان وڌيڪ سٽن جي حالت ۾ بيت جي پوئين سٽ جي وچ تي قافيہ آڻڻ جي روايت ان وقت ٿي موجود هئي. اها ڳالهہ اڳتي هلي سنڌي بيت جي مستقل فني روايت بنجي ويئي.

11- اسماعيلي مبلغن جا چيل ڳنان "وائي" يا ابتدائي نوعيت جي ڪافيءَ جي ستا جي نشاندهي ڪن ٿا، جن ۾ پهرين مصرع "ٽل" ۽ ورائي جو ڪم ڏئي ٿي.

# باب ٻيو

## سمہ دور

**سياسي پس منظر:**

سومرن جي ڏينهن ۾ ئي سنڌ جي هيٺاهين حصي ۾ سمن جون سرداريون موجود هيون. سومرن جي زوال جي ڏينهن ۾ سما زور وٺڻ لڳا. آخر سومرن جي پوئين حاڪم همير سومري کي ڄام انڙ جي سرداري ۾ سنہ 51 - 750ھ (1351ع) ڌاري شڪست ڏيئي، انهي ۾ خودمختيار حڪومت جي بنياد وڌائون. سمن جي ڪل 18 حاڪمن پوڻا ٻہ سو سال حڪومت ڪئي. آخر سنہ 926 (1520ع) ۾ شاھ بيگ ارغون ڄام فيروز ڪان ٺٽو فتح ڪيو ۽ سمن جي آزاد حڪومت جو خاتمو ٿيو. سمن جا گجرات، ڪڇ ۽ راجستان سان تعلقات رهيا. سمن جي ڏينهن ۾ بهاولپور ۽ ملتان سان بہ تعلقات وڌيا، ڇاڪاڻ جو سما مخدوم جهانيان جهان گشت جا مريد هئا. ان کان سواءِ ڄام سڪندر جي زماني ۾ بهاولپور وارو حصو سمہ حڪومت ۾ شامل ٿي چڪو هو.

## سنڌي ٻوليءَ جون حدون:

سمن جي ڏينهن ۾ سنڌي ٻولي سنڌ جون حدون اورانگهي پري پري تائين پهتي. ڏکڻ اوڀر ۾ ڪاٺياواڙ ماناوادر، راجڪوٽ ۽ ڄام نگر تائين سنڌي زبان جي نشاندهي ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي علائقن جي زبانن کي سنڌي زبان جي لهجن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

اهڙيءَ طرح اولهه ۾ اوتر اولهه ۾ قلات، سبي، ڪڇي ۽ ٻاگهاڙي علائقن ۾ ڦهلي. ڏکڻ اولهه ۾ لس ٻيلي، مڪران ۽ پسني طرف به سنڌي زبان جو هڪ محاورو ملي ٿو. اتر ۾ بهاولپور ۽ ملتان طرف وڌي. انهيءَ ڦهلاءَ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جو سرائڪي، بلوچي ۽ گجراتي ٻولين تي اثر پيو؛ ۽ انهن ٻولين جو ڪجهه اثر ان طرف جي سنڌي لهجن تي پيو. انهن اثرات جي ڪري مڪران ۾ جدگالي، لس ٻيلي ۾ لاسي ۽ ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ ۾ ڪاٺياواڙي ۽ ڪڇي محاورا وجود ۾ آيا. ٿري ۽ لاڙي محاورن تي گجراتي زبان جو اثر ظاهر آهي، ۽ اتراڊي زبان تي ڪجهه اثر سرائڪي زبان جو آهي.

## فارسي زبان:

سومرن جي ڏينهن ۾ ئي فارسي سرڪاري زبان بڻجي چڪي هئي. سمن جي ڏينهن ۾ فارسي زبان جو

رواج اچا ۽ وڌيو ۽ فارسي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو آغاز ٿيو. ان دور جي ڪن فارسي شاعرن جا نالا ۽ ملن ٿا، جهڙوڪ: ڄام جوڻو، شيخ حماد جمالي، شيخ عيسيٰ لنگوٽي، شيخ جهنبو پاٽئي، ڄام ننڊو ۽ مخدوم بلال. ان دور جو هڪ فارسي ڪتبو به مليو آهي؛ جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، ته فارسي ۾ ڪتبن لکڻ جو رواج پئجي چڪو هو.

## علمي ذوق:

سمن جي ڏينهن ۾ اسلامي علوم جي وڏي ترقي ٿي. مدرسا قائم ٿيا، ۽ حڪمرانن طرفان اسلامي تعليم جي واڌاري طرف خاص ڌيان ڏنو ويو. ٺٽو اسلامي علوم جو وڏو مرڪز بڻجي ويو. ڪيترائي عالم پري پري کان اچي ٺٽي ۾ رهيا. ٺٽي کان سواءِ سيوهڻ، بکر، دربيلي، ڏٺي، ڀرلوءِ، پاٽ، هالا ڪنڊي، نصرپور، بکر، اگهامائي، ۽ ٻين شهرن ۾ اسلامي علوم جا وڏا مدرسا هئا.

## سنڌي ادبي سرمايو:

**هڪڙيون بيت:** سومرن جي حڪومت جي زماني ۾ ڄي سمن سردارن جي سخا مشهور هئي، جن ڪي سگهڙن ان دور ۾ ڳي ساراهيو. ان سلسلي ۾ ڏهه ڏاتار مشهور ٿيا جن مان ڇهه سومرن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريا. باقي چار ڄام ابڙو، ڄام پونرو، ڪارائڙو سمو ۽

بدامائي پنرو هن دور ۾ ٿي گذريا. سگهڙن انهن جي سخا ۽ سورهيائيءَ کي به خوب ساراهيو ڏهن مان جيڪي ڇهه سومرن جي ڏينهن ۾ سردار هئا، انهن جا نالا هي آهن: لاکو ڦلاڻي، وڪيو ڏاتار، جکرو اوڍاڻو، اوٺو جکراڻي، سپڙ چوٽاڻي ۽ هٿند ٽڏاڻي.

عشقيه داستان:

سمن جي محبت جا داستان به ڳايا ويا، جهڙوڪ: چام لاکو ۽ مهر راڻي، چام لاکو ۽ اوڏڻ، چام اوڍو ۽ هوتل پري، چام جراڙ ۽ بوبنا؛ چام تماچي، دولهه درياخان ۽ همون وغيره. انهن مان ”نوري چام تماچي“ تمام گهڻو مشهور ٿيو. اهو قصو ٻين مشهور رومانوي داستانن جهڙوڪ: سسئي پنهون، مومل راڻو؛ عمر ماروئي وغيره سان گڏ سنڌي شاعريءَ جو تمثيلي قصو بنجي ويو.

سمن جي دور جي مذکور عشقيه داستانن جي وچ تي ڳاهون ملن ٿيون؛ جن مان ڪن بابت اندازو آهي ته اهي سمن جي دور جون جوڙيل آهن. نموني طور ”چام اوڍو ۽ هوتل پري“ جي عشقيه داستان جي وچ تي آيل به ڳاهه هيٺ ڏجن ٿا:

”چام اوڍو“ ڪڪرالي پرڳڻي (موجوده تعلقو شاهه بندر، ضلعو ٺٽو) جي حاڪم ”چام موهر“ جو ننڍو پاٽ هو. چام اوڍي تي سندس پاڇائي عاشق ٿي پيئي. انهيءَ ڪري هو ملڪ ڇڏي ڪڇ طرف هليو ويو.

ان موقعي تي سندس ڀاڄائيءَ جي جذبات جي ترجماني سگهڙ هن طرح ڪئي آهي:

اتر سيگهون ڪيون،
ڏونگر ڏمريا،
هينئڙو ڦٿڪي مڇيءَ جيئن،
ساڄن سنيريا (1)

اوڏانهن چام اوڍي جي هوٿل پريءَ سان محبت ۾ ويئي، ۽ آخر ٻنهي جي شادي ٿي. هوٿل جي جذبات جو اظهار سگهڙ هن طرح ڪيو آهي:

ادا! توسين آر؛
ڪروسرين نه سپ چمار
شل ٿر ٻاپيهي ٿي مران(2)

## مذهبي تحريڪون:

سمن جي ڏينهن ۾ به اسماعيلي تحريڪ جاري رهي. پير صدرالدين زندگيءَ جو آخري حصو سمن جي ڏينهن ۾ گذاريو. پير صدرالدين وانگر پير حسن ڪبيرالدين، پيرتاج الدين ۽ پير امام شاهه جو ڪلام به ملتاني، سنڌي، ڪڇي ۽ گجراتي زبانن ۾ ملي ٿو. پير تاج الدين ڀنڊي، جوڻ ۽ فتح باغ طرف اسماعيلي خيالن جي تبليغ ڪندو هو. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

---

(1) ڊاڪٽر نبي‌بخش خان بلوچ: سنڌيءَ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. ص 94 (2) ايضا

هيٺي وکري، سو وٺج نہ ڪيجي؛
ڪيا ليجي، ڪيا ڏيجي.
ماڻڪ چوڙي وچي ڪچ وٺجن؛
تن سان نہ وٺج ڪيجي. (1)

سندس ڪلام ۾ گجراتي جو اثر ظاهر آهي.

2۔ ان دور ۾ مهدي جونپوري بہ سنڌ ۾ آيو، جنهن ڪري مهدوي تحريڪ سنڌ ۾ داخل ٿي. ڪيترائي عالم ۽ فاضل هن تحريڪ سان وابستہ ٿي ويا؛ جن مان قاضي قاضن، قاضي شيخ محمد اچي، جعفري ۽ ابوبڪر بکري جا نالا قابل ذڪر آهن. ڪيترن عالمن هن تحريڪ جي مخالفت ڪئي ۽ حڪمرانن بہ انهن جي طرفداري ڪئي. جنهن ڪري سيد ميران محمد جونپوري سنڌ مان هليو ويو، ۽ تحريڪ وڌيڪ ڦهلجي نہ سگهي. مشهور سنڌي شاعر قاضي قاضن هن تحريڪ سان وابستہ هو. سندس ذڪر بعد ۾ ايندو.

ماموئي فقير ۽ انهن جا بيت:

هي ست درويش سمن جي اوائلي دور سان تعلق رکن ٿا. ست سنڌي بيت انهن درويشن ڏانهن منسوب آهن. چيو وڃي ٿو، تہ هي ست سيلاني گهمندا اچي بادشاهہ جي شهر ۾ نڪتا. سمي بادشاهہ جڏهن سندن

(1) خواجہ غلام علي الانا جو مقالو: سومرن جي دور جي سنڌي شاعري: شايع ٿيل سہ ماهي مهراڻ ج، 9، نمبر 2

اچرج جهڙيون ڳالهيون ٻڌيون، ته اچي ڏپ لڳس، ته حڪومت نه ڪسين. انهيءَ ڪري سندن مارائڻ جو حڪم ڏنائين.

مرڻ وقت هرهڪ سنڌي بيت چيو، جنهن ۾ اڳڪٿي آهي. هي بيت "برٽن" ڪتان ٻڌي پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ ان جون قومون" ۾ نقل ڪيا آهن؛ جنهن تان ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ بين نقل ڪيا آهن. علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب لکيو آهي.

"برٽن توڙي هيگ صاحب کي انهن مان ڪيترن بيتن جي صحت ۾ شڪ آهي، پر تنهن هوندي به اقرار ڪرڻو ٿو پوي ته ڪم از ڪم پهرين ٻي ۽ ٽئين پيشنگوئي سچي آهي ۽ هرهڪ ۾ سمي راڄ جو زواليت ڏانهن اشارو آهي." (1)

اهي ٽي بيت هي آهن:

(1) هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻچندي ٻنڌ اروڙ؛
ٻه مڇي ۽ لوڙهه؛ سمي ويندا سوکڙي.

(2) وسي وسي آر جڏهن وڃي ڦٽندو؛
تڏهن ٻاروچاڻو ٻار؛ ٻنجين درمين وڪبو.

(3) اچي ويجها ماڙ هڻا؛ ننگر جي آڌار،
پراڻا پرار، نوان ۾ اڏاڄ نجهرا.

---

(1) ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه: سنڌي شاعر ۽ سندن شعر ص 5 ۽ 6.

محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو به خيال آهي، ته انهن مان گهڻا پوءِ جا ٺهيل آهن. سندس خيال آهي ته ڀهريون ۽ ستون ٻيٽ سومرن جي زوال ۽ سمن جي عروج واري وقت جا آهن. (1) محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب ستون ٻيٽ هن طرح ڏنو آهي جو ماهوار ”اخبار تعليم“ جي پرچي تان نقل ڪيو اٿس.

ننگر جي آثار، جم ويجها ماڙ هئا،
پراڻا پرار؛ نوان اڏ جـا نجهرا

ڀهرين ٻيٽ ۾ هاڪڙي جي وهڻ ۽ اروڙ جي ٻنڌ ٻڌڻ جي تمنا ڏيکاريل آهي. هاڪڙو جدا درياهه هو، جو قديم زماني ۾ وهندو هو ۽ اروڙ وٽان لنگهندو هو، قديم زماني ۾ اهو درياءُ خشڪ ٿي ويو. ان مان جڏهن ٿورو پاڻي ٿي وهيو، تڏهن اروڙ جي حاڪم بند ٻڌائي پاڻي متي روڪي ڇڏيو هو. اهو سومرن جو آخري دور هو. ڀهرين ٻيٽ ۾ ڏيکاريل آهي، ته هاڪڙو وري وهندو ۽ اروڙ جو بند ڀڄي پوندي. پوئين ٻيٽ ۾ ڏيکاريل آهي، ته ننگر وارو علائقو آباد ٿيڻ وارو آهي.

بهاولپور ۾ ”مروٽ“ جو قديم قلعو هاڪڙي جي ڪناري تي آهي. ان علائقي جي پسگردائيءَ مان قديم زماني جا به سرائڪي ٻيٽ مليا آهن. انهن ۾ به هاڪڙي جي ٻيهر وهڻ جي تمنا ڏيکاريل آهي:

---

سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 96

1- هڪڙا واهڻ پيي وسي، نديان وهسن پور؛
نہ چايا نہ جمسي، سوڍا راءُ امير (1)
هڪڙا ڦير پيي وهسي، نديان وهسن سيڙ؛
نہ چايا نہ جمسي، سوڍا راءِ امير (2)

هي بيت بہ سمن جي دور جا معلوم ٿين ٿا، چاڪاڻ جو سوڍو راءِ سومرن کان پوءِ سمن جي ڏينهن ۾ مروٽ جي قلعي جو حاڪم هو.

جنگي رجز يا نعرو:

هندستان جو حڪمران محمدتغلق سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو، پر 1351ع ۾ ٺٽي ۾ گذاري ويو. ان کان پوءِ فيروزشاهہ ڪاهہ ڪئي. ان جي لشڪر ۾ بيماري پيئي ۽ رسد بہ گهٽجي ويس. انهيءَ ڪري گجرات ڏانهن هليو ويو، جتي ڏاڍو تنگ ٿيو. انهن واقعن کان پوءِ سنڌين ۾ هيٺيون فقرو مروج ٿي ويو، جيڪو تاريخ فيروز شاهيءَ ۾ موجود آهي. ليڪن ان جي صورت ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. محترم ڊاڪٽر نبيبخش خان صاحب بلوچ ان جي پڙهڻي درست ڪري هن طرح ڏني آهي:

”بابرڪت شيخ پٺو؛ هڪ مئو هڪ ٺٺو“. (3)

دعائيہ فقرو:

ٺٽي جي بزرگ سيد حسين عرف شاهہ مراد

(1) ۽ (2) تاريخ قلعہ مروٽ: مولانا عزيزالرحمان، بهاولپوري، ص 15- 16.

(وفات 1487ع) پنهنجي ڏوهٽي سيد علي ثاني جي ولادت سنہ 891 ھ (1486ع) تي ھي دعائيہ فقرو چيو:

”او ياتي! ڏيئي وڏي چمارا“ (4)

چوھڙشاھہ جي مجلس ۾ سنڌي بيت:

حضرت شيخ الشيوخ عبدالجليل عرف ”چوھڙشاھہ“ نائين صدي هجري ۾ ”موء مبارڪ“ (ضلع رحيمريارخان) ۾ وڏو درويش ٿي گذريو آھي.

سلطان بهلول لوڌي (1451ع - 1489ع) جو نائي هو. سنڌ جا ڪيترا ماڻهو سندس مريد ۽ معتقد هئا. ”تذڪره قطبيہ“ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ھي سنڌي بيت سندس ھڪ سنڌي مريد سندس سماع جي مجلس ۾ پڙهيو:

جو گهڙي سو ني، ڪو جو قهر ڪلاچ ۾،
خبر ڪو نہ ڏي؛ رڃ ڪڇاڙي رنديو (5)

شيخ چوهڙ 910 ھ (1504ع) ۾ وفات ڪئي.

يعني اهو بيت 16 صدي عيسوي کان اڳ جو آھي هن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ ”مورڙي ۽ مڇ“ واري قصي تي تمثيلي بيتن چوڻ جو رواج اِن زماني ۾ ئي موجود هو. هيٺيان بہ بيت حضرت چوهڙ شاھہ جي وفات کان پوءِ سندس روضي ۾ منعقد ٿيل ھڪ سماع جي محفل ۾ ھڪ سنڌي ذاڪر چيا:

---

(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 102. (4) ايضا ص 117 کان 119 (5) ايضا، ص 117.

1. چران تہ چڪن چاڪ؛ وهان وهہ سنجري؛

ماءِ! منهنجي ڏيل سين، سورن ڪي اوطاق؛
جيئن تون جاناپاڪ؛ آسا بند اڙين جو. (1)

2. من ڪي لوچ فراق؛ اسان هون نہ ڏار ٿئي؛
سڪون پريان ساڪ؛ رب ڏکائي ڪڏهين (2)

هي بيت شيخ چوهڙ جي وفات ڪانپوءِ تذڪره قطبيہ جي لکجڻ (1540ع) کان اڳ پڙهيا ويا. يعني 16 صدي عيسويءَ ۾ پڙهيا ويا. تي سگهي ٿو، تہ ڪنهن اڳ جي شاعر جا چيل هجن.

”تذڪره قطبيہ“ جي مصنف لکيو آهي، تہ اهي بيت حسيني مقام جي ليءِ ۾ ڳايا ويا. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سرن موجب بيتن چوڻ جو رواج انهيءَ زماني ۾ ئي موجود هو.

1. مخدوم احمد ڀٽي ۽ سنڌي بيت:

مخدوم احمد ڀٽي هالہ ڪنڊيءَ جو هڪ درويش ٿي گذريو آهي هڪ ڀيري نيرن ڪوٽ (حيدرآباد) ۾ هڪ سماع جي محفل ۾ ويٺو هو، تہ هڪ سوناري ڇوڪري هي سنڌي بيت پڙهيو، جو ٻڌڻ سان مخدوم صاحب وصال ڪيو:

---

(1) ۽ (2) ڊاڪٽر نبي‌بخش خان بلوچ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 117 کان 119.

سڏ سٹي پرينءَ جو، وانگي جي نہ ورن
ڪوڙي دعوي دوست جي، ڪچاڙي ڪي ڪن (1)

مخدوم صاحب جي وصال ڪانپوءِ سوناري چوڪري هي بيت پڙهيو:

سر ڏيئي سٹ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
مرٹا منهن ۾ موڙ، اڄ وٹي ٽي وڏ لهي. (2)

مٿيان ٻہ بيت 1529ع ۾ چيا ويا. ٽي سگهي ٿو، تہ ان ڪان بہ اڳ جي ڪنهن شاعر جا هجن.

## سنڌي شاعر:

هن دور جي ڪن سنڌي شاعرن جا نالا بہ ملن ٿا. انهن جو تذڪرو هيٺ ڏجي ٿو.

### ا- شيخ حماد جمالي:

شيخ حماد بن رشيدالدين جمالي جي خانقاهہ ٺٽي لڳ ساموئيءَ جي پاسي ۾ هئي. جام تماچي ۽ سندس پٽ صلاح‌الدين سندس معتقد هئا. سنہ 1375ع ۾ جام جوڻي جي سازش سبب جام تماچي پٽ سوڊو قيد ٿي دهليءَ ويو، ۽ جام جوڻو علاؤالدين جي خطاب سان بادشاهہ بڻيو. بزرگ حماد کي جڏهن حقيقت جي خبر پئي، تہ جوش ۾ اچي سنڌي زبان ۾ هي بيت چيائين:

جوڻو مت اوڻو، جام تماچي آءُ؛
سباجهي ٻاجهہ پيئي، توسين ٺٺو راءِ. (1)

---

(1) ۽ (2) ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽہ: سنڌي شاعر ۽ سنڌن شعر ص 8

### 2ـ نوح هوٽياڻي:

شيخ حماد جو همعصر هو ۽ هالن جي لڳ ڪيبرن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. جڏهن ڄام تماچي ۽ سندس پٽ قيد مان آزاد ٿي موٽي رهيا ها، ته واٽ تي درويش نوح هوٽياڻيءَ سان مليا؛ جنهن ڪين دعا ڪندي هي فقرو چيو:

جوٽو وڃي جهوري ماريو،
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو. (2)

(يعني: ڄام جوڻي کي وڃي پورو ڪريو، ۽ ڄام تماچي کي ملڪ جو بادشاهه بنايو.)

### 3. اسحاق آهنگر:

شيخ ٻريو وير داس، جو اصل ۾ هندو هو، پوءِ مسلمان ٿيو؛ مجذوب ٿي گذريو آهي. آخري عمر ۾ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ رهندو هو. هڪ ڀيري حديقة الاولياء جو مصنف سيد عبدالقادر سندس خدمت ۾ ويو، ته هڪ سنڌي بيت پڙهي رهيو هو. دل ۾ آيس، ته پڇانس، ته اهو سنڌي بيت ڪنهن جو آهي؟ هن اهو خيال مس ڪيو، ته درويش چيس:

”اسحاق لوهر جو آهي“. اهو بيت هي آهي [1]:

ٿيان مان جهرڪ؛ وهان سڄڻ جي سپ تي؛
مان ڪرين ڊرڪ؛ ٻولي پاڇهاريءَ سين.

---

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ؛ سنڌيءَ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 104 (2) ايضا

شيخ پريي جي وفات ڏهين صدي هجريءَ ۾ ٿي.
يعني هي بيت ڏهين صدي هجري (16 صدي عيسوي)
جو؛ يا ان کان اڳ جو آهي.

4- راڄو ستيو دل:

مجذوب هو ۽ سير و سفر ۾ گذاريندو هو. جڏهن
سندن آڏو ڪا ڳالهه ايندي هئي، ته اتي سر سان سنڌي
بيت ڏيندو هو، ۽ جيڪي چوندو هو؛ اهو ٿي پوندو
هو. سنه 977 هه [1569ع] ۾ وفات ڪيائين. [2]
سندس ڪوبه بيت نه مليو آهي.

4- شيخ پراڙ:

شاهه ڪريم جي ملفوظات بيان العارفين ۾ هڪ
بيت اهڙو آهي، جنهن جي آخر ۾ "پراڙ" لفظ استعمال
ٿيل آهي. اهو بيت هوندن ته شاهه ڪريم جو ڪري
ڄاڻايل آهي؛ پر محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
جو خيال آهي، ته اهو بيت "پراڙ" ذات جي ڪنهن
آڳاٽي شاعر جو آهي. [1] اهو بيت هي آهي:

چندن چور ڪريندي، رتومه ڪهاڙ؛
سچ ڏجڻ نه ٿئي، جي رسي سؤ وار [2]

6- قاضي قاضن:

1520ع ۾ جڏهن شاهه بيگ ارغون ٺٽي تي حملو

---

(1) علامه دائود پوٽو: سنڌي شاعر ۽ سندن شعر ص3.
(2) تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص 449

ڪيو، تہ قاضي قاضن بن قاضي ابو سعيد بکري جو اهل و عيال بہ ٺٽي ۾ هو. شاهہ بيگ ارغون سندس گذارش تي ٺٽي جو قتل عام بند ڪيو. ان جو خاص سبب هي هو، جو ٻئي ميران محمد جونپوري جا مريد هئا. شاهہ بيگ سان ايڏو گهاٽو رستو ٿي ويس جو هو سياسي خواه مذهبي معاملن ۾ ڪائنس صلاح مشورو وٺڻ لڳو. شاهہ بيگ جي وفات 1522ع کان پوء شاهہ حسن کيس بکر جو قاضي مقرر ڪيو. 20 سال قضا جو عهدو هلائي مديني منوره هليو ويو ۽ 1551ع ۾ وفات ڪيائين. وڏو عالم ۽ فاضل هو، ۽ ڪيترن ئي علمن ۾ ماهر هو. سندس ست سنڌي بيت شاهہ ڪريم جي ملفوظات بيان العارفين مان مليا آهن. بيتن ۾ فني پختگي آهي، ۽ منجهن سهڻيون تشبيهون استعمال ٿيل آهن. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڪيترائي بيت چيا هوندائين، جن مان فقط ست بيان العارفين ۾ يادگار طور رهجي ويا آهن. هينئين بيت ۾ ظاهري علم کي سيلن [ڪنڊن] ۽ واڳن سان ڀيٽ ڏني ويئي آهي:

سي ئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڌان؛
اکر اکيان ايري، واڳون ٿي وريام.

اهڙيءَ طرح چئن بيتن ۾ ظاهري علم کي

(1) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 34.
(2) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: ڪريم جو ڪلام ص 90-91

نندڙو ويو آهي، هيٺين بيت ۾ هم اوست جو مسئلو سمجهايو اٿس:

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي پوڙئي؛
هيڪائي هيڪ ٿئو، ويئي سڀ جهت.

روحاني رهبر لاءِ جوڳي جي تمثيل پهريون ڀيرو قاضي قاضن جي بيت ۾ ملي ٿي. ان کان پوءِ ميين لطف الله قادري ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ نظر اچي ٿي:

جوڳيءَ جا ڳاڙوس، سَتو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري

ادبي جائزو:

سمن جي دور ۾ سنڌي ادب جو تعميري دور هو. هن دور جو جيڪو ادبي ذخيرو مليو آهي، ان تي هن کان اڳ ۾ بحث ڪيو ويو آهي. هن هيٺ ان ادبي ذخيري جو مجموعي جائزو پيش ڪجي ٿو:

(1) سنڌ ۾ لساني خصوصيتون ۽ ادبي روايتون ساڳيون سومرن جي دور واريون رهيون. يعني سخا ۽ سورهيائي جا قصا ڳايا ويا، جن جي وچ تي ڳاهون ۾ هونديون هيون. انهن کان سواءِ واقعاتي ۽ بياني بيت ۾ چيا ويا.

(2) روحاني قصا ۾ ڳايا ويا، جن ۾ مڪالماتي بيت آندا ويا؛ اهو رواج پوءِ ۾ قائم رهيو.

(3) هن دور ۾ دهليءَ جي حڪمرانن سنڌ تي حملا ڪيا. جنهن ڪري ماڻهن ۾ وطن ڪي ڌارين جي

غلاميءَ کان آزاد رکڻ جو جذبو پيدا ٿيو. انهيءَ جذبي جي عالمن ۽ بزرگن ۾ همت افزائي ڪئي. مخدوم بلال کي انهيءَ ئي ڪري شهادت نصيب ٿي، انهيءَ جذبي سبب ٺٽي جي رهاڪن ۾ هڪ فقرو مشهور ٿي ويو، جنهن کي قومي نعرو يا جنگي رجز چئي سگهجي ٿو.

(4) هن دور ۾ فارسي عامي ۽ سرڪاري زبان بني. فارسي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو آغاز ٿيو، ۽ سنڌ بلند پايه فارسي شاعر پيدا ڪيا. ان کان سواءِ هن دور ۾ اسلامي علمن ۽ فنن ۾ وڏي ترقي ڪئي. ڪيترائي جيد عالم پيدا ٿيا، جهڙوڪ: قاضي قاضن، حماد جمالي شيخ عيسيٰ لنگوٽي، شيخ جهندو پاڻٽي، ڄام ننڍو، مخدوم بلال، ملان عبدالرحمان عرف ملا لتر وغيره.

(5) سنڌي ٻولي ڪاٺياواڙ ، ڪڇ ، گجرات، لس ٻيلي، قلات مڪران ، سبي ، ياگيناڙي ۽ بهاولپور تائين پهتي. انهيءَ ڪري سرائڪي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ٻي تي اثر پيو ۽ سنڌي بيت بهاولپور جي علائقي ۾ مشهور ٿيا. ان کان سواءِ سنڌي زبان جا ڪاٺياواڙي ڪڇي، ياگيناڙي، لاسي، جدگالي، ۽ ٿري محاورا وجود ۾ آيا.

(6) عوام کان سواءِ حڪمرانن جي به مادري زبان سنڌي هئي. ان کان سواءِ حڪمران پڻ ۽ پاڻن جي سرپرستي ڪندا هئا. انهيءَ ڪري سنڌي شاعري ۽ سنڌي قصن جو عام چرچو ٿيو.

(7) سنڌ جي صوفي بزرگن به سنڌي شعر جي سرپرستي ڪئي. هنن پنهنجا خيال، ويچار ۽ تصوف جا مسئلا سنڌي بيتن جي صورت ۾ بيان ڪيا.

(8 هن دور ۾ بيتن ڪانسواءِ فقرا به ملن ٿا، جيڪي تڪبنديءَ ۾ آهن، جهڙوڪ درويش نوح هوٿياڻيءَ جو چيل فقرو، ٺٽي وارن ۾ مشهور جنگي نعرو، ۽ شاهه مراد شيرازي جو چيل دعائيه فقرو.

(9) هن دور جا جيڪي بيت مليا آهن، انهن مان ڪي اڳڪٿيءَ جي نوعيت جا آهن، ڪن ۾ خوشحاليءَ جي تمنا آهي ۽ ڪن ۾ وري معمائي انداز آهي.

(10) هن دور جي ڪيترن بيتن ۾ ان وقت جي سياسي ماحول، سنڌ جي تاريخ جاگرافي، مذهبي تحريڪن جي اثر ۽ ماحول جي عڪاسيءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا. شيخ حماد درويش نوح هوٿياڻي ۽ ماموئي فقيرن جي بيتن ۾ سياسي ماحول جو عڪس نظر اچي ٿو. ماموئي جي بيتن مان سنڌ جي دريائن هاڪڙي ۽ پراڻ جي وهڪ جي ڪيفيت معلوم ٿئي ٿي، اروڙ جي ٻنڌ جو ثبوت ملي ٿو، ۽ پاڻي جي پيداوار جهڙوڪ: ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه جو ذڪر اچي ٿو. يعني اهي بيت سنڌ جي شهرن، دريائن جي هڪ، واپار ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي نشاندهي ڪن ٿا.

(11) قاضي قاضن جي بيتن مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان زماني ۾ مدرسن ۾ ڪهڙي تعليم ڏني ويندي

هئي، ۽ مدرسن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا ويندا هئا. اسماعيلي مبلغن جي بيتن مان مذهبي تحريڪن جي تعليم جي خبر پوي ٿي.

(12) قاضي قاضن؛ اسحاق آهنگر ۽ ماموئي جي بيتن مان سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگي ۽ ماحول جي عڪاسي ٿئي ٿي. ڇڇ جي ذريعي ان صاف ڪرڻ؛ درياهه جي ليٽ مٽي، لوڙهه ۽ ٻهن جو واپرائڻ؛ ۽ ڳوٺاڻن رستن تي ۽ پيچرن تي ڪنڊن جي موجودگي بيتن ذريعي ظاهر ٿئي ٿي.

(13) سنڌي دوهو، فني سٽا جي لحاظ کان تڪميلي صورت کي پهتو. دوهي ۽ سورٺي جي فني بناوت موجب بيت چيا ويا ته دوهي ۽ سورٺي جي ميل سان ڪامياب فني تجربا ڪيا ويا. نه فقط ايترو؛ پر ٽن سٽن وارا به ڪيترا بيت چيا ويا. خاص طرح سان نئون ۽ ڪامياب تجربو هي ٿيو، جو بيت جي پوئين سٽ سورٺي واري آندي ويئي. يعني ٻهرين سٽ جي وچ تي قافيو آڻڻ جي روايت قائم ٿي.

(14) تمثيلي شعر جو پختو پايو پيو. ڪجهه بيت سسئيءَ جي داستان موجب تمثيلي انداز جا مليا آهن، جن ۾ تصوف جا راز سمجهايل آهن. هڪ بيت مورڙي ۽ مڇ جي قصي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ان ۾ به تصوف جو مسئلو سمجهايل آهي. مشهور قصن ۽ داستانن کان سواءِ ٻين تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي، مقصد کي

وڏيڪ واضح ڪيو ويو. يعني هن دور ۾ روحانيت ۽ تصوف جو مضمون تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي بيان ڪيو ويو؛ جنهن ڪري بيت ۾ وڌيڪ رنگيني دلڪشي ۽ تنوع پيدا ٿيو. تشبيهون ۽ تمثيلون ماحول مان ئي کنيون ويون.

(15) صوفين جي سماع جي محفلن ۾ به سنڌي بيت پڙهيا ويا. اهي محفلون سنڌي بيت جي اوسري جي سلسلي ۾ اهم ذريعو بڻيون، ۽ سنڌي بيت عام مشهور ۽ مقبول ٿيو.

(16) سنڌي بيت ۾ عشقيه ۽ فراقيا مضمون داخل ٿيو، جنهن ڪري بيت ۾ وڌيڪ دلڪشي ۽ اثر انگيزي آئي.

(17) نظم کان سواء نثر ۾ به سمن سردارن جي سخاوت ۽ بهادريءَ جا بيان ٿيڻ لڳا ۽ داستان گوئيءَ باقائده فن جي صورت اختيار ڪئي.

(18) الف اشباع وارو قافيو پهريون ڀيرو سمن جي دور ۾ 1486ع ۾ پيرمراد شيرازي ٺٽوي جي چيل دعائيه فقري ”اوياتي ڏئي وڏي چمارا“ ۾ مليو ٿو ان مان معلوم ٿئي ٿو هن قسم جي نظم جو رواج ان زماني ۾ موجود هو. البته ان قسم جي نظم ڪلهوڙن جي دور ۾ وڏي ترقي ڪئي.

(19) ان دور جي شاعريءَ ۾ گرامر جي لحاظ کان ڪي ڳالهيون دلچسپ آهن. قاضي قاضن جي هڪ بيت ۾ "جاڳايوس"، "مون کي جاڳايو" جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي. حالانڪ اڄ ائين چوڻ درست نہ ٿيندو. اڄ جي محاوري موجب "جاڳايوس" جي معنيٰ ٿيندي "هن کي جاڳايو". "مون کي جاڳايو" جي معنيٰ "جاڳايوم" استعمال ٿيندو. اهڙي طرح ان دور ۾ ضميري پڇاڙين جو عام رواج هو، جهڙوڪ ٿيوس، لڌوم، ٿيام، دريام، پڙهيوم وغيره.

(20) اسحاق آهنگر جي بيت ۾ "ڪرن" استعمال ٿيل آهي. اڄوڪي معياري محاوري ۾ "ڪن" ڪم اچي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ان زماني ۾ فعل "ڪن" ۾ "ر" جو استعمال عام هو. جيڪب آباد جي ڪن حصن ۾ اڃا تائين "ڪن" جي بدران "ڪرن" استعمال ٿئي ٿو ماموئي فقيرن جي هڪ بيت ۾ "اڏجا" "وهجا" آيل آهن. هينئر فقط لاڙي لهجي ۾ اهو رواج آهي. معياري لهجن ۾ انهن جي بدران "اڏجو" ۽ "وهجو" استعمال ٿيندو آهي.

مٿين تجربي مان معلوم ٿيندو ، تہ سنڌي بيت سمن جي دور تائين ارتقائي منزلون طيءِ ڪري، فني پختگي حاصل ڪئي هئي بيت جي فني اوسر تي نظر

وجهجي ٿي، ته معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت بيت، جيڪي فني روايتون اختيار ڪري چڪو هو، اهي اڄ تائين هليون اچن. البته پوئين زماني ۾ بيت جي سٽن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو. بيت جي پوئين سٽ جي وچ تي قافيه آڻڻ جي روايت، بيت جي مستقل فني روايت جي حيثيت حاصل ڪئي آهي. ان وقت بيت جيڪي مصنوعي ۽ تمثيلي خصوصيتون اختيار ڪيون هيون، اهي به ساڳيون هليون اچن.

# باب ٽيون

## ارغون، ترخان ۽ مغل دور

**سياسي صورتحال:**

شاهه بيگ ارغون جو والد امير ذالنون ارغون، ميراز شاهه حسين بايقرا جي طرفان قنڌار جو حاڪم هو. 1507ع ۾ ذوالنون جي قتل ٿيڻ ڪانپوءِ سندس فرزند شاه بيگ ارغون، شاه اسماعيل، محمد خان شيباني ۽ بابر جي دٻاءَ جي ڪري، ڪابل ۽ قنڌار ڇڏي، بلوچستان جي شال ۽ سبيءَ تي قابض ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڄام فيروز حڪومت ڪري رهيو هو. ڄام فيروز جي ڪمزوريءَ جي ڪري ڄام صلاح الدين بغاوت ڪئي، جنهنڪري ملڪ ۾ خانہ جنگي شروع ٿي ويئي. شاهبيگ ارغون اهو وجهه وٺي، سنڌ تي حملو ڪيو ۽ 1521ع ۾ ٺٽو فتح ڪيائين. ان ڪانپوءِ سڄيءَ سنڌ تي قابض ٿي ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ تي پنهنجن جي حڪومت ختم ٿي، ۽ ديس ڌارين جي غلاميءَ ۾ گرفتار ٿي ويو.

22ـ شعبان 928 ھ 1522ع تي شاھ بيگ ارغون وفات ڪئي، ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ شاھ حسن ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو، جنھن 1526ع ۾ ملتان تائين سڄو علائقو فتح ڪيو. سندس ڏينھن ۾ ھمايون شير شاھ سوريءَ کان شڪست کائي، لاھور ۽ اچ کان ٿيندو 1541ع ۾ سنڌ ۾ آيو. امرڪوٽ ۾ کيس اڪبر ڄائو. شاھ حسن ارغون کيس رھڻ نہ ڏنو. انھيءَ ڪري 10 جولاءِ 1543ع تي ايران ھليو ويو.

1554ع ۾ شاھ حسن ارغون لاولد فوت ٿيو. انھيءَ ڪري سنڌ ٻن خاندانن ۾ ورھائجي ويئي. اتر سنڌ وارو حصو سلطان محمود بکري جي قبضي ۾ آيو جيڪو شاھ حسن ارغون جي ڏينھن ۾ بکر جو گورنر ھو. ھيٺاھين سنڌ ٻي امير مرزا عيسيٰ ترخان جي قبضي ۾ آئي. اھيءَ طرح ترخان حڪومت قائم ٿي سنہ 1000ھ 1591ع ۾ اڪبر جي طرفان مرزا عبدالرحيم خانخانان سنڌ فتح ڪئي. اھڙيءَ طرح غازي بيگ کي ٺٽي جو نواب مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ سنڌ مغل حڪومت جو حصو بڻجي ويئي. مغلن جي ڏينھن ۾ ٺٽي، بکر ۽ سيوھڻ تي جدا جدا صوبيدار مقرر ٿيندا رھيا. محمد شاھ جي زماني ۾ مغل طاقت ڪمزور ٿي ويئي، ۽ سنڌ ۾ ڪلھوڙا زور وٺندا ويا. آخر ڪلھوڙا قابض ٿي ويا، ۽ پنھنجي حڪومت قائم ڪيائون، ان بعد گورنرن جو اچڻ بند ٿي ويو.

ميرڪ يوسف جي "مظهر شاهجهاني" 1934ع، ۽ سيد جمال الدين جو "ترخان نامہ" 1654ع.

## سنڌي ادب:

هن دور ۾ جيتوڻيڪ ڌارين جي حڪمراني هئي، ۽ سنڌي زبان جي سرپرستي ختم ٿي ويئي؛ ان هوندي بہ سنڌي شعر ۽ شاعر موجود هئا. افسوس جو زماني جي گردش سبب ان زماني جي سنڌي ادب جا فقط ٿورا اهڃاڻ ملن ٿا. "تذڪره الابرار" ۾ آيو آهي، تہ پاٽ مان جيڪي بزرگ لڏي وڃي برهانپور وينا، انهن کي پنهنجي زبان جي شاعريءَ سان بيحد دلچسپي هئي انهن مان هڪ بزرگ "شيخ لاڏ جيو" پنهنجي ديس واسين جي محفلن ۾ سنڌي ڪافيون پڙهائي کين محفوظ ڪندو هو. ان مان اندازو ٿئي ٿو، تہ سنڌ ۾ "ڪافي" جي صنف ارغونن جي دور کان بہ اڳ موجود هئي. افسوس جو ان دور جي ڪافي جو نمونو نہ مليو آهي. ان کان پوءِ وائي ۽ ڪافي جو نمونو ڪلهوڙن جي دور ۾ ملي ٿو. ٻائنجي ٿو تہ ارغونن جي دور کان اڳ جون ۽ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور جون ڪافيون زماني جي اٿل پٿل جي ڪري گم ٿي ويئون، ان دور جي پنجاب جي پنجابي شاعر شاه حسين جون پنجابي ڪافيون مليون آهن.

هن زماني ۾ پنجاب ۾ گرو نانڪ صاحب ٿي

گذريو آهي. گرو گرنٿ ۾ سندس هڪ شعر مليو ٿو، جنهن کي سنڌي بيت چئي سگهجي ٿو:

لوڻ لوئي ڏٺ، پياس نه ڀڄي مون گهڻي؛
نانڪ سي اکڙيان ٻين، جن ڏسندؤ مان پري.

## مخدوم پير محمد لکوي:

هن دور جي جن شاعرن جا نالا ملن ٿا، انهن مان پير محمد لکوي جو نالو سر فهرست اچي ٿو. هو ڳوٺ لکي تعلقي سکر جو ويٺل هو ۽ 1590ع يا 1600 جي قريب سندس وفات ٿي. سندس هڪ نظم مليو آهي، جنهن الف اشباع جي قافيه ۾ چيل آهي. الف اشباع جي سلسلي ۾ هي پهريون نظم آهي، جيڪو معلوم ٿي سگهيو آهي. نظم ۾ شاعر صبح جي هير کي خطاب ڪيو آهي، ته هوءَ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم تائين سندس سلام پهچائي. پيغام ۾ روضي اقداس جي ديدار جو ڏاڍو اشتياق ڏيکاريو ويو آهي:

تون پانڌي پيارن جو اولي اکڙيا؛
تون ساٿي سڪاين جو جو ماهر مشتاقا،
آئي عجيبن جون خبرون خوشحالا؛
ني نياپا نيهه جا واڌوڙن وٽان،
ڦڪي ڦوڙاين جي توکي آهي ادا. (1)

## مخدوم نوح:

هالن جي وڏي بزرگ حضرت مخدوم نوح ولد

مخدوم نعمت‌الله (ولادت 1505ع وفات 1590ع) جا
به ڪجهه سنڌي بيت مليا آهن. سندس هڪ بيت هيٺ
ڏجي ٿو؛ جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان وقت تائين
عربي‌فارسي لفظن جو گهڻو استعمال شروع ڪونه ٿيو هو:

سمو به ساڻين گڏ، تون لوچج لڄ ڪي؛
هلندي سمي سامهون، تون پڻ ڪيرت ڪج؛
ته تون پڻ ٿئي ڏي؛ سمي به سوڀ ٿئي. (2)

**شاهه ڪريم:**

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏاڏاڻو، شاهه عبدالڪريم
بلڙيءَ وارو هن دور جو عظيم شاعر آهي. متعلوي
ساداتن جي خاندان مان هو. سنه 1537ع ۾ سندس
ولادت ٿي، ۽ 1622ع ۾ وفات ڪيائين. ڀريائين بهار
جي طرف ڪان آيل بزرگ جو معتقد ٿيو، ۽ پوءِ
مخدوم نوح جو مريد ٿيو. وڏو عابد، زاهد، صابر ۽
حليم‌الطبع هو. قديم سنڌي شاعرن ۾ هي پهريون
شاعر آهي، جنهنجو سيني ڪان گهڻو شعر مليو آهي.
انهيءَ ڪري ڪيس "سنڌ جو چاسر" چيو ويندو آهي.
ڪيس سنڌي زبان جو "وهائو تارو" ۽ "شاهه‌لطيف جو
مبشر" به چيو ويندو آهي؛ چاڪاڻ جو شاهه لطيف
سندس نسل مان آهي ۽ ڪائنس گهڻو متاثر آهي. نه
فقط قدامت جي لحاظ ڪان سندس درجو اتم ۽ اعليٰ

(1) لطف‌الله بدوي: تذڪره لطفي، ج 1، ص 156.
(2) ايضا، ص 161.

آهي؛ پر فني ۽ فڪري خوبين جي خيال کان به سندس درجو مٿانهون آهي. هو پنهنجي وطن جي رسمن رواجن ۽ ڏڻن جو ذڪر پنهنجي شعر ۾ آڻي، انهن مان تمثيلون ۽ تشبيهون وٺي، نهايت باريڪ نڪتا بيان ڪري ٿو. لوهر ڪي سنداڻ تي ڌڪ هڻندو ڏسي، پنهنجي دل کي سنداڻ سان ڀيٽي، پنهنجو مطلب هن طرح بيان ڪري ٿو.

ڌڪين ذات پيو، هينڙو له سنداڻ جئين؛
سنياري ڪي سڃڻين، ورڇي تان نه وٺو.

هيٺين بيت ۾ ڳوناڻي عورت جي ٻن دلن ڪٽڻ جو منظر نظر ايندو ۽ ڏيڍ جي ڀڪيءَ جو نظارو اکين اڳيان اچي ويندو:

پاڻياري سر ڀڙو، جر تي ڀڪي جئين؛
اسان سڄڻ تيئن؛ رهيو آهي روح ۾.

شاهه ڪريم جا ڪل 94 بيت سندس ملفوظات "بيان العارفين" مان مليا آهن؛ جن ۾ تصوف جا نهايت باريڪ نڪتا بيان ڪيل آهن. سندس بيت فن جي لحاظ کان به نهايت پختا آهن، ته ادبي خوبين سان به سينگاريل آهن. منجهن عربي ۽ فارسيءَ جا تمام ٿورا لفظ استعمال ٿيل آهن. ڪي بيت سڌا سنوان آهن، ته ڪن ۾ رومانوي داستانن جون تمثيلون آيل آهن.

بيان العارفين جا پيا شاعر:

"بيان العارفين" اهو ڪتاب آهي؛ جنهن ۾ شاهه

ڪريم جي مريد محمدرضا، شاھ ڪريم جا قول، بيت ۽ ٻين شاعرن جا اهي بيت آندا آهن، جيڪي شاهه ڪريم طالبن کي هدايتون ڪندي ٻڌايا هئا. ان ۾ قاضي قاضن جا ست بيت به آهن، ته ڇهه بيت ٻين شاعرن جا به آهن. انهن ڇهن بيتن مان ٽي بيت شاهه ڪريم کان اڳ جي شاعرن جا آهن، ۽ ٽي بيت شاهه ڪريم جي همعصر شاعرن جا معلوم ٿين ٿا.

### سيد علي ثاني ٺٽوي:

شاهه ڪريم جي پيريائي ۽ صحبتي ٺٽي جي بزرگ سيد علي ثاني (وفات 1573ع) جو هڪ سنڌي بيت به مليو آهي؛ جيڪو ڇئن سٽن تي مشتمل آهي ۽ سسئي جي تمثيل ۾ آهي:

سرتين سانگ سکن جو، مونکي رويو رهائين؛
آءُ تي هلان هوت ڏي، هو تيون واريو وهارين؛
وريتون ورن سين، ويئيون گهر گهارين؛
ڪنهدا تيون ڪارين؛ ڪانهه هلندي هوت ڏي. (1)

### درس علاؤالدين سومرو:

سيد علي ثانيءَ جو ٺٽي جي هڪ بزرگ درس علاؤالدين سان روح رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. ٻنهي جي وچ ۾ سنڌي بيتن ۾ سوال جواب به ٿيندا رهندا هئا. (2) پر ان سلسلي جو ڪوبه بيت نه مليو آهي. البته ايترو معلوم ٿئي ٿو، ته درس علاؤالدين به شاعر هو.

## مخدوم نوح جا پيا مريد:

حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان سيد ابوبڪر لڪياري (3) ۽ شاهه خيرالدين جيلاني (4) پراڻو سکر (وفات 1617ع) متعلق به اهڙيون روايتون موجود آهن، جن مان اندازو ٿئي ٿو، ته انهن بزرگن به سنڌيءَ ۾ شعر چيو آهي.

## پيا شاعر:

ڪن اهڙن شاعرن جا نالا به ملن ٿا، جن بابت اهو ته معلوم ٿئي ٿو، ته هو سنڌي زبان ۾ شعر چوندا هئا، پر سندن شعر جو ڪوبه نمونو نٿو ملي. ”ذخيرت الخوانين“ ۾ آيو آهي، ته مير معصوم بکريءَ جو پاءُ ”فاضل بکري“ ڪافيون چوندو هو. (1) تحفته الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو، تہ حيدرآباد ضلعي جي ڳوٺ ”هنگورو“ جو ”سيدهارون“ (مغل دور) سنڌي ۾ شعر چوندو هو. (2) تحفته الڪرام مان هي به معلوم ٿئي ٿو، ته ٺٽي جي بزرگ يوسف سهتي جي مقبري تي شاعرن جو ميلو لڳندو هو. (3)

---

(1) مڪلي نامو: مرتب: پير حسام الدين راشدي: حواشي، ص 69. (2) تحفته الڪرام، سنڌي ترجمو، ص 621. (3) ڊاڪٽر دائود پوٽو: سنڌي شاعر ۽ سندن شعر ص 9. (4) خداداد خان: لب تاريخ سنڌ، 1900ع ص 138.

## عثمان احساني:

لکي تعلقي سکر جي هڪ ٻي شاعر عثمان احساني جا به ڪجهه شعر مليا آهن. هو اصل پاڳناڙي جو وينل هو، ۽ 1640ع ۾ اچي لکيءَ ۾ ويٺو سندس نظم جو ڪتاب "وطن نامه" ٻارهين صدي هجري جو لکيل آهي، ۽ ڪنهن ٻي ڪتاب تان نقل ڪيل آهي. عثمان احسانيءَ جي بيتن ۾ موت جو ذڪر نهايت پر اثر ۽ دردانگيز نوع ۾ ڪيل آهي. ستا جي لحاظ کان سندس بيتن ۾ ڇهن سٽن کان مٿي سٽن وارا بيت به آهن، پر قافيو هرهڪ مصرع جي آخر ۾ اچي ٿو:

ڳالهه اٿانگي گور جي، ويهه م سار وهي؛
ترس م، ويهه تيار ٿـــي، ساٿيڙا سنبهي؛
هي حدهيبت جهڙي؛ ويندء گـــور ڳهي؛
سپون وڇون سهسين ٿندڻ، نانگن ساڻ نهي؛
ڏنگي جان ڏنگن سان؛ ويندء، ڏيـــل ڏهي؛
ڳري ويندء گور ۾، لڳين لحم لهي. (4)

## شاه لطف الله قادري:

شاه ڪريم کان پوء هن دور جو ٻيو شاعر "شاه لطف الله قادري" آهي؛ جنهن جي شعر جو

(1) شيخ فريد بکري، ذخيراة الخوانين، ڇپايل: پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي، 1961ع، ص 20.
(2) تحفتہ الڪرام، سنڌي ترجمو، ص 447. (3) ايضا، ص 581 (4) تذڪره لطيفي، ج 1، ص 214.

گهڻو تعداد حاصل ٿيو آهي. هن جي ولادت 1611ع ڌاري ۽ وفات 1679ع ڌاري ٿي. اصل پريالوءِ (خيرپور ميرس) جو وينل هو، پر پوءِ لڏي وڃي ”اگهم ڳوٺ“ ۾ ويٺو. سنڌس ٻن فارسي ڪتابن ”تحفته السالڪين“ ۽ ”منهاج المعرفته“ جا نالا ملن ٿا. پوئين ڪتاب ۾ وچ ٽي 20 کان مٿي سنڌي بيت به ملن ٿا. ان کانسواءِ سنڌس سنڌي رسالو به مليو آهي، جنهن ۾ پڻ سنڌي بيت آهن. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌس ڪل 357 بيت هٿ ڪري، سنڌس رسالو شايع ڪيو آهي، (1) هي رسالو، سنڌي ادبي تاريخ ۾ سنڌي بيتن جو پهريون وڏو ذخيرو آهي. فني لحاظ کان هن بزرگ جي بيتن ۾ پهريون ڀيرو ”وراڻ“ ملي ٿي. يعني بيتن جو لاڳيتو سلسلو ساڳين لفظن يا ساڳي فقري سان شروع ٿئي ٿو. ڪن بيتن ۾ قافيو بيت جي پوئين سٽ جي وچ تي اچي ٿو. ڪن بيتن ۾ وري سيني سٽن جي پويان اچي ٿو. مضمون جي لحاظ کان مشهور رومانوي داستان سسئي پنهون، عمر مارئي وغيره ڏانهن تمثيلي اشارا مان ٿا. انهن کان سواءِ ”ساموندين ۽ ناکئن ۽“ جو ڳين ۽ آڏيسن“ وارا نوان مضمون به ملن ٿا، جيڪي پوين شاعرن لاءِ نمونو بڻيا. هيٺين بيت ۾ ساموندين جي تمثيل آيل آهي:

---

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: شاه لطف الله قادري جو ڪلام، ص 11.

سمنڊ ڪنيو سپاهه؛ ڪوڙين موج ايرئا؛
ڪي اجهامي اٿيا، ان آهي پر اهاءِ؛
سيئي ڪونهه مڪان سي، سيئي سي ٿيا؛
الا الله بڪل شي محيط، ٻڙوئي درياءَ.

هيٺين بيت ۾ ڪاپڙين ۽ آديسن جو ذڪر آهي:
ڪهي ڏنو ڪاپڙين، ڪو آڳاهون پنڌ؛
تني منجهان آئيو، ڪو جڳهه ڳجهائين پنڌ؛
سندو حيرت پنڌ؛ آيو آڏو آديسين.

شاه عنايت رضوي:

ميين لطف الله قادري کان پوءِ هن دور جو وڏو شاعر شاهه عنايت رضوي آهي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو سرن وار مليو آهي. سندس رسالي ۾ بيتن سان گڏ وايون به مليون آهن. ڪانئس اڳ سنڌي وائيءَ جو ڪوبه نمونو نه مليو آهي. هو بکر جي رضوي سيدن مان سيد نصيرالدين جو فرزند هو. سندس وڏو ڏاڏو سيد علاؤالدين بکر مان لڏي اچي نصرپور ۾ سڪونت پذير ٿيو. سنه 1030 هه ۽ 1035 هه جي وچ ڌاري شاهه عنايت وفات ڪئي. پنهنجي والد جي مرشد شاهه خيرالدين جو مريد هو ۽ ان زيارت لاءِ بار بار سکر ويندو هو.

هي پهريون شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ تصوف

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ميين شاهه عنايت جو ڪلام، سال 1963ع، ص 31 کان 60.

جي ذڪر سان گڏ حسن و عشق ۽ هجر ۽ وصال جو بيان به دلگداز انداز ۾ ملي ٿو:

گلبدن جون گجريون، ارم اوڏيائون؛
چوٽا تيل قليل سين، واسينگ ويڙهيائون؛
مشڪ محبت پـاڻ ۾، لگين لاتائون؛
ڪوڏان پوتائون ڪچڻان؛ سيلا سنڌيائون؛
اهڙي ئي عنايت چئي، راڻــو رانيائون،
سوموٽي ڪيئن پاهون،جووڃي گل گجر کي گڏيو.

ان کان سواءِ سندس ڪلام ۾ سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو عڪس به ملي ٿو:

جهڙا ڪرڙ ڪڪورڻا، تهڙيون لويون سر لگن؛
هيڪانديون تــي هلبون، پسيءَ کي پڪن؛
ميڙين ڏٽ مليرَ ۾، سدا ساڻه ڪن؛
تني جي پکن، عمرا اکنڊي آهيان.

هڪ روايت موجب: شاهه لطيف جي ساڻس ملاقات ٿي هئي. جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي، ته پوءِ ان ملاقات وقت شاهه لطيف جي جواني هوندي، ۽ شاهه عنايت وڏي عمر جو هوندو.

ادبي جائزو:

(۱) ارغون ترخان ۽ مغل غيرملڪي حڪمران هئا سي؛ ۽ فارسي زبان سندن مادري ۽ عامي زبان هئي. انهيءَ ڪري هنن فارسي زبان ۽ ادب جي سرپرستي ڪئي. سنڌي زبان جي نه سرڪاري سرپرستي ٿي ۽ نه

عامي محفلن ۾ ٿي ان کي جاءِ ڏني ويئي. انهيءَ ڪري سنڌي شاعريءَ جي خاطر خواه ترقي ٿي نہ سگهي ان هوندي بہ بزرگ ۽ صوفي سڳورا سنڌي زبان ذريعي عوام تائين پنهنجو پيغام پهچائيندا رهيا، پر سندن سمورو ڪلام قلمبند ٿي نہ سگهيو. جيڪو ٿورو ڪلام ڪتابن ۾ قلمبند ٿيو، ان مان گهڻو سمن ۽ ارغونن جي لڙاين، محمود بکري ۽ ترخانن جي جنگين، همايون ۽ ارغونن جي ڇڪتاڻ، ترخانن جي ظلم ۽ ڏاڍ، پورچوگيزن جي خونخوار حملي ۽ دهلي جي مغلن جي چڙهاين جي نذر ٿي ويو. رهيل کهيل علمي ذخيرو نورمحمد ڪلهوڙي جي ڪتب خاني سان گڏ نادرشاهہ ايران ڏانهن کڻي هليو ويو. اهو سبب آهي جو هن دور جا نہ ايترا شاعر مان ٿا ۽ نہ انهن جو گهڻو ڪلام ٿي ملي ٿو. ان هوندي بہ پوئين دور جي ٻن شاعرن شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت رضوي جي ڪلام جو چڱو ذخيرو مليو آهي.

2- معلوم ٿئي ٿو تہ، انهن ڏينهن ۾ بيت سان گڏ ڪافي سنڌي شاعري جي عام مقبول صنف هئي، پر افسوس جو اهو ڪوبہ نمونو نہ مليو آهي. البتہ پوئين دور جي پوئين شاعر شاهہ عنايت رضوي جي رسالي ۾ وائيءَ جا نمونا ملن ٿا. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ساڳيءَ شيءِ لاءِ بہ نالا مروج هئا: ڪافي ۽

وائي. اندازو آهي، ته سنڌ ۾ ڪافي مروج هو ۽ لاڙ ۾ ”وائي“ عام مشهور هئي.

3- رومانوي داستان، جهڙوڪ: عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو وغيره جي تمثيلي شعر چوڻ جو عام رواج هو. نه فقط ايترو پر پوئين دور ۾ شاه عنايت رضوي جي رسالي ۾ باقائده هر داستان تي هڪ سر ملي ٿو. انهن ڪانسواء شاه‌لطف‌الله‌قادري ”سامونڊين ۽ ناڪئن“ ۽ ”جوڳين ۽ آديسين“ وارا نوان تمثيلي مضامين به رائج ڪيا.

4- فني لحاظ کان هن دور ۾ گهٽين سٽن وارا بيت عام ملن ٿا؛ جن ۾ گهڻو ڪري پوئين مصرع جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو. البته ڪن بيتن ۾ بيت جي پوئين مصرع جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو. عثمان احساني جا سمورا بيت ان نموني جا آهن، ۽ شاهه لطف‌الله قادري جا ٿورا بيت ان قسم جا آهن.

5- بيتن ۾ ”وراڻ“ ۽ ”تڪرار“ پهريون ڀيرو شاهه لطف‌الله قادري جي ڪلام ۾ ملي ٿو. هن سٽا موجب ڪي لفظ ۽ فقرا لاڳيتن بيتن ۾ وري وري ايندا آهن. هن نموني جا بيت شاه عنايت رضوي، شاه لطف الله قادري جي رسالن ۽ ٻين پوين شاعرن جي رسالن ۽ ڪتابن ۾ ملن ٿا.

6- مضمون جي لحاظ کان هن دور ۾ شاعرن ۾ تصوف جو رنگ به ملي ٿو، ته حسن و عشق، هجر

۽ وصال جو ذڪر به ملي ٿو، جنهنڪري اڳين بيتن جي ڀيٽ ۾ هن دور جي بيتن ۾ وڌيڪ رنگيني ۽ شگفتگي آهي. نه فقط ايترو پر هن دور جي شاعرن جي ڪلام ۾ سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي به نظر اچي ٿي.

7- يوسف سهتي جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ بزرگن جي درگاهه تي سنڌي شاعر گڏ ٿي محفل ۾ پنهنجو شعر پڙهائيندا هئا. اهڙن محفلن کي ابتدائي نوعيت جو سنڌي مشاعرو چئي سگهجي ٿو. انهن ڏينهن ۾ بزرگن جي درگاهن تي سماع جون محفلون ٿينديون هيون، جن ۾ سنڌي بيت سر ۽ الحان سان پڙهايا ويندا هئا.

8- ٻوليءَ جي لحاظ کان هن دور جي شاعرن ۾ نيٺ سنڌي لفظ اڪثريت سان استعمال ٿيل آهن. فارسي ۽ عربي لفظن جي آميزش نه هجڻ جي برابر آهي. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ عربيءَ جا فقط 29 لفظ ۽ هڪ اصطلاح ۽ فارسي جا فقط 8 لفظ ملن ٿا. اهوئي حال ٻين شاعرن جو آهي. يعني انهن جي زبان به خالص سنڌي آهي. البت شاهه عنايت رضوي جي ڪلام ۾ ڪجهه عربي فارسي لفظ ملن ٿا.

9- هن دور جي شاعريءَ ۾ نعتيه رنگ به ملي ٿو. پير محمد لکوي جي سوهري شاعري ۾ نعتيه رنگ

آهي. ان کان سواءِ شاهه عنايت رضوي جي ڪيترن بيتن ۾ وائين ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ثنا ۽ صفت ملي ٿي.

10. الف اشباع جي شاعريءَ ۾ هر مصرع جي پڇاڙيءَ قافيو ”آ“ هوندو آهي. جنهن لفظ ۾ پڇاڙيءَ ”آ“ پيل نه هوندو آهي، ته ان ۾ ”الف“ هرو ڀرو وڌائي ”آ“ بنايو ويندو آهي، جيئن ”سبب“ مان ”سببا“. هي قافيو گهڻو ڪري مذهبي ڪتابن جي نظمن ۾ ڪم آيل آهي. پهريائين هن قسم جو نظم پير محمد لکوي جو ملي ٿو. پر ان مان اندازو ٿئي ٿو ته ان قسم جي نظم جو ان زماني ۾ عام رواج هو، جيڪو پوءِ به هلندو رهيو ۽ ڪيترائي مڪمل مذهبي ڪتاب لکيا ويا.

11. هن دور جي شاعريءَ ۾ دنيا جي بي‌ثباتيءَ جو ذڪر به دلگداز انداز ۾ ملي ٿو. عثمان احسانيءَ جو سمورو ڪلام ان نموني جو آهي. اها قنوطيت جي ڪيفيت، مايوسي ۽ نااميدي ان وقت جي ملڪي حالتن جي ڪري هئي.

# باب چوٿون

## ڪلهوڙا دور

<u>سياسي صورتحال:</u>

ڪلهوڙن جو وڏو ڏاڏو آدم شاهہ ڪلهوڙو آهي، جنهن جي مزار سکر ۾ ٽڪريءَ تي آهي. خانخانا جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو هو، تڏهن آدم شاهہ کان دعا گهرائي هئائين. انهيءَ ڪري فتح ڪانپوءِ چانڊڪي پرڳڻي ۾ لاڙڪاڻي لڳ جاگير ڏنائينس. ان ڪانپوءِ ڪلهوڙا پيري مريدي سان گڏ سياسي طرح بہ مضبوط ٿيندا ويا. مغلن جي گورنرن سندن طاقت کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪلهوڙا اڀرندا ۽ اسرندا رهيا. مغلن جي ڪمزوري جو فائدو وٺي ميان يارمحمد ڪلهوڙي پنهن جي طاقت جو بنياد مضبوط بنايو. هنن ڏينهن ۾ سنڌ جي وڏي بزرگ شاهہ عنايت شهيد جي شهادت جو واقعو ٿيو. سنڌ جي زميندارن ۽ مغل گورنر جي گڏيل سازش سان شاهہ عنايت کي شهيد ڪيو ويو. هن واقعي ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي دهليءَ جي حاڪم جو

ساڳ ڏنو. نتيجي ۾ هن سنڌ جي حڪومت حاصل ڪري ورتي ۽ کيس ”خدا يار خان“ جو خطاب مليو. سندس وفات 1718ع ۾ ٿي. ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان نورمحمد جانشين ٿيو، جنهن سڄي سنڌ فتح ڪئي ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي خودمختيار حڪومت قائم ڪئي ڪلهوڙن حيدرآباد کي گادي بنايو؛ پر ان هوندي به ٺٽو علم ۽ ادب جو مرڪز رهيو.

ميان سرفراز ڪلهوڙي، ميربهرام کي قتل ڪرايو، جنهن ڪري ٽالپورن بغاوت ڪئي. 1775ع ۾ کيس تخت تان لاهي حيدرآباد جي قلعي ۾ بند ڪيائون. ان ڪانپوءِ ميان عبدالغني ميان سرفراز کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ ميرن جي به ڪڍ پيو. آخر ميان فتح عليخان ٽالپر 1782ع ۾ کيس شڪست ڏيئي، سنڌ ۾ ٽالپر راڄ قائم ڪيو. هن مان معلوم ٿيندو ته ڪلهوڙن جي حڪومت صحيح معنيٰ ۾1719ع کان 1782ع تائين هلي.

هن دور ۾ شاهه عنايت شهيد جي شهادت جو دردناڪ واقعو ٿيو. ٺٽ جي سوڍن شورشون ڪيون. 1739ع ۾ نادرشاهه حملو ڪيو، ۽ شڪارپور واري حصي کي قنڌار سان ملائي ڇڏيو. ان جي قتل ٿيڻ ڪانپوءِ 1753ع ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ ۾ آيو. ان ڪانپوءِ سنڌ افغانن جي ڏن ڀروتي ويئي. آخري ڏينهن ۾ مدد خان سنڌ تي چڙهي آيو ۽ وڏي ڦرلٽ ڪيائين نتيجي ۾ سنڌ جو سڪون تباهه ٿي ويو، ۽ ”مدد پوڻ“

”گهوڙا ڙي گهوڙا“ ۽ ”گهل ڙي گهل“ اصطلاح مروج ٿيا، ۽ شڪارپور ۽ انجي پسگردائيءَ ۾ پٺاڻ اچي آباد ٿيا.

## علمي حالت:

ارغونن جي ڏينهن کان فارسيءَ کي اهميت ملي چڪي هئي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ بہ فارسيءَ جي اها حيثيت قائم رهي، جنهن ڪري ”پارسي گهوڙي چاڙهسي“ محاورو مروج ٿيو. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي عالمن، عام ماڻهن کي مذهبي مسئلا سيکارڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ الف اشباع جي قافيہ ۾ مذهبي ڪتابن لکڻ جي روايت قائم ڪئي. اهڙا ڪتاب مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهائڻ لڳا، اهو رواج اڄا تائين هليو اچي.

## مذهبي ادب:

اهوئي سبب آهي، جو هن دور ۾ الف اشباع جي نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا، جن کي ”سنڌيون“ سڏيو ويو، ۽ انهن ۾ مذهبي مسئلا بيان ڪيا ويا. هن هيٺ پهريائين ان قسم جي شاعرن جو ذڪر ڏجي ٿو.

## مخدوم ابوالحسن ٺٽوي:

ٺٽي جو هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. 1661ع ۾ سنڌس ولادت ٿي ۽ 1700ع ڌاري ڪانپوءِ وفات ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ حضرت سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغداد مان ٺٽي ۾ آيو ۽ سندس

تبليغ سبب ڪيترا هندو مسلمان ٿيا. انهن نون مسلمانن کي اسلامي اصول ۽ مسئلا سيکارڻ جي ضرورت پيش آئي. انهيءَ ضرورت موجب مخدوم ابوالحسن، عربي رسم الخط ۾ واڌارو آڻي، سنڌي رسم الخط تيار ڪئي ۽ انهيءَ صورتخطي ۾ الف اشباع جي قافيه تي مشتمل هڪ ضخيم ڪتاب "مقدمة الصلوات" 1700ع ۾ لکيو؛ جنهن ۾ نماز جا مسئلا سمجهايل آهن. انهيءَ ڪري ڪيس "سنڌي علم ادب جو پايو وجهندڙ" چيو ويو آهي. "مقدمة الصلوات" کي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ جو هي پهريون مڪمل منظوم ڪتاب آهي، جنهن ۾ نماز بابت ترتيبوار سموريون ڳالهيون سمجهايل آهن. ٻين عالمن هن ڪتاب جي نموني تي ڪيترائي اهڙي قسم جا ڪتاب جوڙيا. ٻوليءَ جو لحاظ کان هن ۾ ان وقت جي عام مروج ٻولي ڪم آيل آهي. ڪيترا ته اهڙا نيٺ سنڌي لفظ به استعمال ٿيل آهن، جيڪي هينئر لاڙي محاوري مان به متروڪ ٿي ويا آهن. "مقدمة الصلوات" کي عام طرح "ابوالحسن جي سنڌي" چيو ويندو آهي. فني سٽا جي لحاظ کان هن ۾ الف اشباع جي ڏگهن بيتن کان سواءِ صحيح قافيه وارا ڏگها بيت به آهن، جن کي ڪتب چيو ويندو آهي. ان کان سواءِ ڪيترن هنڌن تي ٻن مصرعن تي مشتمل دوها به آيل آهن.

دوهي جو نمونو:

ساراهجي سو ڏڻي، سنڌو جنهن فرمان؛
مڃيو مڙني مومنين، آنڌائون ايمان.

الف اشباع جي نظم مان نمونو:

چوٿون رڪوع سجدي ۾ ڪرڻ ويرم ڪا،
قدر تسبيح هيڪڙي توڙي تي پيرا؛
پنجون فرض فرض هنڌ واجب واجب جا؛
ستون لفظ سلام سين، نڪرڻ نمازا.

صحيح قافيه جو مثال:

اپوجهن اپوجهيون، سڄاڻ سيون ڪن؛
ڏلا پٽ پلن جي، رڙهي راهه پون؛
عاصي پني صالحين سيثي شال چٽن؛
مهند جن جي مصطفيٰ، مرڪڻ مرسلن.

مخدوم ضياءالدين:

هي بزرگ ٺٽي جو هڪ وڏو عالم هو، سهروردي طريقي جي اڳواڻ شيخ شهاب‌الدين عمر سهروردي جي نسل مان هو. 1090 هه (1679ع) ۾ سنڌس ولادت ٿي، ۽ 1171 هه (1757ع) ۾ وفات ڪيائين. ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم عنايت‌الله ڪان تعليم حاصل ڪيائين. تعليم جي تحصيل کان پوءِ پنهنجو مدرسو کوليائين. ڪيترائي طالب سندس مدرسي مان عالم ۽ فاضل ٿي نڪتا. سنڌ جو مشهور عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به سندس مدرسي مان پڙهي نڪتو. مخدوم ابوالحسن جي نموني تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيائين، جنهن کي ”ضياءالدين جي سنڌي“ سڏيو ويو. سندس ڪتاب ۾ نه

فقط وضو ۽ نماز جا مسئلا سمجهايل آهن. پر دين سان
تعلق رکندڙ ٻيون ڳالهيون بہ سمجهايل آهن.

مخدوم ضياءالدين جي سنڌي مقصديت وارو ڪتاب آهي؛ پر ان جي نظم جي سٽا ايتري پختي نہ آهي. منجهس ان وقت جي عام مروج ٻولي ڪتب آندل آهي، ۽ فني سٽا مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ جهڙي آهي.

**مخدوم محمد هاشم ٺٽوي:**

وڏو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس نالو اڄ تائين عام توڙي خاص ۾ مشهور ۽ معروف آهي. 1690ع ۾ ميرپور بٺوري، ضلعي ٺٽي ۾ سندس ولادت ٿي. سندس والد بزرگوار جو نالو عبدالغفور هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائين، وڌيڪ تعليم ٺٽي وڃي مولوي محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءالدين کان حاصل ڪيائين.

ٺٽي ۾ ڪيس ڪيتريون ئي برايون ۽ شرع جي خلاف ڳالهيون نظر آيون. اهو ڏسي تڙپي اٿيو. سماجي برائن ۽ شرع جي خلاف ٿيندڙ ڳالهين جون پاڙون پٽي ڪيڻ لاءِ عملي ڪوشش ڪرڻ شروع ڪيائين ان سلسلي ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، نادرشاهه ۽ احمد شاهه کي خط لکيائين. ميان غلام شاهه کيس پروانو ڏنو، جنهن ۾ عملدارن کي هدايتون ڪيون ويئون هيون، تہ برائن کي ختم ڪرڻ لاءِ مخدوم صاحب جي مدد ڪن. مخدوم صاحب علم ۽ عمل جو مجسمو

هو. اسلامي دنيا جو تمام وڏو عالم به هو، ته وڏو مصلح به هو، اعليٰ پايه جو مقرر به هو، ته بيشمار ڪتابن جو مصنف به هو. سنه 1135 هه (1722ع) ۾ جڏهن مدينه منوره ويو ته، اتي به پنهنجي علم ۽ فضل سبب وڏي عزت حاصل ڪيائين. حج تان موٽندي 1137 هه (1724ع) ۾ سورت بندر ۾ هڪ نقشبندي طريقي جي بزرگ سيد محمد سعدالله جو مريد ٿيو. واپس اچڻ کان پوءِ ٺٽي ۾ رهي درس ۽ تدريس جو سلسلو جاري رکيائين، ۽ تقرير ۽ تحرير توڙي علمي طرح دين جي وڏي خدمت ڪيائين. 16 رجب سنه 1174 هه (1760ع) تي وفات ڪيائين. سندس مزار مڪلي ٽڪريءَ تي آهي.

مخدوم صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ ڏيڍ سؤ کن ڪتاب لکيا آهن. سندس ڪتاب ايڏي وڏي عالمانه ۽ محققانه انداز ۾ لکيل آهن، جو سندس عربي ڪتاب جامع الازهر مصر ۾ پڙهيا ويندا هئا، ۽ پڙهيا وڃن ٿا. سندس سنڌي ڪتاب گهڻو ڪري مخدوم ”ابوالحسن جي سنڌي“ جي نموني تي لکيل آهن. البته ڪن ڪتابن ۾ صحيح بيت ۽ ڊگها بيت يعني ڪبتون به آهن، جن ۾ نظم واري دلڪشي، رنگيني ۽ رواني آهي. سندس سنڌي ڪتابن مان هيٺيان ڪتاب ۽ رسالا قابل ذڪر آهن:

( 1 ) فرائض الاسلام، ( 2 ) زادالفقير، ( 3 ) قوت العاشقين وغيره.

مخدوم صاحب عربيءَ ۽ پارسي جو زبردست

عالم هو، ان هوندي به پنهنجي سنڌي ڪتابن ۾ نج سنڌي ڪتب آندي اٿس. اسلام جيڪي فرض اسان تي عائد ڪري ٿو، اهي ”فرائض الاسلام“ ۾ نهايت وضاحت سان سمجهايا اٿس. ”زاد الفقير“ ۾ روزي جي اهميت ۽ ان جي شرعي حيثيت تي بحث ڪيو اٿس. ”قوت العاشقين“ ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ثنا ۽ ساراهه ڪئي اٿس؛ ۽ پاڻ سڳورن جا معجزا ڏاڍي محبت ۽ عقيدت سان بيان ڪيا اٿس. علمي لحاظ کان به مخدوم صاحب جي ڪتابن جي وڏي حيثيت آهي، ڇاڪاڻ جو هر ڳالهه تحقيق سان پيش ڪيل آهي؛ ۽ اختلافي ڳالهين لاءِ سندون ڏنل آهن.

فني سٽا جي لحاظ کان ” فرائض الاسلام “ ۽ ”قوت العاشقين“ الف اشباعِ واري نظم ۾ آهن. ”فرائض الاسلام“ جو نظم سادو آهي؛ ۽ ” قوت العاشقين “ ۾ وڌيڪ رنگيني، دلڪشي ۽ اثر انگيزي آهي. ”فرائض الاسلام“ کان ” زاد الفقير “ جو نظم وڌيڪ پختو ۽ ميناج وارو آهي. هن ۾ صحيح قافيه سان ٻه گها بيت يعني ڪيترون آيل آهن؛ جن ۾ قافيو هر مصرعِ جي پڇاڙي اچي ٿو. فني سٽا جي پختگيءَ کان سواءِ هن ڪتاب جي بيتن ۾ صنعتن جو به سهڻو استعمال نظر اچي ٿو. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بقا ناهه بلاد کي، دنيا ناهه دوام،
اجل ٿو اوتون ڪري، ٿي قريب قيام،

سمر سنڌي ساٿيا، ڪريو تان تمام،
ڪريو ياد ڪريم کي، سنجهي صبح شام،
مچڻ ويسارا وهو، ايهو منجهه اسلام،
ڪهو ڪلمو صدق سين مٿي محمد چام.

### مولوي عبدالخالق:

ٺٽي جو وينل هو، ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد ۽ مريد هو. سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون نٿيون ملن. پنهنجي استاد جي پيروي ڪندي سنہ 1744ع ۾ هڪ سنڌي مذهبي ڪتاب "مطلوب المومنين" نظم ۾ لکيائين.

### مولوي محمد حسن:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو همعصر هو. سندس وڌيڪ احوال نہ ٿو ملي، سنہ 1177 ھ (1763ع) ۾ پارسي ڪتاب "قصص الانبياء" جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيائين.

**مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي:** مخدوم عبدالرؤف جي پاءُ پراڻن هالن جي ڀٽي بزرگ مخدوم محمد ابراهيم هڪ مذهبي ڪتاب لکيو، جنهن کي "محمد ابراهيم جي سنڌي" سڏيو ويو.

**محمد شريف راڻيپوري:** هي بزرگ راڻيپور جو وينل هو. سنہ 1160 ھ (1747ع) ۾ الف اشباع واري

نظم ۾ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن کي محمد شريف جي سنڌي سڏيو ويو.

قاضي عبدالڪريم: ڪاهي ڪنڊن ضلعي نوابشاهہ جو ويٺل هو. الف اشباع جي نظم ۾ سورت ياسين جو ترجمو ۽ تفسير لکيائين ۽ نظم ۾ دعائن جو ڪتاب لکيائين.

مخدوم عبدالله واعظ: عرف ميان مورو (وفات 1763ع) مخدوم ابوالحسن جو شاگرد هو. ڪنزالقبرت، بدالمنير وغيره ڪتاب ڏانهس منسوب آهن؛ پر اهي دراصل مخدوم عبدالله ترئي واري جا تصنيف ٿيل آهن. هن جي هڪ ٿيهہ اکري ملي آهي.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي: الف اشباع جي نظم ۾ نہ فقط مذهبي ڪتاب لکيا ويا، پر ڪن شاعرن پيا مضمون بہ آندا. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي اهڙي نموني جي نظم ۾ قرآن شريف جي ڪن سورتن جو ترجمو ۽ تفسير بہ لکيو، تہ حقيقت محمدي بہ نهايت وضاحت ۽ فلسفيانہ نوع ۾ سمجهايائين. انهيءَ سلسلي ۾ نور، بشر عقل ۽ بين واسطو رکندڙ ڳالهين تي نهايت وضاحت سان روشني وڌي اٿس. اهڙو تہ معقول بحث ڪيو اٿس، جو مجٺو پوي ٿو تہ ڪانئس اڳ ڪنهن بہ عالم ۽ بزرگ انهيءَ مسئلي تي انهيءَ نموني بحث نہ ڪيو ويو آهي. مضمون ڪانسواءِ ادبي نقطئہ نگاهہ

ڪان به هن نظم جو درجو مٿانهون آهي. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سرور آخر صورتين مهڙ منجهه معنا،
اصل عالم مون پرين علت ايجادا،
آدم ولد ان جو توڙي والد آهه؛
والد آهه وڻ جئن ميوو مولودا،
اول الفڪر آخرالعمل پرين پاراها،
پاڻان سونهون مون پرين پيا سپ ان سببا،
نرمل نوري پاڻ ۾ پين نورانا.

مخدوم صاحب بيت به لکيا آهن، جن ۾ تصوف جا اونها راز بيان ڪيل آهن. ڪن بيتن ۾ ته معنيٰ ۽ مفهوم تمام اونهون ۽ ڳوڙهو آهي.

سنڌي ڪلام کان سواءِ مخدوم صاحب عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ به ڪتاب لکيا. جهڙوڪ- فتح الفضل، شرح ابيات سنڌي؛ مڪتوبات ۽ رساله گل نما. مخدوم صاحب ذات جو مڱريو ۽ سعدالله جو فرزند هو. 1739ع ۾ ڳوٺ واڙ تعلقي ڪپري ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ 1778ع ۾ ٿر ۾ هڪ ٻتخاني جي پوڄارين سان جهاد ڪندي، شهادت جو جام نوش ڪيائين. سندس آخر رهائش گاه گرهوڙ ۾ هئي، ۽ سندس مزار به اتي ئي آهي. وقت جو جيد عالم هو، ۽ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جو مريد ۽ خليفو هو.

مخدوم غلام محمد بگائي: الف اشباع جي نظم ۾ مداهون، مناجاتون، معجزا ۽ مناقبا به چيا اٿس. اهڙي مضمون وارو شعر پهريائين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪتاب "قوت العاشقين" ۾ ملي ٿو. ان کان پوءِ ٻيو شاعر مخدوم غلام محمد بگائي آهي، جيڪو نورمحمد ڪلهوڙي (1719ع - 1753ع) جي ڏينهن ۾ زنده هو هو "بگا" تعلقي موري جو ويٺل هو. الف اشباع ۾ معجزا ۽ مناقبا به چيا اٿس، ته مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت تي الف اشباع ۾ مرثيه نما نظم به لکيو اٿس. مخدوم عبدالرحمان کي نورمحمد ڪلهوڙي شهيد ڪرايو هو. انهيءَ ڪري نظم ۾ نورمحمد ڪلهوڙي کي سخت نِنديو اٿس. شهادت جو واقعو هن طرح بيان ڪري ٿو.

ميڙو ڪري مخدوم تـــي اچانڪ آيا،
جابر جي جاگير تي ڪاهي ڪل پيا،
مـــاري مومن جـــا ڦري مـــال متاعا،
ضرر، ظلم، زيادتون تن ڪهڙا چوان ڪيا؟

ميون عيسيٰ:

هي بزرگ 11 صدي جي آخر، ۽ 12 صدي جي شروع ۾ ٿي گذريو. ڪاٺوٽ ۾ رهندو هو. پوءِ لڏي وڃي ملاڪاتيار ۽ سيدپور جي وچ تي هڪ ڳوٺ ۾ رهيو. سنڌس هڪ سنڌي تصنيف ملي آهي، جنهن کي

"ٻيين عيسيٰ جي سنڌي" چئو وڃي ٿو. ان ۾ معرفت جي مام سمجهايل آهي.

## سنڌي بيت

ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ بيت ترقي ڪري اوج تي پهتو. خاص طرح سان شاهه لطيف ڀٽائي سنڌي بيت کي سنواري سڌاري، منجهس لطافت ۽ نزاڪت به پيدا ڪئي، ته اثر ۽ فني بلندي به پيدا ڪئي. هيٺ هن دور جي سنڌي بيت جي شاعرن جو احوال ڏجي ٿو:

مخدوم سليمان: هنگورجن جو وينل هو، ۽ شاهه عنايت رضوي جو همعصر ۽ معتقد هو. سندس هڪ بيت محفوظ رهيو آهي، جيڪو شاهه عنايت رضوي سان گفتگو دوران چيائين.

پيرو ڪتي: هي سگهڙ شاعر به شاه عنايت رضوي جو همعصر هو، ۽ به ٿي پيرا شاه عنايت سان بيتن ۾ سندس گفتگو ٿي هئي.

شاه عبدالطيف ڀٽائي: شاه عنايت رضوي ڪانپوء شاه عبداللطيف ڀٽائي بيت جو باڪمال شاعر آهي. سنڌ جو هي عظيم شاعر، 1689ع ۾ ڄائو ۽ 1752ع ۾ وفات ڪيائين. هو شاه ڪريم جو ٽڙ پوٽو ۽ شاه حبيب جو فرزند هو. ننڍي هوندي کان ئي فقيريء ڏانهن لاڙو هوس. سير و سفر جو به ڏاڍو شوق هوندو هوس. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ته گهميو، پر سنڌ کان ٻاهر به

پري تائين ويو. والد جي وفات کان پوءِ اڇي ڀِٽ وساياائين، جنهن ڪري ڪيس ڀِٽائي سڏيو وڃي ٿو. هرسال سنڌس تاريخ 14 صفر تي ڀِٽ تي وڏو ميلو لڳي ٿو. شادي ڪئي هئائين، پر اولاد ڪانه ٿيس.

شاه صاحب جي شعر ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن، جيڪي هڪ الهامي ۽ دنيا جي وڏي شاعر ۾ هئڻ گهرجن. شاهه صاحب جي عظمت جو اعتراف نه فقط ديسي اديبن ۽ دانشورن ڪيو آهي، پر غيرملڪي ۽ مغربي اديبن، مفڪرن ۽ نقادن به ڪيو آهي. انهن مان انگريزي اديب "ڊاڪٽر سورلي" جرمنيءَ جي اديبه ڊاڪٽر "اينميري شميل" جا نالا قابل ذڪر آهن. يعني بقول ڊاڪٽر گربخشاڻي "شاهه صاحب جي شاعراڻي خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ئي ولات واسي ڇڏي آهي." آنجهاني گربخشاڻي، شاه‌صاحب جي شعر جي عظمت لاءِ هي دليل ڏنو آهي: "سنڌس خيالي قوت جو پرياڻ هي آهي، ته جيئن جيئن شعر تي اونهون غور ڪنداسين، تيئن تيئن اسان ۾ نئين حيرت اتپن ٿيندي."

علامه آءِ. آءِ قاضي صاحب، غيرملڪي دانشورن جي مقرر ڪيل تنقيدي معيار موجب، شاه‌صاحب کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ثابت ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ پهريون ڪسوٽي مشهور انگريز اديب "ڪارلائل"

جي ڏني اٿن؛ جنهن موجب شعر اهو آهي، جو ڳائي سگهجي. ٻي ڪسوٽيءَ موجب جيڪڏهن شاعر جي شعر مان ڪو مصرع يا لفظ بدلائجي، ته شعر جو روح ختم ٿي وڃي. ٽين ڪسوٽي آهي؛ زبان جو استعمال جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجا خيالات ظاهر ڪري ٿو. اهي ٽيئي خوبيون بيڪ وقت شاهه صاحب جي شعر ۾ موجود آهن. جيڪي هڪ ئي وقت ڪنهن به دنيا جي شاعر ۾ موجود ڪونهن. شاه صاحب جي شعر ۾ فڪر جي گهرائي ۽ وسعت آهي. ڳائي سگهجي ٿو، ۽ وڏو توڙي ننڍو، پڙهيل توڙي جاهل، ان مان حظ حاصل ڪري سگهي ٿو. سنڌي زبان جي لفظن جي استعمال جي لحاظ کان سنڌ جي حيثيت رکي ٿو. سنڌي ثقافت ۽ تهذيب ۽ تمدن جو ترجمان آهي. شاه صاحب جي مشاهدي جي قوت تمام تيز آهي، هو هر شيءِ جي گهرائيءَ ۾ وڃي بهترين نتيجا اسان جي آڏو پيش ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ انساني فطرت جو هر رخ ۽ انساني تجربي جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪري سندس ڪلام ۾ خارجي عنصر به آهي، ته داخلي به ان ۾ جيڪو مواد آهي، اهو عوام الناس جي دلچسپيءَ جو آهي. انهيءَ ڪري ٻار توڙي ٻڍي، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل ڪي شاه صاحب جي ڪلام مان حظ حاصل

ٿئي ٿو. شاهه صاحب پنهنجا دلي جذبات تمثيلي انداز ۾ بيان ڪيا آهن. هن جيڪي ڪجهه سوچيو، ويچاريو، پرجهيو ۽ پروڙيو، ويچاريو ۽ ورتايو آهي؛ اهو ويهي بيان ڪيو اٿس. انهيءَ ڪري سندس انداز بيان ذاتي ۽ داخلي آهي، جنهن ۾ خلوص آهي ۽ صداقت آهي. اعليٰ فڪر جي باوجود ان ۾ ايڏو تاثر آهي، جو ڪهڙي به ذهني معيار وارو ماڻهو بي‌اختيار ٿي ويندو. اها آهي شاهه جي فن جي عظمت، جيڪا اوهان کي دنيا جي بين شاعرن ۾ ڳولهيندي نه لڀندي. اهو سبب آهي، جو جڏهن شاهه صاحب کي نيڪ نيتيءَ سان پڙهيو وڃي ٿو ته ان جي عظمت آڏو ڪنڌ جهڪائو پوي ٿو. شاهه صاحب کي جيڪڏهن اوهان بار بار پڙهندا، ته اوهان کي هر پيري خيال جي بلنديءَ جا نوان نڪتا نظر ايندا. هت آءٌ هڪ بيت پيش ڪريان ٿو، جيڪو انساني ذهن جي ارتقا سان تعلق رکي ٿو. شاهه صاحب چوي ٿو ته، ذهني ارتقا ضرور ٿي آهي ۽ ٿئي ٿي، انسان اڻ‌سمجهه مان سمجهه ٿئي ٿو. سندس ڪچي ذهن ۾ پختگي اچي ٿي، ۽ ڪا رهنمائي کيس رستو ڏيکاري منزل مقصود تائين پهچائي. هو سورن ۽ تڪليفن، ڏکن ۽ ڏاکڙن کي راهه ڏيکاريندڙ رهنما سڏي ٿو؛ ۽ ذهني ترقيءَ جو مکيه سبب دلي لڳاءُ ۽ محبت جو شديد جذبو سمجهي ٿو، فرمائي ٿو:

راتِ ڏٺائين روجهه، پانءِ کي اوٺي آئيا،
پريتڙي پرينءَ جي. سگهه کي سبوجهه،
هئي گهڻو اپوجهه؛ سورن سونهائي سسئي.

اهو ئي سبب آهي جو هو ڏکن ۽ سورن کي سکن جي سونهن تصور ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو انهن کان سواءِ مٿانهين منزل ماڻي نه ٿي سگهجي نه فقط پترو پر ان جو تصور به ڪري نٿو سگهجي.

”ڏک سکن جي سونهن، گهوريان سک ڏکن ري“

شاهه صاحب جي نظر ۾ حقيقت ظاهر پيٺي آهي، ان ۾ ڪوبه ڦيرڦار، ڏنگ ڏاءُ آهي ئي ڪونه. منجهيل ماڻهن معاملي کي منجهائي معمو بنائي ڇڏيو آهي:

”ور ۾ ڪونهي ور، وڏيرن ور وڌو ڪيو.“

”چاچي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو نه ٿئي.“

سندس نظر ۾ ڪائنات جي تمام رنگينين ۾ وحدت ئي وحدت آهي. هن اسان کي سمجهايو آهي ته ڇو انڌا ٿيا آهيو، جو پاڻ ۾ پيا وڙهو؛ اوهان ته پاڻ ۾ آهيو ئي هڪ، جدائگي ته اوهان ۾ آهي ئي ڪانه، اها اوهان جي جهالت آهي، جو هڪ ٻئي کي جدا سمجهي پنهنجو پاڻ کي پيا نقصان رسايو.

پاڻي ڪان ڪمان ۾ ميان مار م مون،
مون ۾ آهين تون، مٿان تنهنجو ئي تو کي لڳي.

يعني انفراديت جو تصور ئي عذاب آهي. انهيءَ انفراديت جي تصور ئي انسانيت کي ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو آهي. بغض، ڪينو، حسد، ساڙ ۽ دشمني انهيءَ انفراديت جي تصور جي ئي پيداوار آهن. انهيءَ ڪري معاشري ۾ انتشار آهي ۽ ملڪ ۾ فساد آهي. هڪ ملڪ ٻي ملڪ جو، ۽ هڪ قوم ٻي قوم جي جاني دشمن بڻجي وئي آهي. شاه صاحب انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري فرمايو آهي، ته دراصل سموري انسان ذات هڪ وجود مثل آهي، پر ان کي انفراديت جي تصور ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو آهي:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي توهار،
جنگهه چرڪي وات ۾، سسي کي سيسار،
چوڙا ڀڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙهيس وار،
لکين ڇهنيس لوهيٽيون، ٽيلهيون ترئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ڀاڱا ٿيندي سوهڻي.

يعني انفراديت جا اصول ۽ نظريا، انسانيت جي لاءِ هاڃيڪار آهن. هو ڏک درد جو علاج، هي سمجهي ٿو ته اسان کي هيڪڙائيءَ جو قائل ٿيڻ گهرجي؛ ۽ محسوس ڪجي ته اسان سڀ پاڻ ۾ هڪ آهيون ۽ ڪو سنڌو سيڙو ئي ڪونهي. شاه صاحب مختلف طريقن سان ۽ جدا جدا تشبيهن سان اها ڳالهه واضح ڪري ٿو، ته جيئن پوريءَ طرح سان ذهن نشين ٿي وڃي.

هن بيت ۾ اها ڳالهه الف ۽ لام جي ميلاپ سان سمجھائي اٿس:

> ڪاتب لکيو جيئن، لايو لال الف سين،
> اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

ٻي هنڌ وري زنجير جي ملبل ڪڙين جو مثال ڏئي ٿو:

> ڪڙو منجهه ڪڙي؛ جيئن لهار لپيٽيو؛
> منهنجو جيءُ جڙي؛ سپرين سوگهو ڪيو.

هڪ ٻئي هنڌ وري ان ڳالهه جي سمجھاڻي لاءِ ڪنڊين مينهن جي پور پوڻ جي تشبيهه آندي اٿس. ٻن ڪنڊين مينهن جا ور وڪڙ سنگ جڏهن پاڻ ۾ اٽڪي پوندا آهن، ته ڪيتري ڪوشش جي باوجود به جدا ٿي نه سگهندا آهن:

> ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين؛
> ڪي چڙهن نه چت تي؛ ڪي وسرن نه مور؛
> جيئن مينهن ڪنڊين پور؛ تيئن دوست ورا ڪودل سين.

انهيءَ ڳالهه کي ذهن نشين ڪرائڻ سان گڏ شاه صاحب انساني فطرت جو صحيح جائزو حقيقت پسندانه نموني پيش ڪري، انسان جو رخ بديءَ کان نيڪيءَ ڏانهن موڙي ٿو. هو انساني فطرت کي نظرانداز نه ٿو ڪري، پر انساني جذبات ۽ احساسات جو رخ صحتمندانه نموني موڙي ٿو. هو انساني مزاج ۽ فطرت

جو پارکو آهي. هو انسان جي مادي ۽ روحاني تقاضائن کي نظر ۾ رکي، انهن جو تجزيو ۽ ترجماني ڪري پنهنجو نقطهءِ نظر بيان ڪري ٿو، ۽ پنهنجو پيغام ذهن نشين ڪرائي ٿو.

## خواجه محمد زمان:

هن دور ۾ اهڙا شاعر به ملن ٿا، جن صرف بيت چيا آهن. انهن ۾ حضرت سلطان الاولياءُ خواجه محمدزمان جو نالو مڙني کان مٿانهون آهي. هي سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جو وڏو بزرگ هو ۽ لنواري درگاهه جو باني هو. 1780ع ۾ سندن ولادت ٿي ۽ 1874ع ۾ وصال ڪيائون. سندن والد بزرگوار جو نالو حاجي شيخ عبداللطيف هو. سندن نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق سان ملي ٿو. پٽائي صاحب وٽن ويو هو ۽ مريد ٿيڻ جو ارادو ڏيکاريو هئائين. پر جيئن ته نقشبندي طريقي ۾ راڳ جي ممانعت آهي؛ انهيءَ ڪري مريد ٿي نه سگهيو. باقي ڪانئن ايترو ته متاثر ٿيو جو سندن شان ۾ چوندو هو:

مون سي ڏٺا ماءُ؛ جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهيا ڳالهڙي.

حضرت خواجه صاحب جا 85 سنڌي بيت مليا آهن، جن جي عربيءَ ۾ شرح سندن مريد شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڪئي. ان جو سنڌي ترجمو علامه دائود پوٽي

مرحوم ڪري، ”ابيات سنڌي“ جي نالي سان ڇپايو.
ٻه بيت نموني طور ڏجن ٿا.

جنين ڏنو پاڻ کي، تنين ڏنو سپرين،
غلط ايءُ گمان، ته عارف پسي آرسي.

*****

هوندئا هوت پري، اوڏو نه اڻ هوند کي،
سڄڻ تن‌سري؛ ”لا“ سين ”لا“ لاهين جي.

سيد محمد بقا:

هن بزرگ جا ٻه فقط بيت مليا آهن، هو راشدي خاندان جو وڏو ڏاڏو هو، ۽ سندس نسب جو سلسلو سيدعلي مڪي سان ملي ٿو، جيڪو دلوراء جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو. سيد محمد بقا جي ولادت 1722ع ۾ ٿي، ۽ 1783ع ۾ سندس شهادت ٿي. سندس ڪجهه بيت مليا آهن. هڪ بيت هي آهي:

جي ڪڇان ته ڪوڪ نڪري، صبر سان آءُ سهان؛
اکيون لاهيو پر کي، ويٺي سور سهان،
ڪنهن کي ڪين چوان، ته ڪنهن پر اڪنڊي آهيان.

روحل فقير:

هو پهريائين ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو ملازم هو. پر پوءِ فقيري اختيار ڪيائين، ۽ اچي ڪنڊڙي (لڳ روهڙي) وسايائين. وڏو عالم ۽ فاضل هو. سنڌي، هندي ۽ سرائيڪي ۾ بلندپايه شعر چيو اٿس. هندي ۽

۾ ته سندس ڪافي منظوم تصنيفون آهن، جن مان ”من پر پوڙ،“ ”پر گيان“ ۽ ”انيو“ مشهور آهن. سنڌي ۽ سرائيڪيءَ ۾ به سندس گهڻو شعر آهي، جيڪو بيتن، سه حرفين ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. همه اوست، وحدت ۽ ڪثرت، فنا ۽ بقا سندس شعر جو مضمون آهي. سندس نظريه آهي، ته هر هنڌ انهيءَ ذات جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. انهيءَ ڪري هندن کي مخاطب ٿي هدايت ڪري ٿو:

”جي پپل ۾ پرميشر ته، پهر ۾ پيو.“

اها نظر انهن کي حاصل ٿيندي، جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائي، پنهنجو پاڻ سڃاڻندا:

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙي رکيون جن،
سؤ سؤ پيرا ساعت ۾، تـــاپلپل پرين پسن:
تن تحصيلون تمام ڪيون، محبت جن جي من:
روحـــل مٿان تـــن: لٿا حرف حساب جـــا.

## صاحبڏنو فاروقي:

درازي درويش ميان صاحبڏنو عرف محمد حافظ (وفات 1788ع) فاروقي، حضرت سچل سرمست جو ڏاڏو هو. حضرت شاه لطيف جو همعصر هو، ۽ شاهه صاحب جي ساڻس ملاقات به ٿي هئي. سندس بيت وجودي فڪر جا ترجمان ۽ شارح آهن. پنهنجي ذهن ۽ فڪر جي بلنديءَ جو ذڪر ڪيندي چوي ٿو:

کنين جو نينھن نھر سان، کنين ڏٻايا درياھ
صاحبڏني جـــي ساھ؛ ســـارو سمنڊ سمائيو.

مخدوم عبدالرحيم گرھوڙي:

ھن بزرگ الف اشباع جي نظمن ۾ ڪيترن ڪانسواءِ بيت بہ چيا آھن، جيڪي مصنوي لحاظ کان نھايت گھوڙھا ۽ اونھا آھن.

جلال ڪنڌي:

منڊر ضلعي دادو جو ويٺل ھو. 18 صدي عيسوي ۾ ٿي گذريو آھي. سينگار جي بيت جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آھي. سينگار جي بيتن ۾ محبوب جي سونھن ۽ سينگار جي ساراھ ھوندي آھي. ھنديءَ ۾ ھن صنف کي "شرنگار رس" چيو ويندو آھي. جيئن تہ سنڌيءَ ۾ بہ ھندي شاعريءَ جي معرفت ھي صنف رائج ٿي؛ انھيءَ ڪري سنڌي زبان جي سينگار جي بيتن ۾ بہ ھندي شاعريءَ جون تشبيھون آنديون ويئون آھن. ھن قسم جا بيت شاھ لطيف ۽ شاھ عنايت رضويءَ جي رسالن ۾ بہ ملن ٿا؛ پر سينگار جي بيتن جو خاص شاعر جلال ڪنڌي آھي. سندس سينگار جي بيتن ۾ وڏو تاثر آھي. سندس سمورا بيت عشق رسول جي رنگ ۾ رڱيل آھن.

صابر موچي:

سينگار جي بيتن جو ھن دور جو ٻيو وڏو شاعر

صابرموچي آهي، جيڪو مدئجي جي آسپاس يا شڪارپور جو ويٺل هو.

## لس ٻيلي جا شاعر:

لس ٻيلي جي ٻولي به سنڌيءَ ٻوليءَ جو ئي هڪ لهجو آهي. لس ٻيلي جا جيڪي شاعر معلوم ٿي سگهيا آهن؛ انهن مان پهريون شاعر شيخ حمر آهي، جنهن جي وفات 1750-1776ع واري عرصي ۾ ٿي. هن جا بيت مليا آهن، جنهن ۾ سونهن ۽ سينگار جو ذڪر به آهي، ته حقيقي عشق جو بيان به آهي. ٻيو شاعر شيخ ابراهيم آهي، جنهن جي وفات 1806ع ڪانپوءِ ٿي. لس ٻيلي جو هي باڪمال شاعر هو، جنهن جي مشهوري پري پري تائين پهتل هئي. هو هر فن مولا هو. ڏوهيڙن ۾ به پنهنجي ڪمال جو فن ڏيکاريو اٿس، ته قصيدي واري فن ۾ جوهر ڏيکاريا اٿس. ان ڪانسواءِ لوڪ ادب جي به هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ڪبيرشاه سنڌ مان کهي سائس ملڻ ويو ۽ سائس معرڪا ڪيائين ڪبير شاه پڻ بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي. هو 1776-86ع واري عرصي ۾ لس ٻيلي ۾ آيو، ۽ ”اٿل“ ۾ رهي پيو. 13 صدي جي پهرين چوٿائيءَ ۾ وفات ڪئي.

انهن ڪانسواءِ ٻين به ڪيترن ئي شاعرن جا نالا مان ٿا، جن بيت چيا آهن، جهڙوڪ: شاه عنايت رضوي جو مريد چام، جنهن جا بيت شاه عنايت رضويءَ جي

رسالي ۾ ملن ٿا؛ شاه عنايت رضويءَ جو فرزند شاهشريف؛
حضرت خواجہ محمدزمان لنواريءَ جو مريد "بنگو گوپانگ"،
ويٺل ڳوٺ "وايون" لڳ در پيلو؛ نصرپور جو ويٺل
سيدفقيرمحمد، شاه لطيف جو طالب ۽ خدائي عنايت ڏيرو؛
شاه لطيف جو صحبتي مدن ڀڳت؛ شاه لطيف جو مريد
۽ خاص خليفو تماچي فقير؛ شاهصاحب جو تمام پيارو مريد
تمر فقير؛ شاه صاحب جو طالب ڪڇ جي ڳوٺ
"گوهر" جو رهاڪو صالح فقير گوهري؛ سنڌ جي آخري
ڪلهوڙي حڪمران عبدالنبي جو فرزند عارف ڪلهوڙو.

## وائي ۽ ڪافي

اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ "ڪافي" بہ قديم
زماني کان سنڌ ۾ رائج آهي. سمن جي شڪست ۽
ارغونن جي فتح ڪانپوءِ پاٽ جا ڪي بزرگ لڏي
وڃي هندستان جي شهر برهانپور ۾ ويٺا. انهن جي
محفلين ۾ "شيخ لاڏ جيو" ڪافيون ڳائي پنهن جي
ڳوٺاڻن کي وندرائيندو هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو،
تہ سنڌ ۾ ڪافيءَ جو رواج پراڻو آهي. پر قديم زماني
ڪافيءَ جا ڪي بہ نمونا ڪونہ ٿا ملن.

پهريون پيرو وائيءَ ۽ ڪافيءَ جا نمونا ڪلهوڙن
جي دور ۾ ملن ٿا. شاه عنايت رضوي ۽ شاه لطيف
جي رسالي ۾ وايون ملن ٿيون؛ ۽ انهيءَ ئي زماني ۾
ميان صاحبڏني فقير ۽ روحل فقير جون ڪافيون بہ

ملن ٿيون. ان دور جي وائي ۽ ڪافي جي فني سٽا جي تقابلي مطالبي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو، ته انهن ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. شاهه عنايت رضوي جي وائيءَ مان نمونو ملاحظه فرمايو:

ٿل- چانگي چرهو چڪيو، ڪي جو ڪاڪ ٽڙاء
1- ڪرهو سرهو ڏيهه ۾، تنيهن دپ نه ڏاءُ
2- ڪرهي ڪرايون رتيون، نائي ناگيلاء.
3- پڪون جي پائن جون هاريائين حلقاء.

شاهه لطيف جي هيٺين وائي به لڳ ڀڳ ساڳي سٽا واري آهي.

ٿل- لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروءَ سين لڏيون.
1- سون برابر سگڙا، پانهن پڏائون.
2- سوڪيئن پٽ پرهيان سومرا! گهوريوعمرجون آئون.

ميان صاحبڏني فاروقي پنهنجي اهڙي قسم جي شعر کي "ڪافي" سڏيو آهي. سندس ڪافي هيٺ ڏجي ٿي، جنهن مان معلوم ٿيندو، ته فني سٽا جي لڳ ڀڳ ساڳي آهي:

ووڙيان چاڪون وٺراهه، جيڏيون آهي جيءَ ۾.
1- صحيح سڄاتم، سرتيون، دل ۾ آهي دلدار.
2- ڪاڪيون آهي قلوب ۾، ڪيچ ڏٺي ڪوهار.
3- ناحق وندڙ ڇو وڃان، پاڪر ۾ پوتار.

4. ونحف اقرب اوڏڙو، لـــدم لالن يـــار.
5. ساھئون اوڏو سپرين، ڪوھ پچان پيو پار.
6. صاحبڏني سمجھيو، تـــن انـــدر تڪرار.

روحل فقير جون ڪافيون به لڳ ڀڳ اهڙي سٽا واريون آهن. سندس هڪ ڪافي مان نمونو هيٺ ڏجي:

ٽل. پوءِ پروڙيم پنڌ وو، جيجان جو ڳيئڙن جو.
1. نڪي ڏاهي هليا، نڪي جوڙيائون هنڌ وو.
2. نڪي وڃائين مرليون، نڪي چوريائون چنگ وو.

سينگار جو باڪمال شاعر جلال ڪنٽي به انهيءَ ئي دور جو آهي. ان جون به ڪجهه ڪافيون مليون آهن، جن جي سٽائپ ساڳي آهي.

ٽل. وئڙم سانگ سنگهار، جيڪس ويڙيچن آءُ وساري.
1. قضا آنديس ڪوٽ ۾، لکي جيءَ لغار.
2. ميخ محبت سندي هينئڙي منجهه هزار.

ان دور جي هڪ ٻي شاعر خليل لاشاريءَ جي ڪافي به ملي آهي؛ جيڪو ڳوٺ اسلام لاشاري تعلقي گهوٽڪي جو ويٺل هو. سندس ڪافي سرائڪي زبان ۾ آهي، ۽ ان جي هر بند ۾ به مصرعون آهن:

ڪا جا ڳالهه سٹا وهم واه، سودا سچ دا ٿيا نهه پهه.
1. چاتي دي وچ جهاتي هي، سانون فيض حياتي هي.
لڳي اڙڪ تي جهنگسوسياتي هي، لڳي پڙڪ بره دي باه.

## مولود

”مولود“ جي لغوي معني آهي: ”ڄمڻ جاءِ يا ڄمار“ هن تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو، جو ان ۾ ٻنهي جهانن جي سردار محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ولادت مبارڪ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيل هوندو آهي. ان سان گڏ پاڻ سڳورن جي ثنا ۽ صفت، مديني پاڪ جي زيارت لاءِ اڪير ۽ پنجتن پاڪ جي ساراهه به بيان ڪئي ويندي آهي.

هن قسم جي شعر کي فارسيءَ ۾ ”نعت“ چيو ويندو آهي، جنهن جي سٽا غزل جهڙي هوندي آهي. پر ”مولود“ جي سٽا وائيءَ يا ڪافي جهڙي هوندي آهي. فرق هي آهي ته وائي ۽ ڪافي سر ۽ ساز سان ڳائي ويندي آهي، پر مولود دالحان سان پڙهيو ويندو آهي. ڪي مولود علم عروض موجب به چيا ويا آهن.

پهريائين هن قسم جو مضمون شاه عنايت رضويءَ جي واين مان ملي ٿو. اهڙي هڪ وائيءَ مان مضمون هيٺ ڏجي ٿو:

منهنجي سيد لهندو سارَ، مون کي آهي اميد الله ۾.
1. امت ڪارڻ احمد اچي، پرمل پاڪ پسندو؛
مون کي آهي اميد الله ۾.

شاه لطيف جي ڪلام ۾ به ٻيتن توڙي واين ۾ اهڙي قسم جو مضمون ملي ٿو. ان ڪانپوءِ ڪيترن

شاعرن خاص طرح سان مولود چيا آهن. سڀ کان پهريائين مخدوم عبدالرؤف ڀٽي ۽ ان جي همعصر مخدوم غلام محمد بگائيءَ جا نالا ملن ٿا. مخدوم بگائيءَ جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. الفاشباع واري شعر کان سواءِ مخدوم صاحب جا مولود به مليا آهن.

**مخدوم عبدالرؤف ڀٽي:**

مولود جو ٻيو مشهور عالم هالن جو مخدوم عبدالرؤف ڀٽي آهي، جنهن جي ولادت 1682ع ڌاري ٿي ۽ 1752ع ۾ وفات ڪيائين. مولودن کان سواءِ مداحون به چيون اٿس. سندس مداحون الف اشباع جي نظم ۾ آهن، ۽ مولود ڪافيءَ جي سٽا ۾ به آهن، ته علم عروض موجب به آهن، مثلاً:

محمد ڏسي من ناريان، جنهن ليءِ اڪنديو آهيان؛
سيد ڏسي سڪ لاهيان؛ جنهن ليءِ اڪنديو آهيان.

هي مولود بحر رجز مثمن سالم تي آهي. اهڙيءَ طرح جيتوڻيڪ ڪن مولودن ۾ علم عروض وارو وزن اختيار ڪيو اٿس، پر فني سٽا ڪافين واري رکي اٿس.

## مداح، مناجات ۽ معجزو

مداح ۾ حضور صلي الله عليه وسلم ۽ ٻين پيشوائن جي ثنا ۽ صفت بيان ڪيل هوندي آهي. مناجات ۾ شاعر ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ عرض پيش ڪندو آهي. حضور صلي الله عليه وسلم ۽ ٻين بزرگن ۽ وليعن ڪي

ٻه سوال پيش ڪيو ويندو آهي. معجزي ۾ پنهي جهانن جي سردار جا معجزا منظور ڪيا ويندا آهن. هن قسم جا نظم ڏگها ٿيندا آهن، ۽ ڪيترن ڏي بندن تي مشتمل هوندا آهن.

## جمن چارڻ:

مداح جي سلسلي ۾ ٻهريون شاعر جمن چارڻ (وفات 1738ع) آهي ڳوٺ کهڙا ضلعي خيرپور جو ويٺل هو. سندس قبر پير ڪنپر جي قبرستان ۾ آهي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن جي مداح ملي آهي ان ڪانسواءِ ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي، اها ٻه نظم ۾ بيان ڪيائين، جنهن ۾ سنڌين جي سورهيائي کي ساراهيائين. ”گلن“ بابت ٻه هڪ عمدو نظم چيائين. يعني هو مدح جو ٻه بهترين شاعر هو، ته رزميه شاعري، واقع نگاري ۽ فطرت نگاري ۾ ٻه ڪمال حاصل هوس.

## ميان سرفراز ڪلهوڙو:

مداح جو ٻيو نامور ۽ باڪمال شاعر ميان سرفراز ڪلهوڙو آهي، جيڪو 1772ع ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو. ٽالپرن سندس خلاف بغاوت ڪئي ۽ 1775ع ۾ کيس تخت تان لاهي حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪيائون ان بعد ٻهريائين محمود خان ۽ پوءِ ميان غلام نبيءَ کي حڪومت جو والي بناياڻون. ميان غلام نبيءَ کانپوءِ

ميان عبدالنبي تخت تي ويٺو، جنهن ميان سرفراز کي قيد ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو.

ميان سرفراز ڪلهوڙو فارسي زبان جو ته صاحب ديوان شاعر هو، پر سنڌي زبان ۾ به 1774ع ۾، جڏهن هو قيد ۾ هو، هڪ مداح چئي اٿس. هن مداح سنڌي ادب ۾ غيرفاني حيثيت حاصل آهي. اندروني قافين مداح ۾ وڏو تاثر، رواني ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي. مداح سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي ۽ مشڪل وقت پڙهي ويندي آهي هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

آهيان ڏڏ غمن گڏ، سچا سڏ سڻج تون
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين مون

ڀهريائين مناجات مخدوم عبدالله (وفات 1763ع) عرف ميان مورئي جي ملي آهي، جيڪو مخدوم ابوالحسن جو سوٽ ۽ شاگرد هو. معجزن جي سلسلي ۾ سڀ کان ڀهريائين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو نالو ملي ٿو. سندس ڪتاب ”قوت العاشقين“ منظوم معجزن جو مجموعو آهي.

## غزل

هن دور ۾ غزل جا آثار ۽ اهڃاڻ به ملن ٿا، جن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

نور محمد خسته:

ٺٽ جو هو، ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو

شاگرد هو. سندس سنڌي غزل جو نمونو مليو آهي:

تابر انگندي از رخ تو نقاب
حشر ٿيو آفتاب لايو انقلاب

مرزا تقي:

ٺٽ جو هو، ۽ مغل گورنر نواب حفيظ الله جي مصاحبن مان هو. سندس غزل جو نمونو هي آهي:

اڇي محبوب گهر پيهي، پريان پوء ٿئي اجل پيدا

حافظ عالي:

هي به ٺٽ جو هو، ۽ ذات جو ميمڻ هو. نورمحمد خسته کان ٿورو پوء ٿي گذريو آهي. سندس غزل جو نمونو هي آهي:

سڪ وارن سبق سرڏو سالم،
پرت وارن پسيو پراهون پار.

ميان چتن:

ٺٽ جو هو، ۽ حافظ عالي جو همعصر هو سندس غزل جو نمونو هي آهي:

ونيون واجهه ويتر وجهن واء واء
ڪري قرب واڍوڙين ڏي ورو.

## ادبي جائزو

ڪلهوڙن جي دور جي شاعرن جو تذڪرو مٿي اچي چڪو آهي. هن هيٺ ان دور جي سنڌي شاعري جي ارتقاء جو تجزيو پيش ڪجي ٿو. ان مان معلوم

ٿيندو، تہ ڪلهوڙن جو دور سنڌي شاعري جو هڪ سونهري دور هو؛ جنهن ۾ سنڌي شاعري هر لحاظ کان وڏي، ويجهي، اسري، اپري ۽ بلند مقام تي پهتي.

1. هن دور ۾ شاه لطيف جهڙو عظيم شاعر پيدا ٿيو؛ جنهن سنڌي شاعريءَ کي فڪر جي گهرائي ۽ وسعت بخشي ۽ فني پختگي عنايت ڪئي. ڪافين پوءِ اڄ تائين سوين شاعرن سنڌس تتبع ڪئي آهي، پر ڪوبہ سائس برميچي نہ سگهيو.

2. بيت، فني لحاظ کان ارتقائي منزلون طئي ڪري فني پختگي ۽ وسعت حاصل ڪئي. سنڌس سنوارڻ ۽ سينگارڻ جي سلسلي ۾ شاه عنايت رضوي راه گهڙي ۽ شاه لطيف ڪبس انهيءَ راه تان وٺي وڃي عروج تي پهچايو. هن دور کان اڳ جيتوڻيڪ چئن مصرعن تائين بيت لکيا ويا هئا، پر هن دور ۾ اڃا بہ وڌيڪ تجربا ٿيا ۽ بيت ۾ وڏي خوبي ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي وئي. نہ فقط ايترو، پر گهڻن مصرعن تي مشتمل ڊگها ۽ پختا بيت بہ لکيا ويا، جن کي ڪبت چيو وڃي ٿو. اهي ڪبت خاص طرح سان مخدوم ابوالحسن؛ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم ضياءُالدين وغيره جي مذهبي ڪتابن ۾ ملن ٿا.

مضمونن جي لحاظ کان بيت ۾ تصوف جا مسئلا بہ جماليات جي رنگ ۾ رڱي، دلڪش ۽ رنگين ڪري پيش ڪيا ويا. هن دور جي بيتن ۾ حسن و عشق جو

ذڪر، هجر ۽ وصال جو بيان دلگداز انداز ۾ ملي ٿو. نہ فقط ايترو پر محبوب جي هار سينگار جي تعريف ۾ هندي شاعريءَ جي اثر هيٺ "سينگار" جي نالي سان هڪ نئين صنف وجود ۾ آئي. شاه عنايت رضوي ۽ شاه لطيف جي ڪلام ۾ بہ سينگار جا بيت ملن ٿا، پر سينگار جا اوائلي ۽ خاص شاعر جلال ڪنڀر ۽ صابر موچي آهن. ان کان پوءِ سينگار جا ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا، پر "جلال ڪنڀرءَ" جي درجي کي ڪوبہ پهچي نہ سگهيو.

3. تاريخي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هن دور کان اڳ سنڌ ۾ ڪافيءَ جي نالي جا شاعريءَ جي هڪ صنف موجود هئي؛ جيڪا سنڌ ۾ مقبول هئي، ۽ ڳائي ويندي هئي. پر قديم زماني جي ڪافي جو اسان کي ڪوبہ نمونو نہ مليو آهي. پهريون پيرو شاه لطيف جي وڏي معاصر، شاه عنايت رضوي جي رسالي ۾ راڳداريءَ لاءِ هڪ صنف شاعري ملي ٿي، جنهن کي "وائي" چيو ويو آهي. شاه لطيف وائيءَ کي اچا بہ وڌيڪ خوبصورت ۽ پر اثر بنايو آهي. ساڳي ئي دور ۾ مٿي اتر ۾ بہ اسان کي ميان صاحبڏنہ فاروقيءَ ۽ خليل لاشاري جي شعر ۾ ساڳي قسم جو ڪلام ملي ٿو، جنهن کي "ڪافي" جي نالي سان سڏيو آهي. ان مان ظاهر آهي، تہ مٿي اتر ۾ ساڳي ئي شيءِ کي "ڪافي" ۽ هيٺ لاڙ ۾ "وائي" جي نالي سان سڏيو

ويندو هو. اڳتي هلي هن قسم جي شاعريءَ وڏي ترقي ڪئي ۽ اثر توڙي لاڙ ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي نالي "ڪافي" سان مشهور ٿي؛ پر فني لحاظ کان سنڌس پختو بنياد هن دور ۾ ئي پيو. انهيءَ بنيادي عمارت تي پوءِ جي شاعرن سهڻي عمارت اڏي؛ ان ۾ رنگ روپ ڀريا ۽ ڪافيءَ کي وڌيڪ رنگين ۽ دلڪش بنايو. خاص طرح سان حضرت سچل سرمست ان ۾ دلڪشي، رنگيني، اثر انگيزي ۽ فني پختگي پيدا ڪري ڪيس عروج تي پهچايو.

4. الف اشباع وارو نظم جنهن ۾ هر مصرع جي پويان الف ملائي قافيو بنايو ويندو آهي، اهڙو نظم پهرياڻين پير محمد لکويءَ جو مليل ٿو. ان کان پوءِ هن دور ۾ مخدوم ابوالحسن ان ۾ مڪمل مذهبي ڪتاب "مقدمة الصلواة" لکي سنڌي ادب ۾ وڏو واڌارو ڪيو. ڪانئس پوءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله، مخدوم عبدالخالق، مخدوم محمد ابراهيم ٺٽي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم غلام محمد بگائي ۽ ٻين ڪيترائي ڪتاب لکيا.

ڪن اديبن جو چوڻ آهي، ته هي نظم نه آهي، پر قديم نثر جو نمونو آهي. حقيقت ۾ اهو صحيح نه آهي؛ چاڪاڻ جو ان ۾ جيتوڻيڪ گهڻو ڪري مذهبي مضمون ادا ٿيندو رهيو آهي، تڏهن به انهن ئي ڪتابن ۾ اهڙا سهڻا بيت به مان ٿا، جن ۾ شعريت ۽ شاعر

جا جذبات ۽ احساسات بيان ٿيل آهن. ان کان پوءِ هن قسم جي نظم ۾ اها خوبي بہ آهي، جو هڪ خاص لئي مان جهانگاري سگهجي ٿو. ان کان سواءِ سندس هڪ خاص وزن ٿئي ٿو، جنهن جو مدار ماترائن جي هڪ الحان تي هوندو آهي، جنهن ۾ دائي ڪٽي جي وڌجڻ ۽ گهٽجڻ جي گنجائش رهي ٿي.

5- هن دور ۾ مخدوم ابوالحسن مڪمل سنڌي صورتخطي تيار ڪئي، جنهن ۾ عربي ۽ پارسي اکرن کان سواءِ ٺيٺ سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون مقرر ڪيائين. ان کان پوءِ سنڌي ۾ ڪتاب لکڻ ممڪن ٿي پيو. خود مخدوم ابوالحسن صاحب بہ ان ۾ مڪمل ڪتاب لکيو، ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن ڪيترائي مڪمل ڪتاب لکيا.

6- مڪمل سنڌي ڪتابن لکڻ جو رواج هن دور ۾ پيو. اهڙي قسم جو پهريون ڪتاب مخدوم ابوالحسن جو "مقدمة الصلوات" آهي. ان کانپوءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن کانسواءِ خالص سنڌي شاعريءَ جي مجموعن لکڻ جو رواج بہ هن دور ۾ پيو ۽ ڪيترائي اهڙا مجموعا تيار ٿيا. اهڙن مجموعن کي "رسالو" سڏيو ويو. شاه عبداللطيف جو رسالو ان جو يادگار آهي.

7- مخدوم غلام محمد بگائي ۽ مخدوم عبدالرحيم صاحب گرهوڙيءَ تمام طويل نظم لکيا، جن کي

"ڪلمات" جي نالي سان سڏيو ويو. اڪيتي هلي هن قسم جي اسلوب شاعريءَ تي پين گهڻي طبع آزمائي ڪئي، پر ان جو بنياد هن دور ۾ پيو.

8- مولود جي صنف جو بنياد به هن دور ۾ پيو مخدوم غلام محمد بگائي ۽ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي هن قسم جي شعر جا بنيادي شاعر آهن. سڀ کان پهريائين انهن بزرگن جا ئي مولود ملن ٿا. ان کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن مولود چيا، ۽ مولود وڏي ترقي ڪئي.

9- سنڌي مدحون، مناقبا ۽ معجزا به سڀ کان پهريائين هن دور ۾ ملن ٿا. معجزن ۽ مناقبن جو پهريون شاعر مخدوم محمد هاشم ٺٽوي معلوم ٿيو آهي. سندس ڪتاب "قوت العاشقين" ۾ حضور صلعم جن جا معجزا منظوم ٿيل آهن ۽ مناقبا بيان ٿيل آهن. مدح جو اوائلي شاعر جمن چارڻ آهي. ان کان پوءِ مخدوم غلام محمد بگائي ۽ ميان سرفراز مدح جو بي نظير شاعر آهي.

10- واقعاتي ۽ رزميه شاعري به هن دور ۾ ملي ٿي. مخدوم غلام محمد بگائي، مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت جو واقعو منظوم ڪيو، جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي قسم جو شاهڪار آهي. جمن چارڻ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي وچ ۾ لڳل لڙائيءَ جو رزميه داستان منظوم ڪيو. انهن کانسواءِ فطرت نگاري ۽ منظر نگاريءَ جا به سهڻا مثال هن دور ۾ موجود آهن.

11- سنڌي عروضي شاعريءَ جو بنياد به هن دور ۾ پيو. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي ڀهريون شاعر آهي، جنهن جا ڪيترائي مولود علم عروض جي وزن موجب آهن. ميان سرفراز جي مدح ۾ به علم عروض جو اثر ڪارفرما آهي.

12- غزل جا اهڃاڻ به هن دور ۾ ملن ٿا. نورمحمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي ۽ ميان چٽن جي غزلن جا نمونا مليا آهن، جن جي زبان سهڻي ۽ سلوڻي آهي.

# باب پنجون

## ٽالپر دور

**سياسي صورتحال:**

1782ع ۾ هالاڻي جنگ ۾ ڪلهوڙن جي هار ٿي، ۽ ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿي. مير فتح علي خان پنهنجي ٽن ڀائرن: مير غلام علي، مير ڪرم علي ۽ مير مراد علي کي به حڪومت جي ڪاروبار ۾ شريڪ ڪيو. انهيءَ حڪومت جي نظام کي چؤياري سڏيو ويو. مير فتح علي خان جي وفات (1802ع) کان پوءِ مير غلام علي خان تخت تي ويٺو، جنهن پنهن جي ڀائرن کي به شريڪ ڪيو. 1812ع ۾ مير غلام علي خان وفات ڪئي، ڪانئس پوءِ مير ڪرم علي خان تخت تي ويٺو. 1828ع ۾ مير ڪرم علي خان جي وفات کانپوءِ مير مراد علي خان سنڌ جو حاڪم ٿيو. 1831ع ۾ اليگزينڊر برنس سنڌونديءَ ذريعي پنجاب ويو. اهڙيءَ طرح انگريز سڄي سنڌ ڏسي ويا. 1832ع ۾ انگريزن ۽ ميرن

جي وچ ۾ عهدنامو ٿيو. 1833ع ۾ مير مرادعلي خان وفات ڪئي. ان ڪانپوءِ ٻي چوياري قائم ٿي، جنهن ۾ مير نورمحمد خان، مير نصير خان، مير محمدخان ۽ مير صوبدار خان شامل ٿيا. 1834ع ۾ انگريز ميرن سان نئون عهدنامو ڪيو، جيڪو وڌيڪ سخت هو. 20 اپريل 1838ع تي ٻيو عهدنامو ٿيو، جنهن موجب انگريزن جو ايلچي سنڌ ۾ رهڻ لڳو. 1841ع ۾ مير نورمحمدخان وفات ڪئي، ۽ ميرنصيرخان تخت نشين ٿيو. 1843ع ۾ انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ مياڻيءَ جي ميدان تي جنگ لڳي. ڪيترائي سنڌي سورما ۽ ڪونڌر ڪسجي ويا. انگريزن جي فتح ٿي. 12 مارچ 1843ع تي لارڊ ايلنبرو جي اعلان سنڌ کي انگريز حڪومت جو حصو بنائي ڇڏيو. مير نصير خان کي پوني موڪليو ويو، جتي هن 1845ع ۾ وفات ڪئي. مياڻيءَ جي جنگ ڪانپوءِ ميرپورخاص جي مير شيرمحمد خان ”دٻي“ وٽ انگريزن جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ ميرشيرمحمدخان جي سپه سالار ”هوشوشيدي“ بهادريءَ سان وڙهندي نعرو هنيو: ”مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون.“ هوشو سنڌ تان سر قربان ڪري ويو، پوءِ سڄي سنڌ انگريزن جي قبضي ۾ اچي ويئي.

## علمي ۽ معاشرتي حالت:

ميرن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ امن امان هو. حڪومت

جا دروازا هندن مسلمانن لاءِ کليل هئا. مير صاحبان وڏا علم دوست هئا، شعر و شاعريءَ سان سندن بيحد دلچسپي هئي. هو پاڻ به شعر چوندا هئا، ۽ شاعرن ۽ عالمن جو وڏو قدر ڪندا هئا. فقيرن ۽ درويشن سان به ڏاڍي عزت ۽ احترام سان ملندا هئا. جيتوڻيڪ مذهبي طرح شيعا هئا، پر منجهن مذهبي تعصب ڪونه هو. انهن ڏينهن ۾ پارسي شاعري جو چڱو چهچٽو هو. ان زماني ۾ جيڪي پارسي شاعر ٿي گذريا، انهن مان مير جان علي شاه رضوي (روهڙي)، آخوند محمد بچل انور، سيد عظيم الدين ٺٽوي، مير نصير خان نواب ولي محمد خان لغاري، شيوڪرام عطارد، طوفان ٺٽوي، مرزامظهر طباطبائي، محمد ابراهيم ابري، پيرصاحب پاڳارو سيد محمد صبغت الله شاه راشدي، ملا صاحبڏنو شڪارپوري، ملاويس ۽ غلام ٺٽوي جا نالا قابل ذڪر آهن.

## سنڌي ادب:

هنن ڏينهن ۾ سنڌي شاعريءَ به چڱي ترقي ڪئي. خاص طرح سان سنڌي عروضيءَ شاعريءَ جو رواج عام ٿيو، پارسي ۽ عربي لفظن جو استعمال وڌيو. سنڌي ڪافيءَ به هن دور ۾ وڏي ترقي حاصل ڪئي ۽ ان ۾ وڏي رنگيني دلڪشي ۽ نغمگي پيدا ٿي. مطلب ته هن دور ۾ عروضي شاعريءَ جي صنف ۾ طبع آزمائي ٿي، ته قديم نوع جي سنڌي شاعريءَ جو

۽ وڏو ذخيرو وجود ۾ آيو. هن دور جي شاعرن جو تذڪرو ڏجي ٿو:

## بيت ۽ ڪافي

### سچل سرمست:

بيت ۽ ڪافيءَ جي سلسلي ۾ هن دور جو عظيم شاعر، سرتاج الشعراء شاعر هفت زبان حضرت سچل سرمست آهي. سندس ولادت سن 1153 هه (1739ع) ۾ ٿي سندس جنم جو نالو عبدالوهاب هو؛ پر پوءِ سندس راستگوئيءَ جي ڪري ڪيس سچو سچل ۽ سچيڏنو سڏڻ لڳا. سندس نسبت جو سلسلو حضرت عمر فاروق تائين پهچي ٿو. حضرت عمر فاروق جي اولاد مان شيخ شهاب الدين محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيو. سنڌ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم کيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. سنڌ ۾ هن خاندان مان ڪيتريون مشهور بزرگ هستيون پيدا ٿيون؛ جن مان حضرت خواجه محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنه درازا درگاهه جي سلسلي جو باني آهي. حضرت سچل سرمت سندس فرزند صلاح الدين جو نور نظر هو. حضرت خواجه محمد حافظ جو سجاده تي سندس ننڍو فرزند ۽ حضرت سچل سرمست جو چاچو خواجه عبدالحق ويٺو؛ جيڪو سچل سائين جو مرشد به هو. سچل سائين ظاهري علم جي مڪمل تعليم حاصل ڪئي ۽ قرآن شريف حفظ ڪيو. ڪيس عربي ۽ پارسي زبانن تي مڪمل

ڏسترس حاصل هئي. 14 رمضان سن 1242 هه (1839ع) تي وفات ڪيائين. ڪيترن ئي حق جي طالبن ڪائنس فيض پرايو. خيرپور جا حاڪم ٽالپور سندس وڏي عزت ۽ احترام ڪندا هئا.

سچل سائين نه فقط سنڌي زبان جو عظيم شاعر آهي؛ پر فارسي، اردو، هندي، سرائڪي، ملتاني ۽ پنجابي زبانن جو اعليٰ درجي جو شاعر آهي. فارسي ۾ سندس ٻه ديوان "ديوان آشڪار" ۽ "ديوان خدائي" ۽ ڏهه مثنويون ملن ٿيون؛ جيڪي محترم قاضي علي اڪبر درازي سنڌي ۽ اردو ترجمي سان شايع ڪيون آهن.

مضمونن جي لحاظ کان سچل سائينءَ جو ڪلام همه اوست ۽ اناالحق جو ترجمان آهي. هو انسان جي شرف ۽ شان جو قائل آهي. سندس ڪلام ۾ رندي ۽ بيباڪي آهي، مستي ۽ ڪيف آهي:

هڪ سفر ساعت؛ ٻيو سفر سال جو؛
ڦريون تان راحت؛ پويون نان پوءِ رهيو.

—

جتي ماڻهن ميڙ آهه، آءُ تتي ناهيان،
سسي سنباهان، پٺيءَ شاه حلاج جي.

—

ٻسي موج محمدي، مستي ٿين مقام؛
آڏيسين آرام، اچـــي ٿيو اثبات ۾.

فني لحاظ کان حضرت سچل سرمست ڪافيءَ ۾ وڏي وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي. سندس ڪلام ۾ ويهن کان به متي ڪافيءَ جا نمونا ملن ٿا. سندس ڪجهه غزل نما ڪافيون به مليون آهن، جن ۾ علم عروض جو استعمال نظر اچي ٿو. هڪ ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

آهي هوڙو حال ويچاريءَ جو؛
سهڻا ڪر ڪو ڪرم ستاري جو.
1. ليءَ پنهل جي ڪانگ اڏايان،
ڪونيو پـــوٿيندار پٺـــايان،
ور وري ور واريءَ جـــو.

مراد فقير:

ڪافي توڙي بيت جو بلندپايه شاعر ٿي گذريو آهي. روحل فقير جـو سالو ۽ مريـد هو. 1742ع يا 1743ع ۾ سندس ولادت ٿـي ۽ 1796ع ڌاري وفات ڪيائين. هو هندي، سرائڪي ۽ پارسي جو به سٺو شاعر هو. هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو:

سائـــل سٺي آئيو، سپر ســـر سندوءَ؛
ڪڏهن ڪونه پڌندوءَ، تـه ڪوهٿون موٽٿو منگتو.

فتح فقير:

ڪافيءَ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي، ميرن جي ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ ٽومڙ واهه تي رهندو هو.

انگريزن جي ڏينهن ۾ وچي ڳوٺ ۽اڏ تعلقي جاتي ۾ رهيو. 1843ع ۾ وفات ڪيائين. ڪافين ڪانسواءِ مداحون ۽ مولود چيا اٿس. هڪ ڪافيءَ مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

منهنجا سڄڻ سانگي وري مان ملن؛
منهنجا سڄڻ ساٿي، من کو پيرو ڪن.
1. سچ منهنجي من تي ٻاريو ٻاروچن،
هي جا ٻاه برہ جي جاڳائي تہ جتن.

پير محمد اشرف:

حضرت غوث بهاؤالحق جي خاندان جي سلسلي جو بزرگ پيرمحمداشرفڪاماري وارو (وفات 1860ع) پڻ ڪافيءَ جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. ڪافين ڪانسواءِ مداحون، مولود ۽ مناقبا بہ چيا اٿس. هڪ ڪافيءَ مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اچ ميان راڻا ڪا رهہ رات. ڪاڪ وڃڻ ۾ تون ڪڏهين
1. راتيان ڏينهان روح ڪي، طلب تنهنجي تات؛
هڻڻ نہ وسارج مون هڏهين.

دلپت:

هن دور ۾ هندو شاعر دلپت جو بہ نالو ملي ٿو، جيڪو ڪافي تونڙي بيت جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. اصل سيوهڻ جو ويٺل هو، پر پوءِ لڏي وڃي حيدرآباد ويٺو. 1841ع ڌاري چالاڻو ڪيائين. سرائڪي

هندي ۽ فارسي ۾ به شعر چيو اٿس. سندس هڪ
ڪافيءَ مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پوري پيچ نه پنهور ڪان، تون تان وڃ نه هڏ وڏڪار.
1- دونهان دکائي درد جا، سوز سڄڻ جو نه وسار؛
ويهه نه هٿ تي ويسلي؛ هوڏهن ڪاهون نه ڪرڪوهيار.

صديق فقير سومرو:

شاه لطيف جي رسالي جي نموني تي سندس مڪمل رسالو آهي، جنهن ۾ بيت به آهن ته ڪافيون به آهن. جهوڪ جي درگاه جو مريد هو. ميرن جي سموري صاحبي ڏنائين. هڪ مظلوم عورت اچي ميرن جي دانهن ڏنس، جنهن تي بي‌اختيار ٿي چيائين:

پورا اچي پل، ساري سنڌ صديق چئي،
ٻاروچاڻي ٻيل، ٻڏي نه ٻڏي جهڙي.

قريبا 80 سالن جي عمر ۾ انگريزن جي بلڪل اوائلي دور ۾ پنهنجي ڳوٺ ڀوري ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪافيون ستا جي لحاظ کان وائيءَ جي نموني جون آهن. نمونو هي آهي:

ساٿي سنيري ويهه، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو.
1- مومل صحي ماڻبي، دور ٿيندو ڏيهه.

بيت جا شاعر:

مٿي جن شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي، اهي ڪافي گوشاعر هجڻ سان گڏ بيت جا به بهترين شاعر

هٿا. بيت ۾ خاص رنگ ۽ نواڻ **حمل خان لغاري** (ولادت 1810ع، وفات 1878ع) پيدا ڪئي. هو لنواريءَ وارن بزرگن جو مريد هو. سنڌي ۽ سرائڪي جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. هو نئين اسلوب بيان جو مالڪ آهي. سندس خاص خوبي هيءَ آهي ته حسن و عشق جي ذڪر ۾ حقيقت پسندي اختيار ڪئي اٿس. ڪانگل جو لنوڻ ڪنهن جي اچڻ جي علامت سمجهيو ويندو آهي، انهيءَ ڪري ڪانگل کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

ڪه ڪانگا ڪر بات؛ اڄ عجيبن اچڻ جي،
اچـــي ويهه اڪين تـــي، لنوءَ سباجهي لات؛
تان ڪانگل تنهنجو وات، مصريءَ سان منو ڪريان.

خليفو نبي بخش لغاري:

بيت جو بلندپايه شاعر ٿي گذريو آهي. سندس مڪمل رسالو مليو آهي. 1776ع ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ 1863ع ۾ وفات ڪيائين. پير صاحب پاڳاري جو مريد هو. هي پهريون شاعر آهي، جنهن ڪيڏاري کي قومي شاعريءَ جي اظهار جو ذريعو بنايو. سندس رسالي جي سرڪيڏاري ۾ ڪرڙي (سکر) جي جنگ جو ذڪر آهي، جيڪا ميرن ۽ شاه شجاع جي لشڪر جي وچ ۾ 1834ع ۾ لڙي ويئي. انهيءَ سر ۾ سنڌي سورهين کي ساراهيندي چوي ٿو:

شجاع! ويهه ۾ سنڌ، اوڏا اجهري نجهرا،
هتي راوت رند، وتــن قلعي ڪوڏيا.

---

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏئا، نونڌ نچندا پس،
چڏي تــن ترس، پلٽيو شاهه پناڻ تي.

---

مٿي آرڻ اچ، ڪـــونـــڌ ڪڏندي آئيا،
پڙ ۾ پهلوانن ڪي، لڏڻ ڏئي نـــه لچ،
پيٽيو وچن پـــچ، سائـــو ٿين سامهان.

**پيرمحمد راشد:**

سيد محمد بقا جو ذڪر اگ ۾ آيو آهي. هي بزرگ ان جو فرزند هو، ۽ پيرڳوٺ جي درگاه جو باني هو. 1756ع ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ 1817ع ۾ سندس شهادت واقع ٿي. وڏو عالم ۽ فاضل هو. سندس ملفوظات ڪي سندس ٻن وڏن خليفن، محمدحسين مهيسر ۽ خليفي محمود نظامائي ڪٺا ڪري جمع ڪيو آهي. سنڌي ۽ فارسي ۾ سندس شعر به ملي ٿو. سندس سنڌي شعر بيتن، ڪافين ۽ مولودن تي مشتمل آهي سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

وحدت مان ڪثرت ٿي، آهي ڪثرت وحدت ڪل،
اندر ٻاهر سپرين، ٻول نـــه ٻيءَ ڪنهن ٻل،
هو هنگامو هـــل، مڙوئي محبوب جـــو.

## ڀائي چين راءِ عرف سامي:

شڪارپور جو ويٺل هو، ۽ سؤ سالن جي عمر ۾ 1850ع ۾ چالاڻو ڪيائين. سندس ڄائي ڄم جو نالو چين راءِ هو، ۽ ذات جو لنڊ هو. سندس پيءُ جو نالو ٻچو مل هو؛ ۽ سندس گروءَ جو نالو سدامي مينگهراج هو، جو ڀهاولپور جو ويٺل هو. شعر ۾ پنهنجي گروءَ جو نالو ظاهر ڪرڻ لاءِ "سامي" تخلص استعمال ڪيو اٿس. سلوڪ چيا اٿس، جن جي سٺا بيت جهڙي آهي؛ پر ڪوبه سلوڪ چئن سٽن کان مٿي نه آهي. سندس سلوڪن ۾ ويدانت جي سکيا سڌي ۽ سادي نموني سيکاريل آهي. هو چوي ٿو ته هي چار شيون انسان جي روحاني راهه ۾ رنڊڪ پيدا ڪن ٿيون. "ڪام (شهوت پرستي) ڪروڌ (ڪاوڙ)، لوڀ (لالچ)، موهه (مجازي عشق)، اهنڪار (ڀاڻپڻو)" چوي ٿو، ته انسان کي انهن کان پاڻ بچائڻ گهرجي، اهنڪار يعني ڀاڻپڻي کي ننديندي چوي ٿو:

پانڻ پيچي چڙهي؛ متان چاڻ وجهيئي چار ۾؛<br>
آهيون اسين جن جـــا، تنين وتـــون اڌ؛<br>
پاڻ تنين سان گڏ، نينهن جن جو نانهن سان.

## مولود

هن دور ۾ مولود جا به ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن. سچل سرمست جون کي ڪافيون ملن ٿيون،

جن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم جي ثنا ۽ صفت بيان ڪيل آهي. ڪافي گوشاعرن مان فتح فقير جا مولود ٻہ مليا آهن. حضرت پير صاحب پاڳاري، پير محمد راشد روضي ڌڻي (ولادت 1756ع، وفات 1817ع) جا مولود ٻہ ملن ٿا. هڪ مولود مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

رسي راحم يا رهبرا، پاڻئون ڪريو پوڏواري
1۔ حيرت تنهنجي حسن جي، آهي تارن ۾ تڪراري
2۔ سج چنڊ سجدي ۾ پيو، تنهنجي سونهن ڏسي سونهاري

شڪارپور جي شاعر ملا صاحبڏني جا مولود ٻہ مان ٿا، جيڪي غزل جي فني سٽا ۾ آهن. هڪ مولود مان نمونو ڏجي ٿو:

گهوريان جنسار جنت جا، گهوريان گلشن بهشت جا
گهوريان سڀ عيش عالم جا، ٻنان ديدار ساجن جي
1۔ عجب لنئو ڪا پرين لاتي، اٿئي ويئي سندن وائي
لڳي خوش ڪانہ ٻي ڪائي، سوا محبت سپرين جي.

ٻين ٻہ ڪيترن شاعرن مولود چيا، جهڙوڪ: قائم الدين، نورمحمد، امير بخش، عثمان، فيض محمد، سومر، الهرکيو ۽ خليفو ڪرم الله.

## مداحون، مناجاتون ۽ معجزا

هن دور ۾ مداح جا ٻہ بلندپايہ شاعر ٿي گذريا آهن. ڪافي گوشاعرن مان فتح فقير ۽ پير محمداشرف

ڪامارائيءَ مداحون ۽ مناجاتون چيون آهن. هن دور جي شاعرن الف اشباع ۾ بہ مداحون چيون، تہ علم عروض جي سٽا بہ ڪم آندي. ڪن شاعرن ٽيهہ اکري بہ استعمال ڪئي آهي، جنهن موجب هر بند صورتخطيءَ جي هڪ اکر سان شروع ٿئي ٿو. مداح ۽ مناجات جا مکيہ شاعر هي آهن:

## آخوند محمد بچل "انور"

علم عروض جو وزن ڪٿي ٽيهہ اکريءَ جي سٽا ۾ بہ مداحون چيون اٿس، تہ عروضي نظم موجب بہ مداحون چيون اٿس- ان ڪانسواءِ سندس ڪجهہ غزل بہ مليا آهن- فارسي ۽ اردو جو بہ سٺو شاعر هو. ميرنصيرخان جو استاد هو- مٽيارن جو ويٺل هو. سنہ 1861ع ۾ وفات ڪيائين سندس هڪ مداح مان هڪ بند ڏجي ٿو، جيڪو عروضي وزن ۽ ٽيهہ اکري جي سٽا ۾ آهي:

ث- ثنا تنهنجي صفت هر جاءِ عالم ۾ عيان،
عـــز تنهنجو سڀ نبين ۾ يلو ٿيو بي بيان،
ڪنڌ نمائي تو سدائين، پيش انهن جي آسمان،
نور نرمل نعمت ان جي سچ سدا ساراهيان،
تات تاري انهن جي احمدا آهہ مون صبح و مسا،
يـــا حبيبي! عرض سڻ، آذار عالم جا اجها-

## ملا صاحبڏنو:

هن بزرگ جي "اغثني واري مداح" سنڌ جي

ڪنهن ڪڙيءَ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. هيءُ مداح به علم عروض جي وزن ۾ ۽ تيهه اکريءَ جي سٽا ۾ آهي هڪ بند نموني طور هت ڏجي ٿو:

الف۔ اول اي سچا لهه سار، سونهان سيدا،
مجتبيٰ مختيار مرسل، ماڙ ڪر يا محمدا،
تو بنا ناهي ٽڳڻ، عاجز ايوجهن احمدا،
نور نرمل ڪر نظر، مان تي نبي نور الهدا،
اغثني يا سيدا؛ رس يانبي خير البشر،
غور ڪر غمگين جو، اي نور نافع نامور.

هي بزرگ شڪارپور جو ويٺل هو ۽ حضرت شاه فقيرالله علوي جو معتقد هو. 1834ع ۾ وفات ڪيائين، پارسي جو صاحب ديوان شاعر هو. سنڌيءَ ۾ سندس به مداحون ۽ چند مولود مليا آهن.

## صدر الدين چارڻ:

ان دور ۾ چارڻن به مداحون چيون، جهڙوڪ: سهراب چارڻ، جانون چارڻ ۽ صدرالدين چارڻ، سهراب صدرالدين جو استاد هو؛ پر جمن چارڻ کانپوءِ صدالدين چارڻ جي مداحن کي عام مقبوليت حاصل ٿي. هو ڳوٺ فتح پور، ضلعي دادو جو ويٺل هو. سندس مداح جا بند ڏگها آهن ۽ قافيو صحيح استعمال ٿيل آهي. عربي فارسي لفظ به گهٽا استعمال ٿيل آهن.

## ترجما:

هن دور ۾ سنڌي عالمن ڪن فارسي ڪتابن جا

سنڌي شعر ۾ ترجما به ڪيا. مولوي ولي محمد 1805ع ۾ "حڪايات الصالحين" جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيو. شڪارپور جي فارسي شاعر "محمدعارف صنعت" (وفات 1849ع "ڪريما" جو ساڳي بحر ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. ان کان اڳ ۾ "ڪريما" جو ترجمو 1764ع ۾ عبدالرؤف نالي هڪ شاعر ڪيو. "صنعت" جو ترجمو وڌيڪ صاف ۽ سهڻو آهي. نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

لهي عام کان شرف ٿو آدمي،
نه دولت ڪنا ۽ نه ڪنهن خادمي،
پنيان علم جي شمع جيئن ڳار پاڻ،
جوري ۽ علم مشڪل خدا جي سڄاڻ،
سياڻو طلبگار ٿئي علم جو؛
سدا نرخ بالا رهي علم جو.

مرثيو:

انهيءَ نظم کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي وفات تي ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو وڃي، ۽ فوتيءَ جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون وڃن. پر هينئر انهيءَ شعر کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين جو ذڪر هجي، سڀ کان پهريائين شاه صاحب جي رسالي ۾ امام حسين عالي مقام جي شهادت بابت بيت ملن ٿا، جن مان ڪيترا احسان فقير جا چيا وڃن ٿا. انهيءَ ساڳي دور ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري (وفات 1736ع) "قصو شهادت

حضرت امام حسين" لکيو، جنهن ۾ ڪربلا جو واقعو الف اشباع جي نظم ۾ بيان ڪيل آهي. حضرت امام حسين جي شهادت جو واقعو هن طرح بيان ڪيو اٿس:

آخري ٿيندو ٿيئن، جيڪا رضا رب جي،
پوري جنهن پوئتي، جاري ٿئي قضا،
دوس کهائي دشمن هٿان ڪرن ڪير پياء،
ڏي بادشاهيون بيڪارن کي اشرف ڪري ايراء،
ڪونہ پروڙي ڪريم جو ريءَ علم حڪمتا.

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي جي مولودن ۾ ڪربلا جي واقعي جو ذڪر ملي ٿو. اهڙي طرح ٻين شاعرن ۽ سگهڙن جي ڪلام ۾ بہ اهڙو ذڪر ملي ٿو. انهن کانسواءِ هيٺين شاعرن جي شعر ۾ اهو مضمون ملي ٿو:

مولوي احمد:

---

سن 1798ع ۾ مولوي احمد مرحوم ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "روضة الشهداء" جو سنڌي ڊگهي بيتن ۾ ترجمو ڪيو، جن ۾ گهڻي قدر الف اشباع وارو قافيو ڪم آيل آهي. شهادت جي واقعي تي لکيو اٿس:

تان جڏهن ٿيو واقعو هي دار ۾ دنيا،
رت هارئو زمين تي سنڌو سپريان،
عرش ڪرسي اپ مڙيو ئي لرزي ۾ آيا.

سيد خير شاهہ:

---

حيدرآباد جو ويٺل هو. ميرڪرم علي خان کانئس

ناراض هو، پر پوءِ سندس علم ۽ فضل کان متاثر ٿي، لوازما پڊي ڏنائين. سيد ثابت علي شاه سان سندس نوڪ جهوڪ رهي، جنهن ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ ”مناظرو“ ۽ ”هجو“ وجود ۾ آيا. سندس لکيل ”ٽوپي ۽ پڳ جو جهيڙو“ مناظري جي قسم جو پهريون سنڌي شعر آهي، جنهن ۾ مڪالماتي انداز آهي، ۽ طنزو مزاح جو رنگ آهي. ان سان گڏ سندس ڪجهه منظوم معجزا ۽ حضرت امام حسين جي شهادت متعلق جنگ نامم بہ موجود آهي. جنگ نامو مخمس جي نموني ڏوهيڙن جي صورت ۾ آهي ۽ 64 ڏوهيڙن تي مشتمل آهي. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

قلم قضا جو ڪاتب لکيو، اي رب تنهنکي ڪير رسي،
خاوند جي گهر جنهن پر جهڙي، پر تهڙو مينهن وسي،
جيڪي چاٽي چاڻ وارو، ٻئي نہ ڪنهن کي ڪل قصي،
ايڏا ڪم ڪريم سندا، جو دشمن سانديو دوست دسي،
آل عبا سان غير گناهہ ڏس، ڪيڏو قهرستان ٿيو.

حضرت سچل سرمست: جا مرثيا بہ ملن ٿا.

امام حسين عالي مقام جو گهوڙو تي چڙهي ميدان ۾ اچڻ جو منظر هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

شاه جو گهوڙو پيو ڪاهي گهٽي گهمسان ۾،
هي ترارن تار ڪيو؛ هي جنگ هو جولان ۾،
اسپ جون اکڙيون هيون هن نر جي نيشان ۾،
آسمان ڏرتي برابر ڏنڊ ڪاري يا حسين.

## سيد ثابت علي شاه:

مرثيه جو خاص شاعر سيد ثابت علي شاه آهي.
هن شاعر ئي مرثيه جي صنف تي باقائده طبع آزمائي
ڪئي، ۽ ان کي مقبول بنايو. انهيءَ ڪري کيس
جديد مرثيه نگاري جو باني چيو وڃي ٿو. (1740ع ۾
سندس ولادت سيوهڻ ۾ ٿي، ۽ اتي ئي 27 جماديالثاني
سنه 1220 هه (1810ع) تي وفات ڪيائين. ٺٽي ۾ مولوي
مداح وٽ جڏهن پڙهندو هو، ته ميان سرفراز ڪلهوڙو
سندس هم مڪتب هو. ڪلهوڙن ڪانپوءِ ميرن وٽ
سندس وڏو اثر رسوخ هو. هو فارسي توڙي سنڌي جو
بلندپايه شاعر آهي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي
زبان ۾ عروضي شاعريءَ کي باقاعده پنهنجي اظهارخيال
جو ذريعو بنايو، ۽ ڪيتروئي شعر چيو، جيڪو مرثيه،
سلام، قصيدي، مربع، مخمس، مسدس غزل، مثنوي ۽
فرد وغيره تي مشتمل آهي. هن مداحون ۽ مناقب به
عروضي شاعريءَ ۾ چيا آهن. خاص طرح سان مرثيا
گهڻا چيا اٿس، ۽ سنڌيءَ ۾ پهرين مرثيه نگار جي
حيثيت حاصل ڪئي اٿس، سنڌي زبان ۾ مرثيه جو
بنياد ته وڌائين، پر ان کي عروج تي به پاڻ ئي پهچايائين
جيتوڻيڪ ڪانئس پوءِ ڪيترن ئي مرثيا چيا آهن، پر
ڪوبه ساڻس مٽ پڄي نه سگهيو آهي. سندس مرثين ۾
غضب جي ڪردار نگاري، حقيقت نگاري ۽ واقعہنگاري
آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ بياختيار ٿيو وڃي.

شاهہ گھوڙي تان لهي، خيمي ۾ آيو اشڪبار،
طرف سيراندي جي ويهي، چيائين منهنجا من قرار،
آءُ هليس عابد مرڻ تون پٽ اڪيون ٿي هوشيار،
هي نبي ناموس پرتيءَ توتي مڙني جو مدار،
دل ڪي ڌيرج ڏي مٺا ۽ هيانءُ ڪي هوشيار ڪر،
پنهنجي بابي جو ابا، اٿ آخري ديدار ڪر.

سيد ثابت علي شاهہ شيعہ هو. سندس همعصر شاعر سيد خير شاهہ حيدرآبادي سني هو. ٻنهي جي پاڻ ۾ اٽڪٽ ٿي پيئي، ۽ هڪ ٻئي جون خوب هجوون لکيائون، جن ۾ هڪ ٻئي کي برو ڀلو چيو اٿن. جيئن تہ اهي هجوون شايع ڪرڻ جهڙيون نہ آهن. تنهن ڪري شايع نہ ڪيون ويئون آهن.

## آخوند محمد عالم:

خيرپور ميرس جو هو، ۽ ذات جو پنهور هو. 1800ع ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ 1870ع ۾ وفات ڪيائين مرثيي جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. سندس مرثين ۾ جذبات نگاري، ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ رزم گوئي جا تمام سٺا نمونا ملن ٿا. سندس مرثين جي هڪ خوبي هي بہ آهي، تہ انهن ۾ مڪالماتي انداز بہ ملي ٿو:

پـــوءِ ڪولي منهن ڏنو شه جـــو شه اعلىٰ،
هيئن چيائين ٿي صد شڪر خدا راضي ٿيو آقا،
ليڪن منهن جو هڪ عرض آ توسين اي مولا،

خيمي ۾ نہ لاشو ڪٿي وڃجان منهن جو اصلا،
ڪجهہ غم نہ ڪجو جو منهنجو حرم خاڪ سرتي،
پر منهنجي ڪسڻ جي نہ سڪينہ کي خبر ٿي.

خبرپور ميرس ۾ پيا بہ مرثيہ نويس تي گذريا آهن، جهڙوڪ: ميرزا مراد علي بيگ "سائل" ۽ سندس فرزند فتح علي بيگ "فتح" ميرزا فتح علي بيگ "فتح" جي هڪ مرثيہ مان بند هيٺ ڏجي ٿو:

ٿي چوي سر پٽي روئي دلهن،
نڪ مون نٿ پاتهين زيور لاهيو،
آءُ رنيس هڪڙي شب جي سهاڳڻ،
نڪ مون نٿ پاتهين زيور هي لاهيو.

## ميرزا پيل بيگ:

سندس فرزند ميرزا مراد علي بيگ، تخلص "پيل" مرثيہ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. سيد ثابت علي شاہ ڪانپوءِ سنڌي مرثيہ نويسي کي ميرزا پيل بيگ اوج تي رسايو. هو مير حاجي نورمحمد خان (جنهن جي نالي تي حيدرآباد ۾ ٽنڊو ميرنورمحمد سڏجي ٿو) جو وزيراعظم هو. هو اردو مرثيہ نويسن "مير ضمير" ۽ "مير انيس" کان متاثر ضرور هي؛ پر سندس مرثين ۾ جدت ۽ انفراديت ملي ٿي. واقعي نگاريءَ ۾ وڏو تاثر ملي ٿو. حر جو حملو ۽ سندس شهادت جو واقعو هن طرح بيان ڪيو اٿس:

ٻوڙيو هتان پوءِ حر جي طرف سيد امم،
حر کي ڏسي حسين جي غم کان ٿي پشت خم،
۽ خلد کان رسيو اتي حيدر بچشم نم،
آئي ندا رسول جي ان وقت دم بدم،
هيءِ هيءِ ابا هي دوست سندم جان فداحسين
هن لاءِ کنداسين خلد ۾ ماتم به شورشين

ميراز پڌل بيگ جا پاٿر ميرزا قاسم علي بيگ "قاسم" ۽ ميرزا غلام رسول بيگ "مقبل" به مرثيه گو شاعر ٿي گذريا آهن.

## قصه گو شاعر

هن دور ۾ اهڙا شاعر به ٿي گذريا آهن، جن منظوم قصا چيا. لاڙڪاڻي ضلع جي **حفيظ ٽيوڻي** "مومل راڻو" ۽ ٻيا قصا منظوم ڪيا. جيتوڻيڪ اکين کان نابين هو، تڏهن بہ سندس قصي مومل راڻي ۾ واقع نگاري ۽ منظرنگاري جا تمام سٺا نمونا ملن ٿا.

حفيظ ٽيوڻي ڏوهيڙن جي صورت ۾ قصا منظوم ڪيا؛ پر خليفي **حاجي عبدالله** مثنوي جي نموني 1793ع ۾ "ليلا مجنون" جو قصو منظوم ڪيو. سندس ڪيترن بيتن ۾ سينگار جو رنگ ملي ٿو:

مڙهي آهي موتين سان، مورتون موچاري،
لڏي لامن وچ ۾، ڪرڏاڙهون جي ٽاري.

خليفو صاحب، خليفي محمد ڪڙيه گهنور واري

جو فرزند هو، جو پير صاحب پاڳاري پير محمدراشد رحه جو وڏو خليفو هو.

## غزل جي شاعري

ڪلهوڙن جي دور ۾ ٽڪڙ جي شاعرن نور محمد خسته، حافظ عاليءَ مرزا تقي، ميان چتن ۽ شڪارپور جي ”اويس شڪارپوري“ جي غزلن جا ابيات مليا آهن. اهو ثابت ڪري ٿو، ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي غزل جو ڪجهه قدر رواج موجود هو. پر غزل جي شاعريءَ جي خاص ترقي ميرن جي دور کان شروع ٿي. هن دور ۾ حضرت سچل سرمست جا ڪجهه غزل ملن ٿا. جن ۾ تصوف جي مسئلن جو ذڪر موجود آهي. تصوف سان گڏ تغزل به آهي. محبوب جي خمار وارين اکين جو ذڪر هن طرح آندو اٿس:

آهي انهن اکين کي خاصو خمار تنهنجو؛
ويٺو وٺي مان آهيان ڪامل قرار تنهنجو.

ٻي هنڌ اکين کي تير انداز ڪوٺيو اٿس:

تيزتير انداز چشمون يار جون خوني خطاب؛
نازپرورده نظر سان ٿيون ڪرن عاشق ڪباب.

مرثيه گو شاعر سيد ثابت علي شاه جا به ڪجهه غزل مليا آهن. ان کانسواءِ محمدبچل انور؛ محمدعارف صنعت؛ ملا صاحبڏني ۽ خليفي ڪرم الله جا به غزل مليا آهن. خليفو ڪرم الله (وفات 1954ع) شڪارپور

جو هو. غزلن ڪانسواءِ ڪافيون ۽ بيت چيا اٿس. سندس هڪ غزل مان ٻه بيت ڏجن ٿا:

موهي مونکي مست ڪيو آهه، محبت محب اوهانجي،
ڏوري ڏور ڏکي ٿي ڏونگر، ٿيءُ اچي تہ اوطاقي،
دلبر دانا دوست دلارا، محب اچي مل مون سان،
درسن ڪاڻ اوهانجي دم دم منهن قرآن مشتاقي.

مير صاحبان کي شعر و شاعريءَ سان گهري دلچسپي هئي. هو پاڻ بہ شعر چوندا هئا. ڪيترن ئي ميرن جو فارسي شعر مليو آهي. مير شهداد خان، مير حسن‌علي خان ۽ مير نصير خان جا تہ سنڌي غزل بہ مليا آهن. مير نصير خان (وفات 1845ع) جو هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو، جنهن ۾ سندس پوئين بي وسي جو عڪس ملي ٿو:

اعتماد هو جن عزيزن دوستن تي دائما،
ويا ڇڏي گوندر گڏي، تن کي نہ هاڻي يادڪر.

ان ڪانسواءِ مير حسين علي خان (وفات 1878ع) جي سنڌي غزل جا نمونا مليا آهن. سندس شعر ۾ دوستن جي بي وفائي ۽ چرخ ستمگر جي جفاڪاري جو ذڪر بہ ملي ٿو؛ تہ سندس غريب الوطنيءَ جي ڏکن ۽ ڏولاڻن جو بيان بہ ملي ٿو. ان هوندي بہ هو مايوسانہ آهي، چوي ٿو:

اڄ وري موسم بهار آيو، جو چمن هو گلعزار آيو
نون اچي جڏهن ويٺين پهلو ۾، دل بيتاب کي قرار آيو

ڏسي ان منهنجي طائر دل کي، کُلي چيائين سندم شڪار آيو
ان کي محفل ۾ چيو ڪنهن اي حسين، ڏس ته
تنهنجو جان نثار آيو.

اهڙيءَ طرح ان دور جي غزل ۾ حسن و عشق جو ذڪر به ملي ٿو، ته ٻيو مضمون به نظر اچي ٿو.

## نثر نويسي

ٽالپورن جي دور ۾ نثر نويسيءَ جو نمونو به ملي ٿو. پهريون نثر نويس آخوند عزيز الله آهي، جيڪو مٽياري جو وينل هو ۽ ذات جو ميمڻ هو. سنه 1724ع ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ 1824ع ۾ وفات ڪيائين. هن بزرگ قرآن شريف جو تحت اللفظ سنڌي ترجمو ڪيو. سنڌي زبان ۽ ادب جي اها خوشبختي آهي، جو ان جي نثر جي شروعات قرآن شريف جي ترجمي سان ٿي ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

”اي مومنا همراهي وٺو منجهه مشڪلن سان صبر ۽ نماز. تحقيق خدا سان صبر ڪندڙن آهه.“

لغت: ان وقت سنڌي لغت جي موجودگيءَ جو ثبوت به ملي ٿو. برٽن لکيو آهي، ته هن هڪ سنڌي لغت ڏٺي. (1)

## ادبي جائزو

ميرن جي دور ۾ سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي ترقي ٿي. هيٺ ان دور جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

---

(1) سنڌ ۽ سنڌو ماٿر، سنڌي ترجمو، ص 69.

1ـ هن دور جي شاعرن جي شعر ۾ فارسي ۽ عربي لفظ گهڻا ملن ٿا. سيد ثابت علي شاه ان سلسلي ۾ سيني کان اڳرو آهي. هن فارسي ترڪيبن جا خوبصورت مثال پيش ڪيا آهن.

2ـ هن دور ۾ غزل وڏيڪ ترقي ڪئي ڪيترن ئي شاعرن جي غزل جا نمونا مليا آهن؛ انهن مان حضرت سچل سرمست، سيد ثابت علي شاه، خليفي ڪرم الله، مير نصير خان ۽ مير حسين علي خان جا نالا قابل ذڪر آهن.

3ـ علم عروض جي پين صنفن جهڙوڪ: مرثيه مسدس، مخمس، مثنوي، رباعي ۽ سلام جو رواج پيو.

4ـ هن دور ۾ منظوم قصي گوئيءَ جو رواج پيو. ان سلسلي ۾ حفيظ تيوٽيءَ جو "مومل راڻو" ۽ خليفي عبدالله جو "ليلي مجنون" شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

5ـ هن دور ۾ ڪافيءَ ۾ وڏي پختگي آئي؛ ۽ منجهس دلڪشي ۽ رنگيني پيدا ٿي. ڪافيءَ کي عروج تي پهچائڻ وارو حضرت سچل سرمست آهي.

6ـ هن دور ۾ گهڙوليءَ جو نمونو به مليو آهي، هن ۾ هر بند ڪانپوء ورائي ايندي آهي، جنهن ۾ "گهڙولي پرڻ تي وڃان" لفظ هوندا آهن. هن قسم جو نمونو سڀ کان پهريائين سچل سرمست جي ڪلام ۾ مليو آهي.

7ـ جهولڻو بيت جو نمونو به آهي، ته ڪافيءَ

جو قسم بہ آهي. هن قسم جا بيت ۽ ڪافيون سپ ڪان پهريائين سچل سرمست جي رسالي ۾ ملن ٿا.

8. تيھ اکريءَ جو رواج ڪجهہ قدر اڳ بہ هو، پر هن صنف جا خاص ۽ بلندپايہ شاعر هن دور ۾ ٿي گذريا. انهن مان حمل خان لغاري، ملا صاحبڏني، خليفي نبي بخش لغاري ۽ آخوند محمد بچل "انور" جا نالا قابل ذڪر آهن.

9. الف اشباع جي نظم ۾ بہ ڪجهہ ڪتاب لکيا ويا. ان قسم جو شعر هنن شاعرن چيو: سيدخيرشاه پير محمد اشرف، مولوي ولي محمد وغيره.

10. مولود جي صنف هن دور ۾ وڏي ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن مولود چيا، جن مان فتح فقير، خليفي ڪرم الله، پير محمداشرف ۽ ملا صاحبڏني جا نالا قابل ذڪر آهن.

11. مداح ۽ مناجات بہ وڏي ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن مداحون، مناجاتون ۽ معجزا چيا، جن مان ملاصاحبڏني، صدرالدين چارڻ، حمل خان لغاري، فتح فقير، ۽ آخوند محمد بچل جا نالا قابل ذڪر آهن.

12. مناقبا تہ پهريون ڀيرو هن دور ۾ ملن ٿا. هن قسم جي نظم ۾ اصحابن ۽ اوليائن جي تعريف ڪئي ويندي آهي. پير محمداشرف هن قسم جي شاعريءَ جو بلند پايہ شاعر آهي.

13. معجزا بہ هن دور ۾ ملن ٿا. هن قسم جي

نظم ۾ پاڻ سگھورن جا معجزا منظوم ڪيا ويندا آهن. سيد خيرشاه معجزي جو بلندپايه شاعر آهي.

14- هجوگوئي جو رواج به هن دور ۾ پيو. سيد خيرشاه ۽ سيدثابتعلي شاه هڪ ٻئي جون هجوون لکيون.

15- رزميه شاعريءَ جا به سٺا نمونا ملن ٿا. هن قسم جا مثال خليفي نبي بخش جي سر ڪيڏاري، سيد حيدر شاه جي جنگ نامي ۽ سيدثابتعلي شاه جي مرثين ۾ ملن ٿا.

16- خليفو نبي بخش پهريون شاعر آهي، جنهن سرڪيڏاري کي قومي شاعريءَ جي اظهار جو ذريعو بنايو. سندس ڪيڏاري ۾ قومي جوش ۽ جذبو آهي، ۽ سنڌ جي سورهين جي ساراهه آهي.

17- هن دور ۾ هندو شاعرن جو شعر به ملي ٿو. ساميءَ جي سلوڪن سان گڏ دلپت ۽ سندس گروآسرداس "آسو" جو شعر به ملي ٿو.

18- هن دور ۾ پهريون پيرو نثر جا ابتدائي نمونا ملن ٿا. پهريون نثر آهي: آخوند عزيزالله جو قرآن شريف جو تحت اللفظ ترجمو.

# باب ڇهون

## انگريزن جو دور

پس منظر:

1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. ان کان پوءِ سنڌي زبان کي فارسي جي بدران دفتري زبان ۽ ذريعهِ تعليم بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سنڌ جي هڪ مقرر صورتخطي قائم ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جنهن تي سنڌي عالم به ميمبر ڪري کنيا ويا، جهڙوڪ: منشي اڌارام، منشي ننديرام، مرزا صادق علي، قاضي غلام علي، ميان غلام حسين، ميان محمد ۽ ٻيا. گهڻي بحث کانپوءِ عربي سنڌي صورتخطي منظور ڪئي ويئي ۽ 1853ع ۾ ان کي آخري شڪل ڏني ويئي. صورتخطي ٺهڻ کانپوءِ درسي ڪتاب ۽ ٻيا نظم ۽ نثر جا ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿي ويا. 1853ع ۾ منشي ننديرام جو پهرائين درسي ڪتاب "باگنامو" ڇپيو. ان کانپوءِ هرسال

هر علم ۽ فن تي ڪيترائي ڪتاب ڇپبا رهيا. الفاشباع واري نظم ۾ لکيل مذهبي سنڌي ڪتاب ابوالحسن واري صورتخطيءَ ۾ 1854ع کان اڳ ئي شايع ٿيندا هئا ۽ پوءِ بہ ساڳي صورتخطي ۾ ڇپبا رهيا.

نظم جي ڪتابن جي سلسلي ۾ سنہ 1866ع ۾ ”ارنسيٽ ٽرمپ“ جرمنيءَ شهر ليپزگ مان شاه جو رسالو ڇپايو. 1875ع ۾ ديوان گل، 1876ع ۾ بيان العارفين ۽ 1878ع ۾ ديوان قاسم ڇپيو. تنقيد بابت پهريون ڪتاب فاضل شاه جو ”ميزان الشعر“ 1883ع ۾ ڇپيو. ان شروعاتي دور جي اديبن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن.

”منشي ننديرام، قاضي غلام حسين، اڌارام ٿانورداس ميران محمد شاه، غلام علي، آخوند عبدالرحيم عباسي ديوان ڪوڙو مل ۽ ٽيارام.“

نثر: سنڌ جا ليکڪ اڳتي هلي انگريزي ادب جي معرفت نين صنفن کان آگاه ٿيا، جهڙوڪ: ناول، ڊرامو، افسانو، مضمون ۽ تنقيد. شروع ۾ ابتدائي قسم جون شيون لکيون ويون ۽ انگريزي ترجما ڪيا ويا. پر اڳتي هلي هر صنف تي شاهڪار شيون شايع ٿيون. ان ادبي اوسر کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. شروعاتي دور: هن دور ۾ سنڌي اديبن سماج جي اصلاح جو مقصد سامهون رکي لکڻ شروع ڪيو ان مقصد بيان ڪرڻ لاءِ ناول، ڊراما ۽ ڪهاڻين کي

ذريعو بنايو ويو. ناول جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ اسان وٽ داستان ۽ قصا موجود هئا، جن ۾ مافوق‌الفطرت واقعا ۽ غير فطري ڳالهيون هونديون هيون. انگريزي ناول جي اثر سبب انهن ناممڪن ڳالهين جو خاتمو ٿيو ۽ زندگيءَ جي عڪاسي شروع ٿي. شروع ۾ انگريزي ۽ هندي ناولن، قصن، ڊرامن ۽ ڪهاڻين جا ترجما شروع ڪيائون. نه فقط هو بهو ترجما ڪيائون، پر انگريزي ناولن ۽ ڊرامن جي پلاٽن کي سنڌي ماحول مطابق بنائي پيش ڪيائون. هو بهو ترجمي وارو پهريون ناول آهي: اڌارام ۽ نولراءِ جو ترجمو ڪيل ”راسيلاس“ جو 1968ع ۾ ڇپيو. انگريزي ناول جو پلاٽ کڻي، انکي سنڌي حالتن جي رنگ ۾ پيش ڪرڻ“ جي قسم وارو پهريون ناول آهي: ”ديوان صاحب سنگهه“ جو ”بلوڪوڪر“، جنهن جو پلاٽ ٿامس هارڊي جي ”ميئر آف ڪاسٽر برج“ تان ورتل آهي. ان کان پوءِ طبعزاد ناول به لکيا ويا. سڀ کان پهريائين طبعزاد ناول مرزاقليچ‌بيگ مرحوم ”دل‌آرام“ جي‌نالي سان لکيو. ان کان پوءِ ڪيترائي مٿي بيان ڪيل قسمن وارا ناول لکجڻ ۽ ترجمو ٿيڻ شروع ٿي ويا. هن ڏس ۾ مرزا قليچ بيگ مرحوم تمام گهڻي ڪوشش ورتي.

ڊرامن لکڻ ۾ هندو اديبن وڏو ڪم ڪيو آهي؛ پرپهريائين پهريائين ڊراما لکڻ جو فخر به مرزا مرحوم کي

ٿي آهي. ان ڪانپوءِ مرزا صاحب شيڪسپيئر جي ڪيترن ئي ڊرامن جا هوبهو ترجما به ڪيا، ته ڪيترن ڊرامن جي پلاٽن کي ديسي قالب ۾ به پرتيائين. ان ڪانسواءِ ڪيترا طبعزاد ڊراما به لکيا ويا ۽ ڪيترن انگريزي ڊرامن جا ترجما به ڪيا ويا. هرو ڀرو ائين به نه آهي، ته سنڌي ڊرامي ۾ سمورو انگريزي اثر ڪار فرما آهي؛ ڇاڪاڻ جو سنسڪرت ڊرامي جو به سنڌي ڊرامي ۾ وڏو دخل آهي سنسڪرت ڊرامہ جيتوڻيڪ انگريزن جي اچڻ تائين فنا ٿي ويو هو، پر ان هوندي به هندن ۾ ڊرامن جو رواج ڪجهہ قدر موجود هو. انهيءَ ڪري لازمي هو، ته قديم ڊرامہ به جديد ڊرامي تي اثر انداز ٿئي. پر ان هوندي به حقيقت اها آهي، ته سنڌي ڊرامو پنهنجي اصلي وجود لاءِ انگريزي اسٽيج ۽ ڊرامي جو مرهون منت آهي.

ان شروعاتي دور ۾، ناول ۽ ڊرامي سان گڏ قديم انگريزي ڪهاڻيون به ترجمو ٿيڻ شروع ٿيون، ۽ انگريزي ڪهاڻين جي فن جي روشنيءَ ۾ ڪجهہ طبعزاد ڪهاڻيون به لکيون ويون. انهن ابتدائي ڪهاڻي نويسن ۾ مرزا قليچ بيگ مرحوم؛ منشي اڌارام، ديوان ڪوڙومل، ديا رام ۽ بولچند جا نالا قابل ذڪر آهن. جيتوڻيڪ انهن ڪهاڻين ۾ فن جي پختگي ڪانهي، تڏهن به اهي مافوق الفطرت واقعن کان وانجيل آهن، ۽ نئين روشنيءَ جي اثر هيٺ لکيل آهن. ان ڪانسواءِ سماج جي سڌاري جو مقصد آڏو رکي اهي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن.

هن شروعاتي دور ۾ مضمونن جي به شروعات ٿي.
شروعاتي مضمون نويسن تي بيڪن جي مضمونن جو
اثر غالب آهي. مثال طور اوهان لعل‌چند امرڏني‌مل جو
"قلن مٺ" ئي ڏسو؛ اوهان کي سندس هر مضمون ۾
بيڪن جي مضمونن جو اثر ڪارفرما نظر ايندو. مرزا
قليچ بيگ مرحوم بيڪن جي مضمونن جو سنڌيءَ ۾
ترجمو به ڪيو؛ جنهن ڪري انگريزيءَ کان اڻ واقف
مضمون نويسن تي به انگريزي مضمونن جو اثر پيو.

2- وچون دور: پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ
عوام ۾ نوان امنگ ۽ ولولا اڀريا، انهيءَ سياسي شعور
عوام کي جمهوريت ۽ سياسي آزاديءَ جي اهميت
ذهن نشين ڪرائي. انهيءَ ڪري 1923ع ڌاري سنڌ
۽ هند ۾ آزاديءَ جي هلچل زور وٺي ويئي. سنڌي
ليکڪ به آزاديءَ جي تحريڪ کان متاثر ٿيا، ۽ سماج
جي اصلاح سان گڏ سياسي مقصد به اڳڀرو رکي لکڻ
شروع ڪيائون. ان سلسلي جي ليکڪن ۾ شمس‌الدين‌بلبل
جو نالو مٿڀرو ڪان مٿانهون آهي، جنهن پنهنجي طرز و
مزاج جو رنگ پيدا ڪري، سنڌي نثر ۾ انفراديت پيدا
ڪئي. ان دور ۾ جيڪي ناول، ڊراما، افسانا، ۽ مضامين
لکيا ويا، انهن ۾ وطن جي حب، ديسي ڪهاڻين، ديسي
روايتن ۽ آزاديءَ جي تحريڪ جا عناصر ڪارفرما آهن
ان هوندي به اسان فن جي لحاظ کان انگريزي ادب
جي پيروي ڪندا آياسين. نه فقط، ايترو، پر هن دور

۾ فن اچا به پختہ صورت ۾ ملي ٿو. ديسي اديبن خيال نظريا ۽ اسلوب انگريزي ادب مان اخذ ڪري، فن جي پختگيءَ سان، انهن کي ديسي رنگ روپ ۽ ويس وڳو پهرايو. تاريخي ناول ۽ ڊراما به هن ئي لاڙي جي پيداوار آهن- ديسي ناول نگارن تاريخي ڪارناما، ناولن جي صورت ۾ پيش ڪري، قوم کي اڀارڻ تي گهريو. هن ڏس ۾ مرحوم عبدالخالق خليق مورائيءَ جو ناول "سندري" ۽ آنجهاني ڊاڪٽر گربخشائيءَ جو "نورجهان" بهترين ناول آهن، "سندري" فن توڙي زبان جي لحاظ کان نهايت بهترين ناول آهي. هن قسم جي ناولن ۾ اسڪاٽ (1771ع - 1832ع) جي ناول ٽيلسمئن جو اثر سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ڪارفرما آهي.

هن دور جي ليکڪن ۾ مرزا قليچ بيگ مرحوم، خليق مورائي ، لعل چند امرڏني مل ؛ جيٺمل پرسرام ، ڪاڪي ڀيرومل، نرملداس، پرمانند، تيجومل، ليکراج، محمد صديق مسافر، ليلا رام ولايتراءِ، آسانند امرلال ۽ جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن، جن انگريزي ادب جي اثر هيٺ ڊراما، ناول، افسانا ۽ مضامين لکيا.

3. ٽيون دور: ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ادب ۾ هڪ نئون موڙ پيدا ڪيو. سنڌي اديب به ان کان متاثر ٿيڻ کان رهي نہ سگهيا. هن دور ۾ سنڌي اديبن يورپ جي ٻين ٻولين جي ادب جو اثر به قبول ڪيو. ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ هن دور جي پيداوار آهي. هن

موڙ کانپوءِ سياسي ۽ سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کي به اڏو رکيو ويو ته جنسيات جي ترجماني به ڪرڻ شروع ڪئي ويئي. جنسيات جي ترجمانيءَ جو رجحان جيئن پوءِ تيئن وڌڻ لڳو، هينئر ته اهو تمام گهڻو وڌي ويو آهي. انهيءَ رجحان تي گهڻي ۾ گهڻو اثر انگريزي ادب جي مشهور بدنام اديب ڊي. ايچ لارنس جو آهي. هن دور ۾ حقيقت پسنديءَ جا رجحانات پيدا ٿيا. هن دور ۾ افسانه تمام گهڻي ترقي ڪئي. ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ هن دور ۾ زور ورتو. 1942ع ۾ "ترقي پسند مصنفين" نالي جماعت وجود ۾ آئي، جنهن جو سيڪريٽري گوبند مالهي هو. نارائڻ شيام، شيخ عبدالرزاق راز، شيخ اياز، عبدالستار شيخ، اتم، سنتو لعل، گوبند مالهي ۽ سوڀو گيانچندائي ان دور جي پيداوار آهن.

انهن ڏينهن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو به زور هو. ان زماني جي ڪيترن ئي افسانن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو عڪس واضح نظر اچي ٿو. مثلاً اتم جون ڪهاڻيون: شڪست، آخر ڪيستائين، ترقيءَ جي راهه تي، حشو ڪيولراماڻي جي پدم، لڇمڻ راجپال جي "قومي سپاهي؛ ڪيرت ٻاٻاڻي جي آزاديءَ جو سڏ" وغيره افساني ۾ عرياني جي سلسلي ۾ پهريون افسانو عبدالستار شيخ لکيو.

مٿي ڄاڻايل ٽنهي دورن ۾ جدا جدا مصنفن جي جيڪا ارتقا ٿي ان جي اپٽار هيٺ ڏجي ٿي:

افسانو: سنڌي زبان ۾ پهرين ڪهاڻي غلام حسين قريشي جي لکيل "پنهنجي زميندار جي ڳالهه آهي، جيڪا 1954ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپي. ان قسم جون ٻيون ڪهاڻيون آهن: سيد ميران محمد شاهه اول جي "سڌاتوري ۽ ڪڌا توري جي ڳالهه" (1855ع) ۽ "مفيدالصبيان" (1861ع). انهن ڪهاڻين ۾ جيتوڻيڪ حقيقي واقعا ۽ ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، ان هوندي به انهن کي مختصر افسانو چئي نه ٿو سگهجي. اهڙي قسم جي ڪهاڻين جا ٻيا مجموعا به ڇپيا. 1890ع ۾ ساڌو هيرانند "سرسوتي" نالي مخزن جاري ڪئي، جنهن ۾ ساڌو هيرانند، بولچند ڪوڏو مل ۽ ٻين ليکڪن جا مضمون ۽ ڪهاڻيون ڇپجڻ شروع ٿيون. ان کان پوءِ سکيا ۽ وندر جي بنيادن تي لکيل ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا ڇپيا.

افساني جي فني ٽيڪنڪ موجب سنڌي ڪهاڻيون 1914ع کان پوءِ لکجڻ شروع ٿيون، جن ۾ سماجي مسئلن تي روشني وڌي ويئي ۽ معاشرتي برائين کي ننديو ويو. اهڙي قسم جي پهرين ڪهاڻي آهي: لعل چند امرڏني مل جي "حر مکيءَ جا" (1914ع). ڪوڙيمل بنگالي ڪهاڻي نويس "بنڪم چندر چٽرجي" جي ڪهاڻين جا ترجما ڪيا. لعل چند امرڏني مل ٻيون به ڪهاڻيون لکيون، جهڙوڪ: "ڪشنيءَ جا ڪشٽ"، "ڏکن ڏني زندگي" وغيره. مشهور محقق ڪاڪي

پيرومل به ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس پهرين اخلاقي ڪهاڻي آهي: "پريم جو مهاتم" (1911ع). محمدصديق مسافرتاريخي ڪهاڻيون لکيون، جهڙوڪ: "زيب‌النساء"، "چاند بيبي"، وغيره ليلارام ولايتراء 1920ع ۾ ٽالسٽاء جي ڪهاڻين جو ترجمو ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. مشهور اديب چيتن مل به افسانا لکيا آهن. 1923ع ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "چمڙا پوشيءَ جون ڪهاڻيون" ڇپيو. هن ڪهاڻين ۾ سنڌ جي سرمائيدارن ۽ زميندارن جي ظلم جي عڪاسي ڪيل آهي. ٻين به ڪيترن ئي ڪهاڻيون لکيون.

افساني جو ابتدائي دور 1914ع کان 1925ع تائين مقرر ڪري سگهجي ٿو، جڏهن ڪهاڻي نويس معاشي معاشرتي مسئلن کي ڇيهو ۽ معاشرتي جي اصلاح لاءِ پنهنجو نقطهٔ نظر پيش ڪيو، جيڪو گهڻي قدر اخلاقي انداز تي ٻڌل هو. 1925ع کان 1940ع تائين افساني جو ٻيو دور آهي، جنهن جي شروعات ۾ ڪيترائي هندستاني ۽ مغربي افسانن جا ترجما ٿيا. ان دور جي افسانه نويسن مان امر لعل، ميلارام، آسانند مامتورا، ليکو تاسياڻي تارا چند، ديوسياڻي دوست علي، عثماني‌علي انصاري، ڄڳت آڏواڻي، منوهر داس، اندرا هميراجاڻي، نارائڻ داس ملڪاڻي، مرزا نادر بيگ، شيوارام آڏواڻي، غلام‌محمد شاهواڻي، عبدالله عبد ۽ لطف‌الله بدوي ۽ دلدار حسين موسوي جا نالا قابل ذڪر آهن.

1932ع ۾ ماهوار "سنڌو" شڪارپور مان جاري ٿيو، جنهن افساني جي ترقيءَ جو اهم ڪردار ادا ڪيو. هن ۾ مرزا نادربيگ، ۽ پين اديبن جون بهترين ڪهاڻيون ڇپيون، جيڪي ڪهاڻيءَ جي ارتقا ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون.

هن دور جي افسانہ نگارن مان مرزا نادربيگ جا افسانا جذباتيت نگاري ۽ هندو سماج جي زندگيءَ جي عڪاسيءَ جي ڪري مشهور آهن. سندس افسانن مان موهنيءَ جي ڊائري، موهنيءَ جي دل جو داغ، موهنيءَ جي آهہ، موهنيءَ جو حصو پيو، گهر جي ڏڪ، اڇوت، پاڇائيءَ پاڪ محبت سٺيون ڪهاڻيون آهن، هندو معاشرتي سان گڏ سندس ڪهاڻين ۾ پارسي ۽ عيسائي معاشري جي ترجماني بہ ملي ٿي.

هن دور ۾ جنسيات جي موضوع تي ڪهاڻين لکڻ جي شروعات بہ ٿي. آسانند مامتورا پهريون افسانہ نويس آهي، جنهن هن موضوع تي سڀ کان پهريائين قابل ذڪر ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪهاڻين مان ڪنوارڻ ڪڪي، جا آ گيا، هي پريم، وڏيرو رمضان، آر سي ۽ فيلسوف سٺيون ڪهاڻيون آهن. لطف الله بدوي جي ڪهاڻين مان "غربت" ۽ "خوفناڪ بدلي" معياري ڪهاڻيون آهن. سندس افسانن جو مجموعو "دستہ گل" جي نالي سان شايع ٿيو، عبدالله "عبد" جي ڪهاڻين مان "اسڪول ماستريائي" ۽ "ويچارو ماستر" مشهور ڪهاڻيون آهن. عثمان علي انصاري مرحوم بہ هن دور

جو بهترين افسانہ نويس آهي سندس افسانن جو مجموعو ”پنج“ سال 1937ع ۾ شايع ٿيو.

هن دور جي افسانہ نويس امر لعل هنگوراڻي صحيح معنيٰ ۾ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو جوڙيندڙ آهي. سندس ڪهاڻيون سندس رسالي ”ڦلواڙي“ ۾ شايع ٿينديون هيون. حقيقت نگاري جي لحاظ کان سندس ڪهاڻي ” ادو عبدالرحمان تمام سٺي ڪهاڻي آهي ، جنهن جو انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. ان کانسواءِ سندس ٻيون سٺيون ڪهاڻيون هي آهن: ڏس ڏيوم تہ ڪٿان ليندي، هيءَ بہ رانجهوءَ سنڌي رمز، لکيو ڪين ٽريو لالي.

1940ع کان 1947ع تائين افساني جو ٽيون دور آهي. هن دور جي افسانن تي ترقي پسند رجحانن جو اثر نظر اچي ٿو، ۽ سرمائيداري نظام جي خلاف نفرت جو اظهار ملي ٿو. هن دور جو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ” سرد آهون “ آهي، جيڪو 1942ع ۾ ڇپيو. هن ۾ سڀ ڪهاڻيون گوبند پنجابيءَ جون آهن. 1943ع ۾ ايم. آر. مائيداسائيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”مائيداسائيءَ جون آکاڻيون“ ڇپيو. 1944ع ۾ ”ريگستاني ڦول“ نالي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو، جنهن ۾ مختلف نوجوان افسانہ نويسن جون ڪهاڻيون آهن. هن مجموعي ۾ شيخ عبدالستار جي ڪهاڻي ”رحيما“ ٻي جوڙ شاديءَ بابت آهي، ۽ ان ۾ عريان منظر ڏيکاريل آهن. انکانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي مجموعا ڇپيا، جهڙوڪ: پرهہ ڦٽي (1945ع)

مرڪندڙ مڪڙيون (1945ع)، بڪايل، شهيدوفا، سفيدوحشي (شيخ اياز جي افسانن جو مجموعو)، وغيره. هن دور جي افسانہ نويس مان گوبند پنجابي ، ڀڳوان لعلوائي، رام امر لعل، گوبند مالهي، حشو ڪيولراماڻي، آءِ.آر مائيداساڻي، تيرٿ وسنت، عبدالستارشيخ، شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز، ڪيترت ٻاٻاڻي، لڇمڻ راجپال، سگڻ آهوجا، اتم، حبيب الله ڀٽو، سوڀو گيا نچنداڻي، ڪروڙ پتي ۽ نجم عباسي جا نالا قابل ذڪر آهن.

ناول: جهڙيءَ طرح افسانو انگريزي ادب جي صنف آهي. اهڙيءَ طرح ناول بہ انگريزي ادب جي ذريعي اسان وٽ آيو. آکاڻي، افساني جو اسان وٽ ابتدائي نمونو آهي. اهڙيءَ طرح داستان يا قصو، ناول جو اوائلي نمونو آهي. منشي اڌارام (ولادت 1833ع) ”طوطي نامہ“ جو سنڌي ترجمو ڪري، داستان نويسي جو بنياد وڌو . ان کانپوءِ ساڌو نولراءِ سان گڏجي مشهور انگريز اديب ڊاڪٽرجانسن جي ناول ”راسيلاس“ جو ترجمو 1870ع ۾ ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيترا قصا ۽ داستان لکيا ويا ۽ ترجمو ڪيا ويا. جن اديبن داستان يا قصا لکيا ۽ ترجمو ڪيا، انهن مان احمد خان جلباڻي، حاجي امام بخش خادم، آخوند لطف الله، فقير محمد عاجز، مير عبدالحسين سانگي جا نالا قابل ذڪر آهن. ”راسيلاس“ کانپوءِ سروالٽر اسڪاٽ جي ناول

"ليلسمن" جو ترجمو ٿيو؛ جيڪو ساڌو هيرانند ۽ ڪاڪي پيرومل ڪيو.

صحيح معنيٰ ۾ طبعزاد ناول سڀ کان پهريائين شمس العلماء مرزا قليچ بيگ لکيا. سندس پهريون طبعزاد ناول"دلارام" 1888ع ڇپيو. ان کانپوءِ سندس شاهڪار سماجي ۽ اصلاحي ناول "زينت" ڇپيو. انهن کانسواءِ مرزا صاحب ڪيترائي ناول ترجمو به ڪيا. مرزا صاحب کانپوءِ لعل چند امر ڏني مل جو نالو اچي ٿو. سندس ناول " چوٽ جو چنڊ " 1905-6ع ۾ ڇپيو. ڪاڪي ڀيرو مل به ناول لکيا آهن، جهڙوڪ: "آنند سندريڪا" (1910ع)، موهني بائي (1917ع، وريل نعمت (1915ع) 1915ع ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي تاريخي ناول "نورجهان" لکيو. عبدالخالق خليق مورائيءَ به تاريخي ناول لکيا، جن مان "سندري" شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. محمد عثمان ڏيپلائي به ڪيترائي تاريخي ناول لکيا.

جاسوسي ناولن جا به تمام گهڻا ترجما ٿيا. 1910ع ڌاري مکي سيرومل ساگرائيءَ جو تمام طويل جاسوسي ناول "هردلعزيز" عرف "چندرڪانتا سنتتي" 28 حصن ۾ ڇپيو. ساڳي ليکڪ "ڀوتنات جي جيوني" جا 24 ڀاڱا ڪڍيا. ان کانسواءِ ستاره منگريلا، آرسين لوپن، مسٽريز آف ڪورٽ آف لنڊن، لوز آف دي حرم وغيره ترجمو ٿيل جاسوسي ناول ڇپيا.

بنگال جي سجاڳيءَ کان متاثرٿيديوان ڪرڙيمل،

چندن مل، بنگالي ناول نويس بنڪم چندر چٽرجي جا ناول ترجمو ڪيا، جهڙوڪ: چندر مکي، روهني، آنندمٺ وغيره. انهن ۾ انگريزن خلاف بغاوت ڏيکاريل آهي. ان ڪانسواءِ ٻين ڪيترن هندي، بنگالي، گجراتي ۽ اردو ناولن جا ترجما ٿيا. طبعزاد ناولن ۾ پريتمداس جيڪو متراءِ جو ناول "عجيب پيٽ" ڇپيو طبعزاد ناولن جي سلسلي ۾ 1931ع ۾ عبدالرزاق ميمڻ جو ناول جهان آرا ڇپيو. ان ڪانسواءِ جن ٻين به طبعزاد ناول لکيا، انهن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن.

"شيوڪ پوچراج، روچيرام سڏائي، آسانند مامتورا رام پنجوائي، نارائڻداس پنياڻي، پنياڻيءَ جا ناول "غريبن جو ورثو"، "مالهڻ" ۽ "وڏوا" حقيقت نگاري جي لحاظ کان بهترين ناول آهن. منجهن ڳوٺاڻي زندگي ڏيکاريل آهي. آسانند مامتورا جو (شاعر) (1941ع) سنڌي زبان جو پهريون نفسياتي ناول آهي. ان ڪانسواءِ شيوڪ پوچراج جو (آشيرواد) سٺو ناول آهي.

ڊراما: سنڌي ۾ پهريون ڊرامو مرزا قليچ بيگ مرحوم 1880ع ۾ (ليليٰ مجنون) نالي لکيو. ٻيو ڊرامو به مرزا مرحوم جو ئي آهي. اهو آهي (خورشيد) جيڪو 1887ع ۾ ڇپيو ٽيون ڊرامو آهي: (تناولي) جيڪو ديوان ڪوڙو مل چند مل 1888ع ۾ لکيو. انکانپوءِ مرزا قليچ بيگ جا ڊراما (بڪاولي) (1894ع) (نورجهان ۽ جهانگير) (1896ع) ۽ نادر شاه (1897ع) ڇپيا.

ان کانپوءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم ڪيترائي ڊراما لکيا، ۽ شيڪسپيئر ۽ ٻين مشهور ڊرامہ نويس جا ڊراما ترجما ڪيا. 1894ع ۾ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرامينڪ سوسائٽي قائم ٿي، جيڪا 20 سالن تائين ڊراما اسٽيج ڪندي رهي. هن سوسائٽي ڊرامي کي ڏاڍو مقبول بنايو. ان سوسائٽي طرفان مرزاقليچ بيگ مرحوم، ڄيٺانند، ليلا رام، وٽئمل ۽ ٻين ليکڪن جا ڊرامہ اسٽيج ڪيا ويا. انهن ڊرامن ۾ طنزومزاح هوندي هئي.

ان کانپوءِ شڪارپور ۾ 1897ع ۾، لاڙڪاڻي ۾ 1907ع ڌاري ۽ حيدرآباد ۾ 1912ع ڌاري ڊرامينڪ سوسائٽيون قائم ٿيون. شڪارپور جي سوسائٽي لاءِ ديوان ناڪرداس ناگرائي ۽ لاڙڪاڻي جي ناٽڪ منڊليءَ لاءِ گهڻي قدر ڪشنچند بيوس ڊراما لکندو هو. حيدرآباد سوسائٽي طرفان 1926ع ۾ خانچند دريائي جو طبعزاد سماجي ڊرامو ”جيٺري تي جيٺري“ اسٽيج ڪيو ويو. 1928ع ۾ سندس ٻيو معاشرتي ڊرامو ”زمينداري ظلم“ اسٽيج ڪيو ويو. هن سوسائٽيءَ دريائيءَ جا ٻيا ڊراما بہ اسٽيج ڪيا. هي پهريون ڊرامہ نويس آهي، جنهن جي ڊرامن ۾ حقيقت نگاري ملي ٿي.

موٽومل گدوائي، لعل چند امر ڏني مل ۽ ڄيٺمل پرسرام بہ ڊراما لکيا ۽ ترجما ڪيا. ڄيٺمل پرسرام جي ترجمو ڪيل ڊرامن مان گوئٽي جو ”فائڊسٽ“ ۽ مورس مئٽرلنڪ جو ”ديش صديقي“ (1927ع) قابل ذڪر آهن،

منگهارام ملڪاڻي، جهمٽمل ڀاوناڻي، عثمان‌علي انصاري محمد اسماعيل عرساڻي، ڏيپلاڻي ۽ محمد حنيف صديقي به ڪجهه ڊراما لکيا ۽ ترجمه ڪيا. عرساڻي جو (بدنصيب ٺري) شاهڪار ڊرامو آهي.

مضمون نويسي: 1866ع ۾ تعليم کاتي طرفان سنڌ سڌار نالي هڪ پندرهن روزه رسالو جاري ٿيو، جنهن ۾ تعليم بابت ليک شايع ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح مضمون نويسي جي شروعات ٿي. پهريون وڏو مضمون جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو، اهو هو ديوان ڪوڙيمل جو (ڀڪو ڀهه) جيڪو 1862ع ۾ ڇپيو. ان کانسواءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم 1877ع ۾ (بيڪنس ايسيز) جو ترجمو (مقالات‌الحڪمت) جي نالي سان ڪيو. ان کانسواءِ ڪيترن ئي ليکڪن مضمون لکيا، جن مان ديوان‌ڏيارام گدومل، لعل چندامرڏنومل، چيتمل، پرسرام، صاحبسنگ شاهاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پرمانند ميوارام ۽ ساڌو هيرانند جا نالا قابل ذڪر آهن. ساڌوهيرانند جي مضمونن جو مجموعو (هيري جو ڪڻيون) جي نالي سان ڇپيو، جنهن ۾ ٻين ليکڪن جا مضمون به آهن. ان ۾ صاحبسنگ شاهاڻيءَ جو مضمون "وهيو" شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. پرمانند جي اخبار "جوت" ۾ شايع ٿيل مضمونن جو مجموعو (گل ڦل) جي نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيو، جنهن ۾ گهڻا مضمون پرمانند جا آهن.

ان کانپوءِ وقت بوقت مضمونن جا مجموعا شايع

پهريون ڪتاب سيد فاضل شاه جو ”ميزان الشعر“ (1875ع) آهي، جنهن ۾ علم عروض جا قاعدا ۽ قانون بيان ڪيل آهن. ساڳي ئي سال سندس مرتب ڪيل ”ڪافين جو ڪتاب“ شايع ٿيو، جنهن ۾ مختلف شاعرن جون چونڊ ڪافيون آهن، ۽ هر ڪافيءَ جي مٿان سر جو نالو ۽ ڪافيءَ جو قسم ڄاڻايل آهن. ڪافيءَ جي فن تي اهو پهريون تحقيقي ڪتاب آهي. ان کانپوءِ ڪيترائي تنقيدي ۽ تحقيقي ڪتاب ۽ ليک شايع ٿيا آهن.

هن سلسلي ۾ رسالا ۽ اخبارون اهم پارٽ ادا ڪنديون آهن. ڀارتواسي پهرين اخبار آهي، جنهن ۾ تنقيدي ليک شايع ٿيندا هئا. ان ۾ چتومل ٽڏائيءَ جا ڊرامن تي تنقيدي ليک ڇپيا ان کانسواءِ ڀارتواسيءَ ۾ پرمانند ميوارام جي ڪتاب ”گل ڦل“ ۽ ٻين ڪتابن تي تنقيدي ليک ڇپيا. ان کانپوءِ جيڪي به رسالا ۽ اخبارون نڪتيون، انهن ۾ تنقيدي ۽ تحقيقي ليک شايع ٿيندا هئا. خاص طرح سان سنڌو، اديب سنڌ، مهراڻ، ستارهٔ سنڌ، الوحيد، قرباني ۽ اخبار تعليم ۾ معياري تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا شايع ٿيا. ابتدائي تنقيد نگارن مان شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، ديوان گدومل، تاراچند شوقيرام، ليلارام سنگ، لعلچند امرڏنو مل، جيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، سيد اسدالله شاه ٽکڙائي، ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ۽ چتو مل ٽڏائي جا نالا قابل ذڪر آهن.

(1923ع)سچل سرمست بابت لکيل ڪتاب "سچل سرمست"

ان دور ۾ خاص طرح سان مرزا قليچ بيگ مرحوم تمام وڏو ڪم ڪيو، ۽ تحقيق ۽ تنقيد جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايائين، جهڙوڪ: شاه ڀٽائيءَ جو احوال (1885ع- 1897ع)، ثابت علي شاه جا مرثيا ثابت علي شاه جو احوال (1900ع)، رسالہ ڪريمي (1905ع)، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (1908ع، سرسهڻي جي شرح (1911ع)، سسئي جي سرن جي شرح (1913ع) شاه جو رسالو (1913ع) سر سريراڳ جي شرح (1916ع) شاه جي رسالي جي ڪنجي (1918ع) سنڌ جا قديم شهر ۽ انهن جا مشهور ماڻهو (1921ع)، تصوف جي جي تاريخ (1922ع)، رياست خيرپور جي تاريخ (1922ع) مومل راڻي جي شرح (1922ع)، ديوان گل جي شرح (1922ع)، قديم سنڌ جا ستارا (1923ع) ديوان قاسم، ديوان فاضل (1926ع)، "سنڌي شعر جي قديم حالت ۽ پوءِ جو سڌارو" وغيره.

ان کان پوءِ سنڌ جي وڏي محقق ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو نالو اچي ٿو. سندس لازوال ڪارنامو مرتب ڪيل "شاه جو رسالو" آهي، جنهن تحقيقي انداز ۾ هڪ انقلاب آندو هو جو پهريون جلد 1923ع، ٻيو جلد 1924ع ۾ ٽيون جلد 1931ع ۾ ڇپيو. افسوس جو ان جو چوٿون جلد ڇپجي نہ سگهيو، جنهنڪري رسالو نامڪمل رهجي ويو. هن رسالي جي

جي ادبي تاريخ جلد پهريون" (1937ع)، لطف‌الله بدوي جو "تذڪره لطيفي جلد پهريون" وغيره.

ڪلاسيڪي شعر سان گڏ جديد شعر تي به تنقيدون ٿيون ان سلسلي ۾ هڪ ڪتاب 1946ع ۾ "سنڌي شعر جي ڪسوٽي"جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن ۾ هڪ مضمون لوڪومل ڪيسوانيءَ جو آهي، جنهن ۾ بيدل جي شعر تي تنقيد آهي؛ ۽ ٻيو مضمون سندس ڌيءَ ڪملا ڪيسوانيءَ جو آهي، جنهن ۾ عروضيءَ شاعرليکراج ڪشنچند عزيز جي شعر جي ڪشنچند بيوس جي شعرسان ڀيٽ ڪري بيوس جي شعر کي مٿاهون ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ان ڪتاب جي جواب ۾ 1947ع ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل "ڪيسوانيءَ جي ڪسوٽي" نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ته عزيز ڪان بيوس جو شعر ڪچو آهي.

## نظم

هن دور ۾ سنڌي شاعريءَ به وڏي ترقي ڪئي نه فقط شعر جو تمام وڏو تعداد وجود ۾ آيو، پر هن دور جي شاعريءَ ۾ وسعت ۽ گهرائي به آهي. شاعريءَ جي هر صنف تي لکيو ويو، ۽ هر موضوع تي خيال ظاهر ڪيا ويا. لوڪ ادب جي هر جنس ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي هر صنف تي تمام وڏو ذخيرو وجود ۾ آيو. عروضي شاعريءَ خاص طرح سان غزل تي تمام

گهڻن شاعرن طبع آزمائي ڪئي نہ فقط ايترو، پر نوان لاڙا بہ اسرڻ ۽ اڀرڻ لڳا هن هيٺ ان دور جي شاعريءَ جي مختلف صنفن جو فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪجي ٿو:

## ڪافي ۽ بيت

هن دور ۾ ڪيترن ئي شاعرن جي زندگيءَ جو آخري زمانو گذريو. انهن مان حمل خان لغاري ۽ خليفہ نبي‌بخش لغاري جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. انهن ڪانسواءِ ٻين بہ ڪن شاعرن جي آخري عمر هن دور ۾ گذري. انهن شاعرن ۽ انهن‌ڪان پوين شاعرن جو ذڪر هن هيٺ ڏجي ٿو، جن بيت ۽ ڪافيءَ ۾ ڪمال حاصل ڪيو:

اصغر: پير صاحب پاڳارو پيرعلي‌گوهر شاہ اصغر (وفات 1847ع) ڪافيءَ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. ڪافين جو مڪمل ديوان يادگار ڇڏيو اٿس. سندس ڪافيون فن توڙي فڪر جي لحاظ کان اعليٰ پايہ جون آهن. فراق ۽ وصال جي تصوير ڏاڍي دلگداز انداز ۾ چٽي اٿس:

رمزان رانول منهنجي روح ۾، اڄ وري لاٿي نيون،
ڦٽڙا درد فراق جا، تنهن ۾ وڌءِ وهہ جون وٽيون.

قادر بخش بيدل: هن دور جو عظيم‌شاعر روهڙيءَ جو (وفات 1882ع) آهي. هو وڏو عالم، فاضل ۽ ڪيترن ئي زبانن جو قادرالڪلام شاعر هو. فارسي نثر

۽ نظم ۾ سنڌس ڪيتريون ئي تصنيفون آهن. سنڌيءَ کانسواءِ فارسي، عربي، هندي ۽ سرائڪي ۾ به سنڌس شعر ملي ٿو. سنڌس ڪلام ۾ هر هنڌ وحدت‌الوجود جو نظريو ڪارفرما آهي. همه اوست جي اپٽار ۾ منٿس سچل سرمست جو رنگ ظاهر ٿئي ٿو. ان کانسواءِ حسن و عشق جي مضمونن کي به ڪاميابيءَ سان نباهيو اٿس. فني لحاظ کان به سنڌس ڪلام وڏي اهميت رکي ٿو.

بيت، عنوانن تي لکيا اٿس، جهڙوڪ: وحدت، فرائض صوفيه، مارئي، سسئي وغيره. وحدت واري سلسلي ۾ حقيقت محمدي هن طرح بيان ڪئي اٿس:

پسي موج محمدي، مستي ٿين مقام،
آديسين آرام، اچي ٿيو اثبات ۾.

ڪافيءَ جي فني گهاڙيٽين جي خيال کان سنڌس ڪلام ۾ ڪيترائي انوکا ۽ دلچسپ تجربا ملن ٿا. رواني، رنگيني ۽ دلڪش سنڌس ڪلام جون خاص خوبيون آهن.

<u>بيڪس</u>: حضرت بيدل جو فرزند نورمحمدمحسن بيڪس (وفات 1882ع) به سنڌي زبان جو عظيم شاعر آهي. هو حسن و عشق جو شاعر آهي. سنڌس ڪلام ۾ وڏو سوزو گداز آهي فرمائي ٿو:

سناسين مان سور، بيڪس پرايم بره جو،

جوش وڌائون جان ۾، وڃي ٿو وهلور،
ڪو جو پرايم پور، سناسين جي سورمان.

نانڪ يوسف: سچل سرمست جو طالب فقير نانڪ يوسف (وفات 1853ع) بلندپايہ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام تي حضرت سچل سرمست جي فڪر نوڙي فن جو گهڻو اثر آهي، هڪ ڪافيءَ ۾ وحدت الوجود جو فڪر هن طرح بيان ڪيو اٿس:

اسين حيرت هن ۾ آهيون، بيرنگي سڄڻ رنگ لايو.
1۔ ٿي آيو آدم نالي، اچي پيڙو منجهہ ڪشالي،
هت جوشن ۾توجالي، آهي اصل تنهنجواهورايو.

عثمان سانگي: لاڙڪاڻي ضلعي جو فقير عثمان سانگي (وفات 1860ع) بہ اعليٰ درجي جو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪافيون فن جي لحاظ کان نهايت اعليٰ پايہ جون آهن. انهن ۾ رواني ۽ اثر انگيزي بہ آهي، تہ فني پختگي بہ آهي. هڪ ڪافيءَ مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اکڙيون عزم ڪيڏو رکن، دلڙي ڦاسائن دام ۾.
1۔ اکڙيون سڄڻ تنهنجون مارٽيون،
ڪنهن ڌرن سان ڌتارٽيون،
ڌو ڏاڙي ڪارڻ ڏارٽيون،
موهيو وتن هڪ مام ۾.

صوفي خير محمد: خير محمد جي نالي سان ٿي

ڪافي گو شاعر ٿي گذريا آهن. هڪ خيرمحمدجسڪاڻي پيو خيرمحمد صوفي، جيڪو صديق فقير سومري جو پوٽو هو، ٻيون صوفي خوش خيرمحمد هيسباڻي (وفات 1877ع). ٻيئي ڪافيءَ جا سٺا شاعر هئا، پر خوش خيرمحمد وڌيڪ مشهور ۽ مقبول آهي. سندس ڪافين ۾ فني پختگي بہ آهي، فڪر جي گهرائي بہ آهي. سندس هڪ مشهور ۽ مقبول ڪافيءَ مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

پسي صورت جو سلطان هم حيران لڳي.
1. جن ملائڪ حوران پريون هرهڪ ٿيو حيران،
پڙهڻ سجان لڳي.
2. سهسين ساز سرود تماشا، سازن جا سامان
جاني تاڻي تان لڳي.

مخدوم امين محمد: درگاهہ مخدوم نوح جو سجاده نشين مخدوم امين محمد عرف پڪن ڌڻي (وفات 1886ع) ڪافي ۽ بيت جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جا مختلف مسئلا بيان ڪيل آهن. ان سان حسن و عشق جو ذڪر بہ پراثر نوع ۾ ڪيو اٿس. هڪ ڪافيءَ ۾ محبوب جي اکين جو احوال هن طرح آندو اٿس:

تنهنجي نيڻن جادو لايو يار، رمزون رليون،
1. اکڙيون تنهنجون ڪجليون ڪاريون،

ڏاڙي ڪاڻ دلبر ڏاريون،
هو گهر اجاڙڻ لڳيون يار.

چتو سانگي: لاڙڪاڻي ضلعي جو ٻيو صوفي شاعر چتو فقير سانگي (وفات 1892ع) ڪافي ۽ بيت جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام سادگي ۽ سلاست آهي، پر ان فڪري گهرائي به آهي سندس هڪ ڪافيءَ مان نمونو ڏجي ٿو:

تنهنجي حسن حيران ڪيا، ماڻهو ملڪ حوران پريون
1- مجني وانگر مستان ڪيا، پڙهي نينهن
جيئن چاڪي نريون.
اڇليو اڇن سر آسرو، سڪ سوز مان سرڪا پريو.

شاه نصير: نوشهرو فيروز جي نقشبندي درگاهه جو سجاده نشين شاهنصير (وفات1900ع) سنڌي سرائڪي اردو ۽ فارسي جو اعليٰ پايه جو شاعر ٿي گذريو آهي. هو تصوف جو وڏو مبلغ هو ۽ ڪيترن ئي صوفي بزرگن جو مرشد هو. سندس ڪلام ۾ تصوف جا مسئلا سهڻي نموني سمجهايل آهن. ان سان گڏ حسن و عشق جو ذڪر به ڪيل اٿس. هڪ ڪافيءَ مان نمونو ڏجي ٿو، جنهن ۾ محبوب جي اکين جو احوال آيل آهي:

مست اکيون متوالڙيون تنهنجون،
قتل ڪري دل ڪرن ڪباب.
1. ترت نه تن کي کهڻ جو ڪوئي،

اصل اٿن جو ڪم اھوئي،
ماري ڏين پوءِ عشق عتاب.

مصري شاهُ: نصرپور جي رضوي سيدن مان بلند شاه جو فرزند مصري شاه (وفات 1906ع) ڪافيءَ جو بي‌نظير شاعر آهي. رس، رچاءُ ۽ تاثر سندس ڪافين جون خاص خوبيون آهن. رواني ۽ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ نيٺ سنڌي لفظن سان گڏ عربي ۽ فارسي لفظن جو حسين امتزاج پيش ڪيو اٿس. ڪيتريون ڪافيون تہ غزل جي رنگ ۾ لکيون اٿس. ڪافين کانسواءِ غزل بہ اعليٰ پايہ جا چيا اٿس. هڪ ڪافيءَ مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

جيجان جوڳي جاوي ويڙا،
ٺمر سجوڙا سرت سجان.

1. چيلهين چڪر ٻڌائون چمڙا، چوڏس چاڙهيائون چوبان،
آهہ هريجن ان جي هردي، هرڪنهن مهل وتن حيران.

ٻيا شاعر: انهن کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن، جن قديم رنگ ۾ ڪافيون ۽ بيت چيا آهن. گهڻو ڪري سڀني شاعرن جو شعر تصوف جي رنگ ۾ رڱيل آهي. ان سان گڏ حسن و عشق جو ذڪر ۽ هجر و وصال جو بيان بہ ملي ٿو. انهن شاعرن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن:

دولهہ دريا خان ( وفات 1891ع ) ، سندس ڀاءُ نشان‌علي‌فقير (وفات 1884ع)، آسورام آسو (وفات1897ع)

فقير، همت علي شاه، شاه محمد ديدڙ، حسين ديدڙ، غلام حيدر شر، مينگهو فقير شر، حاجي خانڻ چنجڻي، حاجي عبدالله ڊ ڪڙ، پير محمد اشرف ڪامارائي ۽ اميد علي شاه جا نالا قابل ذڪر آهن.

ڪيترن ئي شاعرن مولود به چيا، جهڙوڪ: سيد قمبر علي شاه، خليفو عبدالله، ياسين شاه مقيم، محمد اڪرم خان، پير مهدي شاه، مولانا محمد عاقل وغيره. ڪيترن ئي شاعرن رومانوي داستان ۽ قصا به منظوم ڪيا. محمد عارف ڪلهوڙي سسئي پنهون ۽ عمر مارئي منظوم ڪيا. ان قسم جي ٻين شاعرن مان ايوب، فقير محمد پرڙو، شاه محمد ديدڙ ۽ موريو جا نالا قابل ذڪر آهن.

غزل جي شاعري: عروضي شاعريءَ خاص طور سان غزل جي شاعريءَ وڏي ترقي ڪئي- ڪيترائي باڪمال شاعر پيدا ٿيا. **خليفو گل محمد هالائي** (وفات 1858ع) سڀ کان پهريائين مڪمل ديوان پيش ڪيو. جيتوڻيڪ عروض کي قبول ڪيو اٿس، تڏهن به سندس شعر ۾ قديم شعر جو روايتن جو اثر نظر اچي ٿو. ان ڪانسواءِ نيٺ سنڌي لفظ به تمام گهڻا استعمال ڪيا اٿس ۽ تشبيهون به سنڌي ماحول مان ورتيون اٿس. سندس غزل ۾ حسن و عشق سان گڏ تصوف ۽ اخلاقيات جا مضامين به ملن ٿا، ته معاشرتي حالتن جو عڪس به ملي ٿو.

انهيءَ زماني ۾ **آخوند محمد قاسم هالائي** (وفات 1881ع) جو نالو ملي ٿو، جنهن پڻ مڪمل ديوان لکيو. هو غزل جو باڪمال شاعر آهي. سلامت ۽ رواني سندس غزل جون خاص خوبيون آهن حسن وعشق سان گڏ اخلاقيات تي به زور ڏنو اٿس. ايراني غزل جون روايتون به آنديون اٿس، ته سنڌي ماحول مان ورتل تشبيهون به ڏنيون اٿس.

شڪارپور جو واليڏنو فقير (وفات1886ع) ڪافي تـوڙي غزل جـو عمدو شاعر تـي گذريو آهـي. سيد حيدرشاه (وفات 1885ع) مولـوي غلام محمـد خانزئي (وفات 1885ع) قاضي غلام علي (وفات 1885ع) امام بخش شاه فدوي (وفات 1888ع)، غلام مرتضيٰ شاه ننـوي (وفات 1899ع) ۽ مصري شاه جا غزل بـہ مليا آهن. سيد فاضل شاه (وفات 1919ع) بہ غزل جو بلندپايہ شاعر تي گذريو آهي. هن جي غزل ۾ بہ گهڻي قدر اخلاقي تعليم جو درس ملي ٿو. حافظ حامـد ٽڪـڙائي (وفـات 1897ع) بہ غزل جو شاعر تي گذريو آهي.

سانگيءَ جو صحبتي ۽ شاعريءَ ۾ سندس استاد غلام محمد شاه گدا (وفات 1915ع) غزل جو تمام وڏو شاعر تي گذريو آهي. سندس غزل نهايت پختہ ۽ برجستہ آهي، ۽ پارسي ترڪيبن ۽ تشبيهن سان مزين آهي ان دور ۾ غزل جا بيا بہ ڪيترائي شاعر تي گذريا جهڙوڪ: فضل محمد ماتم، آخوند لطف الله وغيره.

مٿي ذڪر ڪيل شاعرن کي ”قدما وارو دور“ سڏي سگهون ٿا، جيڪو 1843ع کان ويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي تائين مقرر ڪري سگهجي ٿو. هن دور جي شاعري غزل جي روايتن کي سهڻي نموني بنايو آهي ۽ ان سان گڏ قديم سنڌي شعر جي روايتن کي بہ سنڌي غزل ۾ سموهيو اٿن. اهڙيءَ طرح سنڌي غزل جا اصول ۽ روايتون متعين ڪيون اٿن. مضمون جي لحاظ کان جيتوڻيڪ تہ غزل کي برقرار رکيو اٿن، ان هوندي بہ تصوف ۽ اخلاقيات ڏانهن گهڻو مائل رهيا آهن.

<u>وچون دور:</u> غزل جو هي دور باڪمال شاعر **مير عبدالحسين سانگي** (وفات 1924ع) سان شروع ٿئي ٿو. سانگي سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمران مير نصير خان جو پوٽو ۽ ميرعباس علي خان جو فرزند هو. هن غزل جي روايتي انداز کي قائم رکندي ان ۾ نئون رنگ پريو، ۽ سنڌي غزل جو انفرادي مزاج ۽ مقام متعين ڪيو. هن غزل ۾ پنهنجو ماحول پيدا ڪيو، ۽ شيراز جي باغن جي بجاءِ سنڌوءَ جي ڪناري کي پنهنجي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز بنايو. اهڙيءَ طرح حقيقت نگاري ۽ وطنيت جي جذبن جي عڪاسيءَ ذريعي، تخيل ۾ جدت ۽ اسلوب بيان ۾ نوان آندائين مطلب تہ سنڌي غزل کي سنواري سڌاري، انکي سنڌي

ثقافت جي سياءَ سان هم آهنگ ڪيائين، ۽ زندگيءَ جي بالڪل ويجهو آندائين. سندس غزل ۾ سندس زندگيءَ جي مختلف ڪيفيتن ۽ احساسن جو عڪس به آهي، ته سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ترجماني به آهي ڦاڙهن جي اوجهه ڪڍڻ جي تشبيهه آڻي، چوي ٿو، ته ظالمن جو به آخر اهڙو حشر ٿيندو:

جيئن شڪاري ٿا ڪڍن ڦاڙهن جو اوجهه
نيٺ نڪري تيئن ستمگارن جو اوجهه

ان مان سندس انسان دوستيءَ جو اندازو به لڳائي سگهجي ٿو، ته تشبيهه جي انوکي ۽ انفرادي رنگ جو نمونو به معلوم ڪري سگهجي ٿو. پنهنجي ماحول جي تشبيهن ۽ تمثيلن سان گڏ ايراني غزل جون روايتي تشبيهون جهڙوڪ: گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانه، مئي ۽ صراحي، ميخانه ۽ ساقي به ڪن هنڌ قائم رکيو اٿس، مثلاً:

گل ڪي جڏهن چمن ۾ ڏٺو مون ته ياد پئين
بلبل ڪي بوستان ۾ ڏٺو مون ته ياد پئين.

مطلب ته سانگي غزل جو بي نظير شاعر آهي. سندس شعر ۾ فن جي پختگي به آهي، ته فڪر جي وسعت ۽ خيال جي جدت به آهي. هن غزل ۾ انوکو انداز بيان ۽ نئون اسلوب بيان پيش ڪيو. انهيءَ ڪري غزل پوين شاعرن لاءِ مشعل راهه بنيو، ۽ جديد غزل سندس جدت آفريني کان متاثر ٿي، نئون رنگ روپ اختيار ڪيو.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: (وفات 1929ع) نثر نويس هجڻ سان گڏ بلندپايه شاعر به هو. شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. غزل ۾ هو اخلاقي هدايتن تي زور ڏئي ٿو، ۽ صوفيانه نڪتا سمجهائي ٿو. ان هوندي به سندس غزل حسن و عشق جي ذڪر کان خالي نه آهي:

چو ٽڙقي نه سيني ۾ هي دل منهنجي پڪيءَ جان،
هٿ ۾ ٿي ڪمان انجي ۽ ٿيا تير بغل ۾.

شمس الدين بلبل: (وفات 1919ع) منفرد نثر نويس به آهي، ته بي‌نظير شاعر به آهي. نظم جو قادرلڪلام شاعر به آهي، ته غزل جو به منفرد شاعر آهي. سندس گهڻو شعر طنزو مزاح ۽ رنگ ۾ رڱيل آهي. هن غزل ۾ به مزاح جو رنگ پيدا ڪيو آهي:

نه آيو بلبل نادان کي بوستان ۾ قرار
ته کسڪ سور پڙهي، ٿيو چڪر ۾ وفو خط

مولوي عبدالغفور همايوني: "مفتون" (وفات1919ع) ڪافي توڙي غزل جو باڪمال شاعر آهي. سندس ڪافين ۽ غزلن جو ديوان موجود آهي، سندس ڪلام ۾ ايڏي نه رواني، رنگيني، اثر انگيزي ۽ لفظن جو سهڻو جڙاءُ آهي، جو پڙهندڙ کي بي‌اختيار ڪيو ڇڏي. سندس مشهور غزل نما ڪافي " تنهنجي زلف ........ " جي ايڏي ته مقبوليت حاصل ڪئي، جو ڪيترن ئي شاعرن ان جي

تتبع ۾ ڪافيون ۽ غزل لکيا پر ڪوبہ ساڻس برميچي نہ سگھيو. ان غزل نما ڪافيءَ جو مطلع، ڪافيءَ جي ٿل وانگر آهي، ۽ هڪ مصرع تي مشتمل آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا زندان
هزارين مان نہ رڳو.

1. تنهنجي جلوي جمال جي عشوه گري،
ٿيا ملڪ مطيع وسيع وري
ڇا جن ملائڪ حور پري، دربان هزارين
مان نہ رڳو.

محمد هاشم مخلص: (وفات 1924ع) پنهنجي دور جو باڪمال صحافي ۽ قادالڪلام شاعر هو. سندس شعر ۾ طنز و مزاح جو رنگ آهي شعر ۾ معاشري تي بہ طنز ڪئي اٿس، تہ انگريزن ۽ متعصب هندن جا بہ چوڏا لاٿا اٿس:

هماري ميم صاحب جون اکيون آهن هينئر لڳيون
چيو بٽلر کي صاحب، پڪار آهستہ آهستہ.

انهن شاعرن کانسواءِ هن دور جي پهرين بہ ڪيترن ئي غزل گو شاعرن جا نالا مان ٿا، جهڙوڪ: ميان وڏل عاوي حڪيم محمد واصل درس (وفات 1920ع)، دين محمد سانوٽي مسڪين مخدوم ابراهيم صوفي هالائي (وفات 1912ع) امام بخش خادم، ميرعلي نواز علوي، رمضان واڍو، آخوند فقير محمد عاجز (وفات 1918ع)، اسدالله شاه فدا

(وفات 1926ع)، حافظ محمد هارون دلگير، غلام علي سبز پوش، محمد اسلم شڪارپوري، رسول بخش رهي، غلامسرور فقير لاڙڪائوي، مولانا بهاءالدين بهائي، آخوند عبدالقادر بيدل شڪارپوري، محمد امين شڪارپوري، ”امير“ علي آبادي خيرپوري، ڪمال‌الدين مست وغيره.

پويون دور: هن دور ۾ به غزل جا تمام گهڻا شاعر ٿيا آهن. **آغا غلام نبي صوفي** (وفات 1938ع) هن دور جو عمدو شاعر آهي. هو نثر نويس به هو ته شاعر به. ڪافيون به ڏاڍيون سٺيون لکيون اٿس، ته غزل به. غزل جو هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو:

نازنين نازڪ بدن يا سرو قد توکي سڏيان.
ڇا صفت سهڻا ڪريان مان تو سندي سينگار جي.

هدايت‌علي نجفي ”تارڪ“: شاعريءَ جي هرصنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس غزل جو نه منفرد رنگ آهي:

تنهنجي زلف عنبرين جي رشڪ کان ٿيو اي پرين
عطر چٽ عود ۽ اگر چٽ، نافهءِ تاتار چٽ.

پير صاحب پاڳاري پيرحزب‌اللهشاه جو ٽيون نمبر فرزند **پير علي اصغرشاه ”علي“** به غزل جو بلندپايه شاعر ٿي گذريو آهي:

گهونگهٽ وجهڻ، نقاب ڪيڻ، منهن پري ڪرڻ
پهرين پسو مبارڪ، پرجي پار جي.

انهن کانسواءِ محمد عاقل عاقلي (وفات 1941ع) ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي به هن دور جا قابلِ ذڪر شاعر آهن. عروضي شاعريءَ جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي شاعرن وڏيون ڪوششون ورتيون. انهن مان حاجي محمد خادم، ميان علي محمد قادري ۽ نوازعلي نياز جا نالا قابل ذڪر آهن. مشاعرن جو رواج وڌائون جمعيت الشعراء سنڌ جو بنياد وڌائون ۽ ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪيائون. شعر جي اشاعت لاءِ پهريائين رسالو "گلدسته" لاڙڪاڻي مان جاري ڪيائون. اهو بند ٿي ويو، ته ڪجهه وقت ڪانپوءِ جمعيت الشعراء سنڌ جي سهاري هيٺ "اديب سنڌ" جاري ڪيائون. انهيءَ رسالي عروضي شاعريءَ کي وڏو فروغ ڏنو، جنهن ڪري ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا.

عروضي شاعريءَ جون ٻيون صنفون: غزل سان گڏ

عروضي شاعريءَ جي ٻين صنفن: مرثيو، مثنوي، رباعي، مسدس ۽ قصيده تي به طبع آزمائي ٿي. مرثيه جي سلسلي ۾ ميرحسن علي خان حسن (وفات 1909ع)، قادربخش بيدل، شاه نصير، مرزا بنده علي، محمد عالم پنهور (وفات 1870ع) ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا قابل ذڪر آهن.

مثنويون به تمام گهڻيون لکيون ويئون پهرين مثنوي "سڪندرنامه" جيڪا سنه 1290 هه (1873ع) ۾ لکي ويئي ٻي مثنوي محمد واصل درس جي "گلزار

واصل“ آهي، جيڪا 1299 ھ ۾ لکي ويئي. انهن ڪانپوء هي مثنويون لکيون ويئون:

عبدالواحد سائل حيدرآبادي جي ”يوسف زليخا“ (1306 ھ)؛ حافظ محمد ابراهيم دل جي ”عمر مارئي“ (1307 ھ)؛ مولوي غلام الله جي ”سيرسليمان“ محمدعاجز جي ”قصه ليلي مجنون“ (1310ھ)؛ غلام مرتضي شاه مرتضائي جي ”سڪندرنامه“ (1311ھ)؛ غلام محمدنظامائي جي ”سڪندرنامه“؛ گل محمد رند جي ”سڪندرنامه“؛ ميرمرتضائي جي ”يوسف زليخا“ ۽ ”شاه نامه“ واحدبخش مشتاق شڪارپوري جي ”قصه سسئي پنهل“ (1895ع) ميرحسن علي خان حسن جون مثنويون: ”شهنشاهه نامه يا حمله حيدري“ ۽ ”سنڌ جو شاهنامه“ ”حمله حيدري“ اڃا تائين نه ڇپي آهي؛ پر ”سنڌ جو شاهنامه“ ڇپجي چڪي آهي، جنهن ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي جنگ جا منظر ڏيکاريا آهن. مثنوي ۾ فطرت نگاري، سيرت نگاري ۽ واقع نگاري جا تمام سٺا نمونا مان ٿا.

ڪن عالمن منظوم خطبا مثنوي جي سٽا ۾ لکيا انهن مان مولوي محمد عثمان نورنگزاده (وفات 1918ع) جو نالو قابل ذڪر آهي. انهن ڪانسواء گدا، سيد فاضل شاه، شمس الدين بلبل، بچل هميون پوٽو ۽ مرزا قليچ بيگ به مثنويون به لکيون آهن.

قصيده جي سلسلي ۾ مير حسن علي خان حسن،

آخوند محمد قاسم هالائي، غلام محمد شاه گدائي، مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، محمد هاشم مخلص ۽ هدايت علي نجفي تارڪ جا نالا ملن ٿا.

مسدس ۾ پهريون ڪتاب مولوي الله بخش ابوجهي جو ”مسدس ابوجهو“ (1884ع) آهي. هن جي پهرين حصي ۾ ”مسدس حالي“ جو ترجمو آهي. ٻي حصي ۾ ”سنڌ مدرسة الاسلام“ جو احوال آهي ان کانپوءِ ڪيترن ئي شاعرن مسدس تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

قومي ۽ اصلاحي شاعري: هن قسم جي شاعري جو پهريون شاعر ”مسدس ابوجهو“ جو مصنف الله بخش ابوجهو مرحوم آهي. ان ڪانپوءِ ٻيو عظيم شاعر شمس الدين بلبل مرحوم آهي. هن صاحب طنز و مزاح جي جنگ ۾ سماج تي نڪته چيني ڪئي آهي. خاص طرح سان سندس نظم جو ڪتاب ”ڪريما نيچرل“ قابل ذڪر آهي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن ظريفانه ۽ اصلاحي شعر لکيو. ان ڪانپوءِ محمد هاشم مخلص مرحوم جو نالو ملي ٿو، جيڪو ڪهنه مشق صحافي ۽ پخته شاعر هو. هو برطانوي سامراج جي خلاف ظاهر ظهور نفرت جو اظهار ڪندو هو.

ان دور ۾ نورمحمد نظاماڻي ۽ حڪيم فتح سيوهاڻي به بلندپايه قومي نظم لکيا، جن ۾ وطن جي ساراهه به هئي ته انگريزن لاءِ نفرت جو اظهار به هو. حضرت

پنهنجي شاعريءَ کان پيغام جو ڪم ورتو. اهڙيءَ طرح ڪن ٻين شاعرن به عروضي شاعريءَ ۾ وقت جي تقاضائن موجب خيال ظاهر ڪيا. انهن مان لاڙڪاڻي جي ڪشنچند ”بيوس“ جو نالو مڙني کان مٿانهون آهي. هن شاعريءَ ۾ نئون موڙ آندو ۽ عروضي شاعري جي پراڻين روايتن کي ترڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هارين ۽ پورهيتن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو، قومي جذبو جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي نظم لکيا، سندس ڪلام جي مجموعي ”شيرين شعر“ کي سنڌي ادب ۾ اهائي حيثيت حاصل آهي، جيڪا انگريزي ادب ۾ وليم ورڊس ورٿ ۽ ڪالرج جي شعر جي مجموعي ”لئريڪل بئلڊس“ کي حاصل آهي. سندس شعر مان نظم جهوپڙي کي شاهڪار جي حيثيت حاصل آهي.

مشهور سياسي ليڊر، هارين جي حقن جي علمبردار ۽ ”جيئي سنڌ“ نعري جي تخليق ڪندڙ، حيدر بخش جتوئي به بلندپايه شاعر هو. هن صاحب به پنهنجي شعر ۾ ترقي پسند خيالات ظاهر ڪيا آهن. 1930ع ۾ سندس ڪلام جو مجموعو تحفته سنڌ شايع ٿيو، جنهن جي هڪ نظم ”شڪوه“ تي سخت اعتراض ٿيا. پوئين زماني ۾ ”جيئي سنڌ“ جي نالي سان هڪ قومي نظم لکيائين، جنهن سنڌ جي نوجوانن ۾ نئون جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو.

هي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ سنڌ جي نوجوان شاعرن تي اشتراڪي رجحانن ۽ ترقي پسند تحريڪ جو اثر تمام گھڻو ٿيو. انهيءَ ڪري نوجوان شاعر بغاوت ۽ انقلاب جو نعرو بلند ڪرڻ لڳا ۽ هارين ۽ پورهيتن سان ٿيندڙ ظلم بيان ڪرڻ لڳا. هن دور ۾ سنڌي زبان ۾ آزاد نظم لکڻ جي به شروعات ٿي. اهڙن نوجوانن شاعرن مان شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز ۽ نارائڻ شيام اڳتي هلي گھڻو اڀريا.

# باب ستون

## موجوده دور

تعارف: 1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. لڏپلاڻ ٿي. هندو هليا ويا، ۽ هندستاني سنڌ ۾ آيا. هندو اديب وطن جا وڻ ڇڏي ويا، جن مان پراڻن ليکڪن جو ٿورن سالن ۾ ديهانت ٿيو ڄيٺمل پرسرام 1948ع ۾، ڪاڪي ڀيرومل 1953ع ۾ ۽ لالچندامرڏنيمل 1954ع ۾ وفات ڪئي. اهڙيءَ طرح سنڌي زبان ۽ ادب جا ٻه ماڳ ۽ مڪان ٿي ويا: هڪ سنڌ ۾ ٻيو هند ۾ ٻنهي هنڌن تي اديب وقت جي نين تقاضائن ڪان متاثر ٿيا، ۽ سنڌي ادب هڪ نئين صورت اختيار ڪئي. هينئر حسن و عشق ۽ گل وبلبل جو بيان گهٽجي ويو، ۽ معاشي ۽ معاشرتي موضوعن ان جي جاءِ ورتي.

پاڪستان ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌي ادب ۾ ڪجهہ قدر ماٺائي اچي ويئي پر پوءِ جلد ئي اديبن پاڻ سنڀاليو ۽

زبان ۽ ادب جي ترقي جي سلسلي ۾ پاڻ پتوڙيائون. ان شروعاتي دور ۾ حاجي محمودخادم مرحوم ”اديب سنڌ“ جاري رکندو آيو، جنهن عروضي شاعريءَ جي وڏي خدمت ڪئي.

ان ڪانسواءِ لوڪ ادب، سنڌي لغت ۽ سنڌي ثقافت بابت به معياري مضامين ڏنائين. رسالي کي هلائڻ سان گڏ ”خادم“ مرحوم هر سال وڏي پيماني تي سنڌ جي ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ ادبي ڪانفرنسون به منعقد ڪرائيندو آيو، جن سنڌي زبان ۽ ادب کي فروغ ڏيڻ جي سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

مرڪزي حڪومت طرفان 1950ع ۾ ماهنامه نئين زندگي جاري ٿيو، جنهن ادب جي هر صنف بابت قيمتي مواد مهيا ڪيو. 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ وجود ۾ آيو، جنهن سنڌي ادب، تاريخ ۽ لغت ڏانهن جوڳو ڌيان ڏنو. 1955ع ۾ بورڊ جي طرفان سه ماهي ”مهراڻ“ جاري ٿيو، جنهن تحقيقي ادب طرف به ڌيان ڏنو، ته جديد ادب کي به فروغ ڏنو. محترم عبدالرزاق ”راز“ جي ڪوشش سان 1952ع ۾ ”حبيب پبليڪيشن“ نالي اشاعتي ادارو قائم ٿيو، جنهن جديد ادب بابت معياري ڪتاب شايع ڪيا.

نوجوان اديبن ”سنڌي ادبي سنگت“ قائم ڪئي جنهن 1956ع ۾ ”سنڌ سنگت“ جي صورت اختيار ڪئي. سنگت جي ڪارگذارين کي ڪامياب بنائڻ

لاءِ محترم رياض قادري شروع ۾ وڏو ڪم ڪيو.
جلد ئي مختلف شهرن ۾ سنگت جون ڪيتريون ئي
شاخون قائم ٿي ويئون. انهن ڪانسواءِ وقت بوقت
ڪيتريون ئي ادبي جماعتون ۽ اشاعتي ادارا قائم ٿيا
آهن، جن پنهنجي وت ۽ وس آهر خدمت پئي ڪئي
آهي. رسالا به ڪيترائي جاري ٿيا، جن مان ڪيترائي
هينئر بند ٿي ويا آهن. نئين زندگي ۽ سه ماهي مهراڻ
ڪانسواءِ روح رهاڻ، ڳوٺ سڌارا، مارئي، شاعر، لطيف،
روح ادب، اسانجي منزل، تقاضا، سارنگ، شعلو، قليچ،
آفتاب وغيره سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي.
هينئر اهي رسالا بند ٿي ويا آهن. هينئر نئين زندگي به
بند آهي. موجوده وقت ۾ مهراڻ، سهڻي، رهبر ڊائجيسٽ،
ملير ڊائجيسٽ ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا ۽ ڪتابي سلسلا
زبان ۽ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن.

ادبي رجحانات: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب
نئون رخ اختيار ڪيو آهي. نون شاعرن، تقليدي شاعري
ترڪ ڪري، شاعريءَ کي هڪ نئون رنگ ۽ روپ
ڏنو آهي. شاعريءَ جي مضمون ۾ به جدت ۽ مقصديت
پيدا ڪئي ويئي آهي، ته فني سٽا ۾ به نوان تجربا
ڪيا ويا آهن.

قديم سنڌي شاعريءَ جي صنفن بيت، وائي ۽
ڪافيءَ ۾ نئون رنگ روپ پيريو ويو آهي. غزل ۽
نظم ۾ نوان تجربا ڪري، انهن کي سنڌي شاعريءَ

جي مزاج سان هم‌آهنگ ڪيو ويو آهي، ان سان گڏ روايتي رنگ ۽ غزل ۽ نظم لکڻ وارا به موجود آهن، جن پنهنجي فڪر ۽ فن ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ڪانسواءِ هندي شاعري جي صنف گيت تي به ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح مغربي صنفن: آزادنظم، غير مقفيٰ نظم، سانيٽ، ترائيل، جپاني صنف هائيڪو ۽ پنجابي صنف ماهيا ۾ به سنڌي شاعرن پنهنجا جذبات ۽ احساسات بيان ڪيا آهن.

زبان جي لحاظ کان ٺيٺ سنڌي لفظن، تشبيهن ۽ تمثيلن تي زور ڏنو ويو آهي. مضمونن جي لحاظ کان معاشري جو حقيقت پسندانه نوع ۾ تجزيو ڪري، ان تي تنقيد ڪئي ويئي آهي، ۽ سرمائيدارانه نظام جي ظلم ۽ ڏاڍ کي نمايان ڪيو ويو آهي. سنڌ سنڌي زبان ادب ۽ ثقافت سان جيڪي زيادتيون ٿيون، انهن جي رد عمل ۾ ادب ۾ وطن دوستي ۽ وطن پرستيءَ جي مضمون وڏي اهميت اختيار ڪئي. ڪن اديبن ۽ شاعرن بين‌الاقوامي مسئلن تي به لکيو آهي، پر سنڌ کي محور ۽ مرڪز جي حيثيت حاصل آهي. سنڌ سان پيار ۽ محبت جو اظهار اڄ جي شاعر ۽ اديب جو بنيادي مضمون ٿي ويو آهي.

هن دور ۾ نثر جي هر صنف ترقي ڪئي آهي ان سان گڏ نظم جي به هر صنف تي طبع آزمائي تي

آهي. هن هيٺ نثر ۽ نظم جي مختلف صنفن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

ناول نويسي: ورهاڱي کانپوءِ ناول جي ترقيءَ تي اثر پيو ۽ ناولن جي لکجڻ جي رفتار گھٽجي ويئي ان هوندي به ڪن اشاعتي ادارن ناول ڇپايا، جھڙوڪ: انجم هالائي جو ”ڪاروان زندگي“ حسيني محمدحافظ جو”تباهي“، سيدحيدرشاه جو ”زميندار“، حافظ حيات شاه جو ”سلطانه“؛ قاضي عبدالڪريم جو ”نوران“، لطف الله بدوي جو ”اييلا“؛ ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا جو ”لاش“؛ ناصر مورائيءَ جو ”راتيون جاڳن جي“؛ فضل احمد بچائي جو ”نازبو“؛ ڊاڪٽرمنظوراحمدعرساڻي جو ”ڪلب ۽ گھر“، الله بخش ٽالپر جو ”پرديسيءَ جو پيار“، رازبلڙائيءَ جو ”گلبدن“؛”بک ۽ بيروزگاري“ ۽ ”شرابي“، انورهالائيءَ جو ”آواره“، سازنؤ آبادي جو ”شڪسته ساز“؛ گل نصرپوري جو ”درياه جي ڪپ تي“، عبدالجبارجوڻيجي جو ”سوري آسينگار“، رسول بخش خمار جو ”حسنه“ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو ترجمو ڪيل ”ڏوهاري ڪير“ وغيره هنن ناولن جو موضوع زميناري ظلم ۽ عشق ۽ محبت آهي.

محمد عثمان ڏيپلائي ورهاڱي کانپوءِ به ڪجھ تاريخي ناول لکيا، جھڙوڪ: انورپاشا، آزاديءَ جي جنگ دکن جا مجاهد وغيره. سندس ضخيم ناول ”سانگھڙ“ نهايت اهم آهي، جنهن ۾ حرمجاهدن جا ڪارناما آندا

ويا آهن، سنڌيت جو جذبو جاڳائڻ لاءِ سراج، "پڙاڏو سو سڏ" نالي ناول لکيو آهي، جنهن جو پلاٽ سنڌ جي تاريخ جي ترخان دور تي ٻڌل آهي.

ڪن نوجوان اديبن ناولٽ به لکيا آهن. آغاسليم جو ناولٽ "روشنيءَ جي تلاش" فن توڙي زبان جي لحاظ کان ڪامياب ناولٽ آهي. سندس ٻيو ناولٽ "اونداهي ڌرتي ۽ روشن هٿ" ماهوار سهڻي ۾ قسطوار شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ۾ ڏاڍي مؤثر انداز ۾ لکيل آهي. علي بابا جو ناولٽ "موهن جو دڙو" به قسطوار نئين زندگي ۾ ڇپيو، پر نامڪمل رهجي ويو. هي ناول موهن جي دڙي جي ثقافتي پس منظر ۾ لکيل آهي، ۽ ڪوشش ڪري ٺيٺ سنڌي ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري عام فهم نه آهي.

جاسوسي ناول به گهڻا ڇپيا آهن، جيڪي گهڻي قدر محمد بخش "جوهر" جا لکيل آهن. سنڌ کان وڌيڪ هندستان ۾ تمام گهڻا ناول لکيا ويا. رام پنجواڻي ۽ گوبند مالهي ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول لکيا هئا. ورهاڱي کان پوءِ به لکيائون. گوبند مالهيءَ ته ڪيترائي معياري ناول لکيا آهن؛ جهڙوڪ: "ديسي سيڻ ڪجن" "شرم ٻوٽي"، "عشق نه آهي راند"، "چنچل نگاهون"، "لوڪ آهي ٻوڪ"، "جي سوري پائنين سچ"، "جيون

سانڌي“ وغيره. ان ڪانسواءِ هندستان ۾ ٻين به ڪيترن ئي اديبن سٺا ناول لکيا آهن، جهڙوڪ:

سندري اتمچندائي جا ”پريت پرائي ريت نرالي“ ۽ ”ڪرنڊڙ ديوارون“؛ تيرٿ و سنت جو ”ڪنور“، موهن ڪلپنا جو ”اڄ ۽ ٻاڇا“ ۽ ”زندگي“، لڇمڻ ساٿي جا ”اڏري وڃ ڙي ڪونج“، ”ڪيچلي“، ”سيتل واديون“ ۽ ”آسمان روشن آهي“، موتي پرڪاش جو (انڌيرو اجالو)، رام پنجواڻيءَ جو (پدما)، (چانڊنيءَ جو چمڪو)، (آهي نه آهي) ۽ (ڏيئو نه چمن)، گنوسامتاڻيءَ جو (واپس)؛ شيام جئسنگهاڻي جو (ڪچا ڌاڳا)؛ موهن ديپ جو (خالي هٿ) ۽ (سرڳ منهنجي ٻانهن ۾)؛ جيون جو (سنگرام)، وشنو ڀاٽيا جو (دردن ماري دل) ۽ (زندگيءَ جا ڪنارا) پرم ابيچنداڻي جو (جهرٽا) ۽ (هڪ ڇر ٻه ڇيپون) ۽ ڪرشن کٽواڻي جو (اسانجي سنڌ) وغيره.

افسانو: ورهاڱي کانپوءِ ٿورو وقت ادب جي تخليقي ڪوشش ۾ جيڪا ڪمي اچي ويئي هئي، ان کي ڪنهن حد تائين سکر جي اداري حبيب پبليڪيشنس پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اداري طرفان شيخ اياز جي افسانن جو مجموعو (پنهل کانپوءِ) شيخ عبدالرزاق راز جي افسانن جو مجموعو (ڊاڪ بنگلو) ۽ مختلف افسانه نويسين جي افسانن جو مجموعو (گل ۽ مکڙيون) شايع ٿيا. اهي مجموعا افسانې جي ترقيءَ

جو سبب بنيا. ان ڪانسواءِ افساني جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ سہ ماهي (مهراڻ) اهم ڪردار ادا ڪيو.

شيخ اياز ورهاڱي کان اڳ افسانا لکڻ شروع ڪيا هئا. ورهاڱي کي اڳ سندس افسانن جو مجموعو (سفيد وحشي) ڇپيو، ورهاڱي ڪانپوءِ (پنهل ڪانپوءِ) ان ڪانپوءِ افسانا لکڻ ڇڏي ڏنائين. مشهور هاري ليڊر حيدربخش جتوئي 1936ع ۾ ڪجهہ افسانا لکيا هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ بہ پنهنجي تحريڪ جي مدنظر افسانا لکيائين، جيڪي ٻن مجموعن ۾ شايع ٿيا: (هاري ڪهاڻيون) ۽ (هاري انقلاب) شيخ عبدالرزاق راز بہ ورهاڱي کان اڳ افسانا لکڻ شروع ڪيا هئا، پر سندس مجموعو (ڊاڪ بنگلو) ورهاڱي ڪانپوءِ شايع ٿيو. ان ڪانپوءِ افسانا لکڻ ڇڏي ڏنائين. وري هينئر افسانا لکڻ شروع ڪيا اٿس. دلدار حسين موسوي، ابن الياس سمورو ۽ نجم عباسي جا ڪجهہ افسانا ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيا. ورهاڱي کان پوءِ بہ سندن افسانا ڇپيا آهن. نجم عباسيءَ تہ تمام گهڻا افسانا لکيا آهن. سندس افسانن جا ٻہ مجموعا ڇپيا آهن.

محترم ڊاڪٽر غلام حسين جعفري مشهور تعليمي ماهر آهي. پر شروع ۾ بہ ڪجهہ افسانا بہ لکيائين، پر ورهاڱي ڪانپوءِ سندس ڪوبہ افسانو نہ ڇپيو. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل پراڻو اديب آهي. هو جيتوڻيڪ بنيادي طرح شاعر ۽ نقاد آهي؛ پر ورهاڱي ڪانپوءِ

آهي. نوجوان نسل ۾ امر جليل جا افسانا گهڻو مقبول آهن. هو سنڌ جي پير زميدار ۽ سنڌ کي ڦريندڙ ڌارئي کي پنهنجي قلم جي نوڪ جو نشانو بنائي ٿو سنڌس افسانن جا ٻه مجموعا ”دل جي دنيا“ ۽ ”جڏهن ماڻهو نه هوس“ شايع ٿيا آهن. نسيم کرل سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي ٻه گهڻا افسانا لکيا آهن، نه مٿانهين طبقي جي معاشري جي عڪاسي به ڪئي اٿس. سنڌس افسانن جو مجموعو ”شبنم شبنم ڪنول ڪنول“ شايع ٿي چڪو آهي.

سراج مضمون نويس به آهي، نه افسانه نويس به. هو افسانن ذريعي معاشري جي غلط نظام جو احساس ڏياري ٿو. ”ڀيٽي“ سنڌس بهترين افسانو آهي. سنڌس افسانن جو مجموعو ”اي درد هلي آءُ“ جي نالي سان ڇپيو آهي. شيخ حفيظ مرحوم ٿورا افسانا لکيا، پر اهي فن ۽ مقصديت جي لحاظ کان ڪامياب افسانا آهن. علي بابا جا افسانا ٻوليءَ جي لحاظ کان منفرد آهن. طارق اشرف پنهنجي افسانن ۾ معاشري تي ڀرپور تنقيد ڪري ٿو. سنڌس افسانن جو مجموعو ”سونهن پٿر ۽ پيار“ جي نالي سان شايع ٿيو آهي. غلام نبي مغل مسلسل لکي رهيو آهي سنڌس افسانن جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن ”نئون شهر“ ۽ ”رات جا نيڻ“ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو محقق ۽ نقاد هجڻ سان گڏ، شاعر ۽ افسانه نويس به آهي. سنڌس ڀرين دور جا افسانا ”سوڪڙي“

۽ ”اباڻو گهر“ جي نالي سان ڇپجي چڪا آهن. انهن ڪانسواءِ ويجهڙائيءَ ۾ ڪجهه ٻيا افسانا به لکيا اٿس. ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا به شروع واري زماني ۾ افسانا لکيا آهن. گهڻو اڳ سندس افسانن جو مجموعو ”چور“ جي نالي سان ڇپيو هو. غلام علي کوکر پراڻو ليکڪ آهي، پر هينئر خاموش آهي. سندس افسانن جو مجموعو ”نئون افق“ جي نالي سان ڇپيو آهي. الله بخش انيس انصاري به گهڻي وقت کان لکي رهيو آهي؛ پر ڪڏهن لکندو آهي ته ڪڏهن خاموش هوندو آهي. سندس افسانا فني لحاظ کان نهايت ڪامياب افسانا هوندا آهن. انهن ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي دوست افسانا لکي رهيا آهن، جن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن:

ابن حيات پنهور، جمال رند، مقبول صديقي، مرادعلي اختر، ممتاز مرزا، رسول بخش پليجو، حميد سنڌي، عبدالقادر جوڻيجو، ع. ق. شيخ، الطاف حسين شيخ، مشتاق شورو، شوڪت حسين شورو، عبدالحق عالماڻي، ممتاز مهر، نظير شيخ، اختر جانوري، ناڪر شرما، اقبال جتوئي، قيوم لالائي؛ ظفر حسن ۽ محمد دائود بلوچ، حميد سنڌي جي افسانن جو مجموعو ”اداس واديون“، ۽ الطاف شيخ جو مجموعو ”پيار جي گهٽ“ جي نالي سان ڇپيا آهن.

سنڌي خواتين مان بيگم زينت عبدالله چنه پراڻي ليکڪا آهي، جنهن مضمون به لکيا آهن، ته افسانا به

ثميره زرين گهڻي وقت کان لکي رهي آهي، ۽ فني لحاظ کان نهايت بهترين افسانا لکيا اٿس. سندس افسانن جو مجموعو ”گيت اڃايل مورن جا“ جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي. مهتاب محبوب به سٺا افسانا لکيا آهن. سندس افسانن جا مجموعا ”چانديءَ جون تارون“ ۽ ”پرهه کان پهرين“ جي نالي سان شايع ٿيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ سعيده سومرو مرحوم فن توڙي زبان جي لحاظ کان اعليٰ پايه جا افسانا لکيا. انهن کانسواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي عورتون افسانا لکي رهيون آهن، جهڙوڪ: بادام ناتوان، رشيده حجاب، ثريا ياسمين، اقبال پروين سومرو، نورشاهين، رشيده شيخ فريده مغل، حسن بانو ميمڻ وغيره.

موجوده دور ۾ سنڌي افساني وڏي ترقي ڪئي آهي، ۽ سنڌي زبان جا معياري افسانا ڪنهن به صورت ۾ دنيا جي بهترين افسانن کان گهٽ نه آهن. سنڌي افساني ۾ سنجيدگي ۽ متانت به آهي، ته فحاشي ۽ عرياني به ملي ٿي. سنڌي ماحول جي عڪاسي به آهي، معاشري تي ڪڙي تنقيد به آهي. ڪن افسانه نويسن اها ڪڙي تنقيد طنز و مزاح جي رنگ ۾ پيش ڪئي آهي موجوده دور ۾ وطنيت تي تمام گهڻا افسانا لکيا ويا آهن ڪي افسانا بين الاقوامي مسئلن تي به لکيا آهن

موجوده دور ۾ جنسيات تي افسانن لکڻ جو رجحان وڌندڙ آهي. غلام نبي مغل هن موضوع تي گهڻا

افسانا لکيا آهن. ان کانسواءِ منيراحمد پليجي ۽ ٻين به ڪيترن اهڙي قسم جا افسانا لکيا آهن.

طنز و مزاح جي رنگ ۾ به بهترين افسانا لکيا ويا آهن. علي‌احمد بروهي طنز و مزاح جي رنگ ۾ عام ڪردارن تي ڪهاڻيون لکيون آهن. هوهڪ ٻي افساني ۾ مزاح جي اوٽ ۾ معاشري جي ڪيترن ئي پهلوئن تي طنز ڪري ٿو. طنز و مزاح جي رنگ ۾ ڪهاڻيون لکندڙ جو ٻيو نالو محمد حسين ڪروڙ پتيءَ جو اچي ٿو. هن ورهاڱي کان اڳ به ڪجهه افسانا لکيا، ۽ پوءِ به ڪجهه وقت لکندو رهيو. هينئر خاموش آهي. رشيد ڀٽيءَ به مزاحيه افسانا لکيا آهن. سندس افسانن جو مجموعو ”گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ“ جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي. نوجوان اديبن مان نورعباسي، عبدالحليم بروهي، غلام رسول ڪلهوڙو ۽ عبدالفتاح‌صديقي طنز و مزاح جي رنگ ۾ ڪهاڻيون لکي رهيا آهن.

هندستان ۾ به سنڌي افساني تمام وڏي ترقي ڪئي آهي. ڪيترائي رسالا نڪتا، جن ۾ افسانا شايع ٿيندا رهيا آهن. ”ڪهاڻي“ ۽ ”پره ڦٽي“ خاص افسانن جا رسالا آهن. ورهاڱي کانپوءِ ڀارت لڏي ويل اديبن مان ڪيترا افسانه نويس به هئا، جن ڀارت ۾ سٺا افسانا لکيا. انهن مان گوبند مالي، رام پنجواڻي، سندري ۽ اتم جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن کانسواءِ ڀارت جي نوجوان افسانه نويسن جي فهرست تمام وڏي آهي. انهن

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌس ننڍن ناٽڪن جا مجموعا ”ٻزن ڏايا لاڳ“ ۽ ”حسن پروين“ جي نالن سان ڇپيا آهن.

لطف الله بدوي مرحوم نظم ۽ نثر جي مختلف صنفن سان گڏ ڊرامي طرف به ڌيان ڏنو. سنڌس ڊرامو (دودو چنيسر) سنڌي زبان جو بهترين ڊرامو سمجهيو وڃي ٿو. بلندپايه شاعر ۽ نقاد عبدالرزاق راز به هڪ تاريخي ڊرامو (فاتح سنڌ) لکيو آهي، جنهن ۾ محمدبن قاسم جو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي.

نوجوانن مان چنہ شبير ناز کي ڊرامہ نويسي سان تمام گهڻي دلچسپي آهي. سنڌس به مڪمل ڊراما (سجا سيج پلنگ) ۽ (دريا خان) شايع ٿي چڪا آهن. ريڊيائي ڊراما به ڪيترائي لکيا ويا آهن. ڪجهہ وقت اڳ ريڊيائي ڊرامن جو انتخاب (پاڇا ۽ پڙ لاءِ) جي نالي سان ڇپيو هو. ريڊيائي ڊرامن جي سلسلي ۾ ممتاز مرزا، منظور نقوي، آغا سليم، امرجليل مراد علي مرزا، امداد حسيني ۽ نواز علي بلوچ ڪامياب فنڪار آهن. انهن ڪانسواءِ مصطفيٰ قريشي محمد خان جمالي، ايازقادري، الاهي بخش بلوچ، محبوب علي جوکيو، ابن حيات سراج، ظهور انصاري ۽ ٻين به ننڍا ناٽڪ لکيا آهن. هينئر ٿي وي لاءِ به ڊراما لکيا وڃن ٿا.

مضمون نويسي: ورهاڱي ڪانپوءِ مضمون نويسي ڏانهن به گهڻ ڌيان ڏنو ويو. هن دور جو بلندپايه افسانہ نويس آهي. عطا حسين شاه موسوي مرحوم جنهن

جو مضمونن جو مجموعو (ڪچ ڪوڏيون) ڪيترائي ڀيرا شايع ٿيو آهي. موسوي مرحوم زندگيءَ جون تلخ حقيقتون دلچسپ رنگ ۾ بيان ڪيون آهن عثمان علي انصاري مرحوم به بنيادي طرح مضمون نويس هو. سندس مضمون (سنڌ جي تهذيب) شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. سيد ميران محمد شاه مرحوم شاعر هجڻ سان گڏ منفرد مضمون نويس به هو. سندس مضمونن مان (دل جي طلب) ۽ (گنجي ٽڪر جو سير) ادب جا اعليٰ شهپارا آهن. ڊاڪٽر علي احمد قاضي مرحوم به سٺو مضمون نويس هو. سندس مضمونن مان (عشق ۽ عقل) (سچ ۽ ڪوڙ) ۽ (آسائي ۽ نراسائي) بهترين مضمون آهن.

الله بچايو سمون به اعليٰ پايه جو مضمون نويس آهي. سنڌ جي ڪوهستاني علائقي جي رهڻي ڪهڻي بابت شاهڪار مضامين لکيائين، جيڪي (سير ڪوهستان) نالي ۾ ڇپيا آهن. ان سان گڏ لاڙ جي ثقافت بابت (لاڙ جو سير) نالي ڪتاب لکيائين. ساقي سجاولي مرحوم به ڪجهه مضامين لکيا آهن. لطف الله بدوي مرحوم ۽ سندس فرزند احسان بدوي مرحوم گهڻو ڪري مقالا لکيا آهن، پر ڪجهه مضامين به لکيا اٿن

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي مرحوم جيتوڻيڪ گهڻي قدر مقالا لکيا آهن، پر انهن جي زبان ۽ بيان جي خوبيءَ ۽ خوبصورتيءَ جي بناتي انهن کي مقالن

سان گڏ مضمون به چٽي سگهجي ٿو. علامه آءِ آءِ قاضي مرحوم پنهنجا فلسفيانه خيال ساجهيل انداز ۾ مضمون جي اسلوب ۾ لکيا آهن. انهن مان (ڪامياب زندگيءَ جو قاعدو) ۽ (علم ۽ ادب جي ترقيءَ جا طريقا (علم ادب جي شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه به نرالو مضمون نويس هو، جنهن پنهنجي مضمونن ۾ اشاراتي ۽ علامتي انداز اختيار ڪيو. ڪريم ڏنو راڄپر به سليس ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ سٺا مضمون لکيا آهن. سندس مضمونن جو مجموعو (ڪک هيٺان لک) جي نالي سان ڇپيو آهي. جو عظيم ۽ منفرد مضمون نويس آهي. سندس ڪتاب (مسڪين جهان خان کوسو) لافاني شاهڪار آهي جنهن جو هر باب پنهنجي ليکي مضمون آهي. ان کانسواءِ سندس ٻيا مضمون به آهن جهڙوڪ: (مانيءَ جهڙا مٺا) (ستائي بڪن) وغيره.

پير علي محمد راشدي صحافي هجڻ سان گڏ بهترين مضمون نويس به آهي. سندس ڪتاب (اهي ڏينهن اهي شينهن) ۾ مختلف شخصيتن تي تاثراتي مضامين آهن ٻولي ڏاڍي مڻاج واري ڪتب آندي اٿس. محمداسماعيل عرسائي به ڪيترائي بهترين مضمون لکيا آهن. سندس مضمون جو هڪ مجموعو (نقش عمل) جي نالي سان ڇپيو آهي. هيمٿر پنهنجي زندگيءَ بابت ڏاڍا وڻندڙ

مضمون لکي رهيو آهي. پير حسام الدين راشدي به ڪجهه مضمون به لکيا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سه ماهي مهراڻ ۾ "پارس ڪاڻ" جي نالي سان مضمونن جي هڪ سهڻي سلسلي ۾ آغاز ڪيو هو، پر ان جي فقط هڪ قسط ڇپي. انهن کانسواءِ مولانا غلام مصطفي قاسمي، مولائي شيدائي عبدالڪريم سنديلي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي به مضمون لکيا آهن.

تنقيد: موجوده دور ۾ تنقيدي بحث مباحثا به ٿيا آهن، ته نظرياتي تنقيدون به ٿيون آهن. ڪلاسيڪي شاعريءَ تي تبصرا به ٿيا آهن، ته عروضي شاعريءَ تي فني تنقيدون به ٿيون آهن. ان کانسواءِ افسانوي ادب تي تنقيدون به ٿيون آهن.

عروضي شاعريءَ تي جن صاحبن تنقيدون ڪيون آهن، انهن مان حاجي محمود خادم، محمد بخش واصف مرحوم، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، حافظ خير محمد اوحدي، مولانا غلام محمد گرامي، رشيد لاشاري ۽ شيخ عبدالرزاق راز جا نالا قابلِ ذڪر آهن. جن اديبن ڪلاسيڪي شاعرن جي شعر تي تنقيدي تبصرا ڪيا آهن. انهن ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عبدالحسين شاه موسوي، احسان بدوي، عبدالڪريم سنديلي، شيخ عبدالرزاق راز، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، محبوب علي چنه رشيد احمد لاشاري، قاضي علي اڪبر درازي، مولانا

مصطفيٰ قاسمي، لطف‌الله بدوي، پير سعيد حسن، مولانا غلام‌محمد گرامي، ڊاڪٽر خواجه غلام‌علي الانا، علي‌نواز جتوئي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، عطامحمد حامي، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا نالا اچي وڃن ٿا.

ترقي پسند ادب تي جن صاحبن تنقيدون ڪيون آهن، انهن ۾ ڊاڪٽر شيخ محمدابراهيم خليل، رشيداحمد لاشاري، عبدالڪريم لغاري، نورشاهين، معموريوسفاڻي، شيخ عبدالرزاق راز ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا نالا اچي وڃن ٿا. جن صاحبن ترقي پسند ادب جي فائدي ۾ تنقيدون ڪيون آهن، انهن ۾ مولاناغلام‌محمد گرامي رسول‌بخش پليجي، محمد ابراهيم جويو ۽ رشيد ڀٽي جا نالا اچي وڃن ٿا.

افسانوي ادب تي جن صاحبن تنقيدون ڪيون آهن، انهن ۾ شيخ عبدالرزاق راز، ثميره زرين، مرادعلي مرزا، آغا سليم، طارق اشرف، محمد ابراهيم جويو، ۽ راقم‌الحروف جا نالا اچي وڃن ٿا.

تنقيدي مضمونن جا ڪجهه مجموعا به ڇپيا آهن جهڙوڪ: احسان‌بدوي مرحوم جو (تنقيد ۽ تنقيدنگاري) شيخ عبدالرزاق راز جو ”تنقيد ۽ تجزيو“، رسول بخش پليجي جو ”انڌا اونڌا ويڄ“ شمس‌الدين عرساڻي جو ”سنڌي ادب ۾ تنقيد“، ڊاڪٽر شيخ محمدابراهيم‌خليل، جو ”ادب ۽ تنقيد“، عبدالجبارجوڻيجي جو (ڪنزاللطيف)

۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا (مائڪ موتي لعل- ٻه ڀاڱا) (پرک ۽ پروڙ) ۽ (سکر جي سوڪڙي).

تحقيق ۽ تاريخ: هن دور ۾ سنڌ جي سياسي، ادبي ۽ ثقافتي تاريخ تي وڏو ڪم ٿيو آهي. ان سان گڏ ڪلاسيڪي ادب ۽ لوڪ ادب کي به سهيڙيو ۽ سموهيو ويو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ورهاڱي کانپوءِ به ڪلاسيڪي ادب تي تحقيقي ڪم ڪيو. ڪلام گرهوڙي ڇپايائين؛ ۽ شاه جي رسالي جي ترتيب جو ڪم هٿ ۾ هوس، جو وفات ڪيائين. مولانا دين محمد وفائي مرحوم ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي تاريخ تي وڏو تحقيقي ڪم ڪيو هو. ورهاڱي کانپوءِ به سندس اهڙا مقالا شايع ٿيندا رهيا. ان کانسواءِ "مشاهير سنڌ" نالي هڪ ضخيم ڪتاب لکيائين، جيڪو هينئر ڇپجي رهيو آهي.

شاه لطيف جي زندگيءَ ۽ پيغام تي به محققانه ڪتاب لکيائين: "لطف اللطيف" ۽ "شاهه جي رسالي جو مطالعو."

لطف الله بدوي مرحوم ورهاڱي کان اڳ به تحقيقي ڪم ڪري چڪو هو. ورهاڱي کانپوءِ به گهڻو ڪجهه ڪيائين. سنڌي شاعرن جي مستند تاريخ جي سلسلي ۾ "تذڪره لطيفي" جا ٽي جلد لکيائين، ۽ سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترائي تحقيقي مقالا شايع

ڪرايائين. مخدوم اميراحمد مرحوم سنڌ جي تاريخ جي سلسلي جي ٽن اهم ماخذن: چچ نامي، تاريخ معصومي ۽ تحفتہ الڪلام جو سنڌي زبان ۾ عام فهم ترجمو ڪيو، ۽ سنڌ جي تاريخ تي ڪجهه تحقيقي مقالا لکيائين.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب سنڌ جي علمي مرڪزن سنڌ جي عالمن ۽ سنڌي زبان ۾ لکيل قرآن شريف جي ترجمن ۽ تفسيرن بابت تحقيقي مقالا لکيا آهن ۽ ڪن عالمن جا عربي ۽ فارسي ڪتاب ايڊٽ ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ شاه جو رسالو بہ ايڊٽ ڪيو اٿن. ۽ الرحيم جو ”مشاهير سنڌ“ نمبر بہ ڪڍيو اٿن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي ادب تي وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل تي سندس ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ ڇپيو آهي ۽ لس ٻيلي جي شاعرن بابت سندس محققانہ ڪتاب ”ٻيلائن جا ٻول“ شايع ٿيو آهي. لوڪ ادب سلسلي جا پنجويهہ جلد مرتب ڪيا اٿس: ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي سلسلي ۾ ڪتاب ”ڪليات حمل“ ”خليفي نبي بخش جو رسالو“، ”شاه عنايت رضوي جو رسالو“ ۽ ”ميين لطف اللہ قادري جو ڪلام“ شايع ٿيا آهن.

پير حسام الدين راشدي ڪيترائي تاريخي ماخذ

نهايت محنت سان مرتب ڪري ۽ حواشيءَ سان سينگاري شايع ڪيا آهن، جهڙوڪ:

مقالات‌الشعراء، تڪملهٔ مقالات‌الشعراء، مڪلي‌نامه، تحفة‌الڪرام (فارسي) حديقة‌الاولياء وغيره. ان کانسواءِ سنڌ جي تاريخ تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا اٿس.

مير رحميداد خان مولائي شيدائي سنڌ جي تاريخ تي نهايت ڪارائتا ڪتاب لکيا آهن، جهڙوڪ: جنة‌السنڌ، تاريخ تمدن سنڌ وغيره. ان کانسواءِ بلوچستان جي تاريخ بابت ”تاريخ بلوچستان“ نالي هڪ معياري ۽ مستند ڪتاب لکيو اٿس. انهن ڪتابن کانسواءِ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بابت بيشمار تحقيقي مقالا لکيا اٿس.

محبوب‌علي چنه سنڌ جي تاريخ ۽ ڪلاسيڪي ادب بابت ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا‌آهن؛ جن‌مان مڪلي ۽ حضرت قلندرشهباز بابت لکيل مقالا قابل ذڪر آهن. ان کانسواءِ ڪن ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام به مرتب ڪيو اٿس، جن مان ”ڪليات امين“ سنڌي‌ادب جي تاريخ جي ماخذن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا سنڌي ادب توڙي زبان جي تاريخ بابت نهايت اهم ۽ بنيادي ڪم ڪيو آهي. ان سان گڏ صوتيات ۽ لسانيات بابت به تحقيقي ڪم ڪيو اٿس. سندس مقالن کانسواءِ هي ڪتاب ڇپيا آهن: سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي زبان جو بڻ‌بنياد،

سنڌي صورتخطي ۽ سنڌي صوتيات لسانيات تي پروفيسر علي نواز جتوئي، لڇمڻ خوبچنداڻي ۽ سراج الحق به ڪم ڪيو آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي جو ڪتاب "علم لسان ۽ سنڌي زبان" جديد لسانيات جي سلسلي ۾ هڪ جامع ڪتاب آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لغت ۽ لوڪ ادب تي تحقيقي ڪم ڪندو رهي ٿو. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب تحقيق لغات سنڌي، وينجهار، سنڌ جو سينگار، ڏهسنامون ۽ پهاڪن جي ڀاڱ شايع ٿي چڪا آهن. لوڪ ادب جي سلسلي ۾ عبدالحسين شاه موسوي مرحوم جا ڪتاب "سڳنڌ" ۽ "سرهاڻ" به وڏي اهميت رکن ٿا. انهن کانسواءِ عبدالحسين شاه موسوي مرحوم "ديوان بيدل" ۽ "ديوان بيڪس" ۾ مرتب ڪيا.

هندستان ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ شاه جو رسالو مرتب ڪري ڇپايو آهي. ان کانسواءِ رسالي جو ضخيم انتخاب معنيٰ ۽ سمجهاڻي سان ڇپايو اٿس. ان سان گڏ سندس تي ڪتاب "شاه" "سچل" ۽ "سامي" سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. هندستان جي ٻي پراڻي اديب منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي نثر جي تاريخ تي وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. سندس ڪتاب (سنڌي نثر جي تاريخ) ڇپجي چڪو آهي. پروفيسر جهمٽ مل ڄنڊ وديا ۽ سنڌ جي قديم شعر تي تحقيقي ڪم ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس مقالن کانسواءِ به ڪتاب "سڳنڌ ڄنڊ" ۽

"عطر عروض" ڇپجي چڪا آهن. انهن ڪانسواءِ شاهه جي رسالي جو انتخاب "ڪامل جو ڪلام" نالي سان ڪيو اٿس.

سياسي اڳواڻ جي - اير سيد ماضي قريب جي سنڌ جي تاريخ ۽ شخصيتن بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جهڙوڪ: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي، جنب گذاريم جن سين (۲ جلد) وغيره. ماضي قريب جي سنڌ جي شخصيتن بابت پير علي محمد راشديءَ جو ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" به شايع ٿيو آهي.

ميرن جي دور تي احسن ڪربلائي مرحوم جا لکيل مقالا ماخذ جي حيثيت رکن ٿا. انگريزن جي دور تي حنيف صديقي جا مقالا ۽ ڪتاب: "ميرن جي دربار" ۽ "سنڌ جون قومون" اهم معلومات مهيا ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ چيتن ماڙيوالا به نهايت اهم ۽ معياري مقالا لکيا آهن. عرب دور تي ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا مقالا ڇپيا آهن. سنڌ جي شاعرن ۽ لوڪ ادب بابت به ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا ڪتاب ڇپيا آهن؛ جهڙوڪ: ڏور، تذڪره شعراءِ سکر، تذڪره شهباز، ڪريم جو ڪلام، فڪر بيدل، فڪر لطيف رتيءَ جي رهاڻ وغيره.

موجوده دور جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي صورتحال بابت سيد غلام مصطفيٰ شاهه جا لکيل مقالا،

حالتن جو صحيح جائزو پيش ڪن ٿا، ۽ سڌاري ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ اسانجي وڏي رهنمائي ڪن ٿا. سندس مقالا ڪتابچن جي صورت ۾ به ڇپيا آهن، جهڙوڪ: ڪتاب، استاد وغيره. سائين غلام مصطفيٰ شاه جو هڪ ڪتاب ”سير ۽ سفر“ بابت به ڇپيو آهي.

سير ۽ سفر بابت ٻيا به ڪتاب ۽ مضامين ڇپيا آهن؛ جهڙوڪ: قاضي عبدالمجيد عابد جو ڪتاب ”سفر يورت جي ڊائري“ الطاف شيخ جا ڪتاب ۽ مضامين ۽ شيخ محمدعالم جا مضمون.

عروضي شاعريءَ بابت تحقيقي ڪم ڪندڙن مان ڊاڪٽر شيخ محمدابراهيم خليل، رشيداحمد لاشاري مرحوم ۽ مولانا غلام محمد گرامي جا نالا قابل ذڪر آهن. لاشاري مرحوم جي مقالن ڪانسواءِ سندس مرتب ڪيل ڪتاب ”ڪليات گدا“ به ڇپيو آهي. ڊاڪٽر خليل صاحب مثنوي ۽ رباعيءَ تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو قابلِقدر آهي. مولانا غلام محمد گراميءَ مختلف مقالن ڪانسواءِ شمس الدين بلبل مرحوم جي ڪلام جا ٻه ڪتاب مرتب ڪيا آهن. ”ديوان بلبل“ ۽ ”ڪلام بلبل“ لاڙ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت بابت محمد سومار شيخ وڏو ڪم ڪيو آهي. ڪافيءَ بابت مخدوم طالب المولا جو ڪتاب ”ڪافي“ ڇپيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل اديبن ڪانسواءِ ٻين به ڪيترن ئي

اديبن تاريخ ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ ڪم ڪيو آهي، جهڙوڪ: سيد خادم حسين شاه، محمد ابراهيم جويو، محمداسماعيل عرساڻي، ڪريم بخش خالد، پروفيسر هرومل سدارنگاڻي، تيرٿ و سنت، ڊاڪٽر جيرامداس، لالسنگ اجواڻي؛ باولچندراجپال، گنگا رام سمراٽ، حبيب الله ڀٽو، اظهر گيلاني، حافظ احسن چنه، احمدخان آصف، امين الله علوي، قريشي احمد خان خاناڻي، عبدالقيوم صائب؛ غلام رسول بلوچ، معمور يوسفاڻي.

## نظم

هن دور ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ وڏي وسعت آئي آهي. فني لحاظ کان ڪيترائي تجربا ٿيا آهن، ۽ نوان لاڙا اڀريا ۽ اسريا آهن. هن هيٺ موجوده دور جي شاعريءَ جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

بيت: سنڌي شاعريءَ جي قديم صنف بيت ۾ نئون روح ڦوڪيو ويو آهي، ۽ ان کي نئون رنگ ۽ روپ ڏنو ويو آهي. صوفيانه خيالات ۽ بيت جي ذريعي بيان ڪيا ويا آهن، ته عشقيه جذبات ۽ احساسات به هن صنف جي ذريعي ظاهر ڪيا ويا آهن معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي به ڪئي ويئي آهي، تـه وطن دوستي ۽ وطن پرستيءَ جا جذبات به بيان ڪيا ويا آهن. نعتيه ۽ حمديه مضمون به بيت ۾ آندا ويا آهن، تہ اخلاقي نڪتا به نروار ڪيا ويا آهن. جن

شاعرن پنهنجا جذبات، خيالات ۽ نظريات بيت ذريعي مؤثر انداز ۾ بيان ڪيا آهن، انهن مان رشيد لاشاري مرحوم، مخدوم طالب المولي، شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز، لطف الله بدوي مرحوم، احمدخان آصف، رحيم بخش قمر، تنوير عباسي، امداد حسيني، عبدالجبار جوڻيجو ۽ استاد بخاري جا نالا قابل ذڪر آهن.

ڪن شاعرن "دوهو" کي جدا صنف قرار ڏيئي "دوها" به لکيا آهن. پر حقيقت ۾ "دوهو" بيت جو ئي هڪ قسم آهي.

## ڪافي ۽ وائي

هن صنف تي صوفي ۽ عوامي شاعرن کانسواءِ عروضي ۽ ترقي پسند شاعرن به طبعآزمائي ڪئي آهي ترقي پسند شاعرن گهڻو ڪري "وائي" جي ذريعي پنهنجا خيالات ظاهر ڪيا آهن. وائيءَ جي ذريعي ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف به آوازبلند ڪيو آهي، ته وطن دوستيءَ جا جذبا ۽ احساسات به بيان ڪيا ويا آهن. حسن و عشق ۽ هجر ۽ وصال جو بيان به آندو ويو آهي، ته معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي به ڪئي ويئي آهي. ان سلسلي ۾ شيخ اياز جي واين مقصديت جي لحاظ کان نوجوانن ۾ مقبوليت حاصل آهي. ان کانسواءِ شيخ عبدالرزاق راز، ذوالفقار راشدي، بردوسندي، شمشيرالحيدري ۽ امداد حسيني وائيءَ جي سٽاڪي پوريءَ طرح نباهيو آهي، ۽ ان ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي آهي.

ڪافيءَ جي سلسلي ۾ رشيداحمد لاشاري، مخدوم طالب‌المولى، محمدخان غني، نور شاهين ۽ منظور نقوي باڪمال شاعر آهن. سندن ڪافين ۾ فني پختگي به آهي ته رنگيني ۽ رواني به آهي. انهيءَ ڪري جڏهن ڳايون وڃن ٿيون، ته وڏو اثر پيدا ڪن ٿيون.

نيون صنفون: هن دور ۾ هندي شاعريءَ جي صنف گيت، پنجابي ماهيا، جپاني هائيڪو ۽ مغربي صنفن: آزاد نظم، سانيٽ، ۽ ترائيل تي ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. گيت ۾ شيخ اياز ان ۾ مختلف مضامين سمايا آهن، ۽ شيخ راز جو مضمون گهڻو ڪري روماني آهي. انهن ڪانسواءِ تنوير عباسي امداد حسيني سحر بلوچ، نياز همايوني، ولي‌دائود پوٽي قلندربخش بدوي لاڙڪاڻي ۽ عبدالقيوم صائب به نهايت وڻندڙ ۽ اثرائتا گيت لکيا آهن.

پنجابي صنف ”ماهيا“ تي صرف رشيد لاشاري مرحوم ۽ نورشاهين طبع‌آزمائي ڪئي آهي. ”هائيڪو“ تي طبع‌آزمائي ڪندڙن مان ذوالفقار راشدي ۽ ولي دائود پوٽو جا نالا قابل ذڪر آهن. سانيٽ جي سلسلي ۾ بشير موريائي، هري درياڻي دلگير، نارائڻ شيام ۽ نورشاهين جا نالا ملن ٿا. ترائيل جي سلسلي ۾ به ڪجهه نالا ملن ٿا، پر هري‌درياڻيءَ نهايت ڪامياب ترائيل لکيا آهن. آزاد نظم ۾ ته ڪيترن ئي شاعرن ۽ غير شاعرن

پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. پر ڪيترن جا آزاد نظم اثر ۽ رواني کان خالي آهن. ان هوندي به ڪن شاعرن؛ شاعريءَ جي روح کي قائم رکندي آزاد نظم لکيا آهن؛ ۽ انهن ۾ رس، رچاءُ ۽ رواني برقرار رکي آهي. انهن شاعرن مان شيخ اياز؛ شيخ راز؛ ذوالفقار راشدي؛ مولانا غلام محمد گرامي ۽ نارائڻ شيام جا نالا قابل ذڪر آهن.

غزل: هن دور جي پراڻن شاعرن مان نوازعلي نياز لاڙڪاڻوي (وفات 1956ع) غزل جو باڪمال شاعر آهي حاجي محمود خادم (وفات1960ع) به غزل جو سٺو شاعر آهي. ٻنهي جا مڪمل ديوان آهن؛ پر اجا تائين شايع ٿي نه سگهيا آهن. انهن کانسواءِ شيخ مرادعلي ڪاظم (وفات1954ع)؛ محمدصديق مسافر (1961ع)؛ محمد بخش واصف (1954ع)؛ حافظ عبدالله بسمل ٽکرائي (1950ع) قادربخش، لطيف‌الله بدوي (1968ع)، سرورحيدرآبادي، پرسرام ضيا، ليکراج ڪشنچند عزيز، رشيداحمد لاشاري (1970ع) ۽ عبدالفتاح عبد غزل جا بلندپايه شاعر ٿي گذريا آهن.

موجوده دور ۾ ڪي شاعر روايتي رنگ ۾ غزل لکي رهيا آهن. انهن مان ڊاڪٽر خليل کي استاد استاد شاعر جي حيثيت حاصل آهي. حافظ احسن چنه، عطامحمد حامي؛ بلاول پرديسي، عبدالله اثر، مولانا نورالدين نور؛ مظفرحسين جوش؛ سردارعلي‌شاه ذاڪر؛

اظهر گيلاني، علي محمد مجروح، احمد خان آصف، عبدالقيوم صائب، سليم گاڙهوي ۽ آغا عبدالنبي خان آغا روايتي رنگ جا بلندپايه شاعر آهن.

ڪن شاعرن غزل جي روايت کي بناهيندي ان ۾ هڪ انفرادي رنگ پيدا ڪيو آهي. شيخ راز، شيخ عبدالحليم جوش، مخدوم طالب المولي، اياز قادري، ذوالفقار راشدي، نور شاهين، انيس انصاري، عبدالجبار جوڻيجو، نوازعلي شوق ۽ عبدالحميد شهيد جي غزل ۾ به جدت ۽ انفراديت ملندي.

ترقي پسند شاعرن، غزل کي نئون رنگ ڏنو آهي، ۽ انوکا تجربا ڪيا آهن فني لحاظ کان هنن نه فقط عروضي سٽا ۾ غزل لکيا آهن، پر چند، وديا ۾ به غزل لکڻ جا تجربا ڪيا اٿن. روماني موضوعن تي به غزل لکيا اٿن، ته مختلف معاشي ۽ معاشرتي مضامين به غزل ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن انهيءَ ڪري ڪيترائي غزل پسا ۽ ڦڪا ۽ غزل جي روح جي منافي نظر اچن ٿا. انهوندي به غزل ۾ جيڪا وسعت آندي ويئي آهي، اها قابل قدر آهي، جن شاعرن غزل ۾ ڪامياب تجربا ڪيا آهن. انهن مان: شيخ اياز، نارائڻ شيام، تنوير عباسي، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، مولانا گرامي ۽ نياز همايوني جا نالا قابل ذڪر آهن.

نظم: عروضي شاعريءَ جي مختلف صنف جهڙوڪ:

رباعي مسدس، مثنوي، مرثيہ، قطعہ ۽ قصيدي وغيره تي ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن مان ڊاڪٽر خليل، حافظ احسن چنہ، رشيد لاشاري مرحوم، محمد صديق مسافر مرحوم، بسمل لڪڙائي مرحوم، غلام علي مسرور مرحوم، عبدالفتاح عبد مرحوم، سردار علي شاه ذاڪر، نور شاهين، احمد خان آصف، نثار نزمي، عبدالله خواب، سليم گاڙهوي، مولانا نورالدين نور، مرزا اجمل بيگ، عبدالله اثر، علي محمد خالدي، عطامحمد حامي ۽ اظهر گيلاني جا نالا قابل ذڪر آهن.

انهن شاعرن نظم جي ذريعي واقع نگاري ۽ سيرت نگاريءَ جا عمدا نمونا بہ پيش ڪيا آهن تہ قصا، ڪهاڻيون ۽ تاريخي واقعا بہ بيان ڪيا آهن. قومي خيال بہ ظاهر ڪيا آهن، تہ اخلاقي اقدار بہ نروار ڪيا آهن. نعتيہ ۽ حمديہ مضامين بہ آندا ويا آهن، تہ فلسفانہ خيال بہ ظاهر ڪيا آهن. حب الوطني جا جذبات بہ آندا ويا آهن، تہ سرمائيدارن جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف بہ آواز اٿاريو ويو آهي.

البتہ ترقي پسند شاعر انهن صنفن جي ويجهو نہ ويا آهن. هنن نظم ضرور لکيا آهن، بلڪ گهڻي قدر نظم ئي لکيا آهن. پر غزل جي سٽا ۽ بين نين نين سٽائن ۾ نظم لکيا اٿن. هنن نظم جي ذريعي پنهنجو مقصد نهايت صفائي، چٽائي ۽ مؤثر انداز ۾ بيان ڪيو

آهي. نظم ۾ سنڌ، سنڌي زبان ۽ ادب بابت ڪيترائي موضوع آندا ويا آهن. ان سان گڏ معاشري جون به ڪيتريون ئي ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن. انڪانسواءِ بين الاقوامي موضوعن تي لکيو ويو آهي. جن شاعرن نظم جي ذريعي نوان نوان موضوع نئين انداز ۾ بيان ڪيا آهن، انهن مان شيخ اياز، نارائڻ شيام، ذوالفقار راشدي، تنوير عباسي، امداد حسيني، سحر امداد نياز همايوني ولي دائود پوٽو، سرويچ سجاولي ۽ اياز قادري جا نالا قابل ذڪر آهن.

# ماخذ


1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ
2. " " " : ٻيلائن جا ٻول
3. " " " : ڳاهن سان ڳالهيون
4. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو: سنڌي شاعر ۽ سنڌ ن شعر
5. ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ
6. " " : مقالو: "سومرن جي دور جي سنڌي شاعري"، سه ماهي مهراڻ، ج9، نمبر2
7. پير حسام الدين راشدي: حواشي مڪلي نامه
8. مولانا غلام محمد گرامي: سه ماهي مهراڻ شاعر نمبر
9. مير علي شير قانع: تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو)
10. مولانا عزيز الرحمان: تاريخ قلعه مروٽ (اردو)
11. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ
12. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: الرحيم جو سوانح نمبر
13. محمد صديق ميمڻ: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ- ڀريا ڳا
14. لطف الله بدوي: تذڪره لطفي- ٽي ڀاڱا
15. غلام دستگير نامي: تاريخ جليليه (اردو)
16. منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ
17. محمد اسماعيل عرسائي: چار مقالا
18. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (اڻ ڇپيل)

# اهم معلومات

1. عربن کان اڳ سنڌي زبان ۾ شعر چيو ويندو هو.

2. عرب دور ۾ منصوره جي عالم قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. دنيا ۾ قرآن شريف جو اهو پهريون ترجمو آهي.

3. "ڳاهه" ۽ "ڳنان" سنڌي شعر جا ابتدائي نمونا آهن. اهي سومرن جي زماني کان ملن ٿا.

4. مڪمل طرح عربي- سنڌي صورتخطي 1700ع ۾ مخدوم ابوالحسن تيار ڪئي.

5. پهريون مڪمل ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي آهي، جيڪو 1700ع ۾ لکيو ويو. ان جو اصل نالو "مقدمته الصلواة" آهي

6. ڪافي ۽ وائي جا نمونا ڪلهوڙا دور ۾ ملن ٿا.

7- پهريون نثرنويس آخوند عزيزالله (وفات 1824ع) آهي، جنهن قرآن شريف جو تحت‌اللفظ ترجمو ڪيو.

8- موجوده صورتخطي 1853ع ۾ تيار ٿي.

9- سڀ کان پهريائين ٻارائڻ درسي ڪتاب "بابنامو" 1853ع ۾ ڇپيو، جيڪو منشي ننديرام جو لکيل آهي.

10- پهرين ڪهاڻي آهي "ننڍي زميندار جي ڳالهه" جيڪا غلام حسين قريشي جي لکيل آهي ۽ 1854ع ۾ ڇپي.

11- پهريون طبعزاد ناول آهي: مرزا قليچ بيگ جو "دلارام"، جيڪو هن 1888ع ۾ لکيو.

12- پهريون ڊرامو آهي: مرزا قليچ بيگ جو "ليليٰ مجنون"، جيڪو هن 1880ع ۾ لکيو.

# درستون

هن ڇاپي ۾ حاشيءَ ۾ ڏنل احوال ڪتي ڪتي ايندڙ صفحي تي اچي ويا آهن، پر نشان پتا واضح آهن. انهيءَ ڪري اميد تہ مونجهارو نہ ٿيندو. ان ڪانسواءِ ڪي پروفن جون چوڪون بہ ٿيون آهن. انهيءَ ڪري خاص طرح هيٺيون درستيون ڪري پڙهندا.

| ص | سٽ | غلط | برابر |
|---|---|---|---|
| 7 | 12 | زوق | ذوق |
| 14 | 7 | 115ع | 1150ع |
| 18 | 10 | بيٺيين | بٺيين |
| 47 | 20 | هڪ | بيهڪ |
| 49 | 7 | اوسري | اوسر |
| 51 | 7 | مصنوي | معنوي |
| 51 | 7 | خصوسيتون | خصوصيتون |
| 56 | 14 | اقداس | اقدس |

| ص | سٽ | غلط | برابر |
|---|---|---|---|
| 56 | 17 | جو جو | جو |
| 63 | 1 | سپاهه | پساهه |
| 63 | 7 | جڳهه | ڳجهه |
| 63 | 7 | پنڌ | ڳنڌ |
| 66 | 1 | سنڌ | اترسنڌ |
| 72 | 20 | ڪتب | ڪبت |
| 77 | 14 | قعص ارانبياء | قصص الانبياء |
| 78 | 8 | ڪنزالقبرت | ڪنزالعبرت |
| 78 | 10 | ٽرئي | نرئي |
| 79 | 9 | پين نورانا | پين نور اتا |
| 80 | 2 | مداهون | مداحون |
| 81 | 16 | عبدالطيف | عبداللطيف |
| 85 | 12 | وڏيرن | ڏيرن |
| 86 | 14 | ٽرئون | ٽرنئون |
| 88 | 19 | سگهيا | سگهان |
| 90 | 2 | پر | پريم |
| 91 | 5 | مصنوي | معنوي |
| 93 | 4 | خدائي | فدائي |
| 94 | 2 | مطالبي | مطالعي |
| 94 | 21 | وندڙ | وندر |
| 95 | 1 | ونحف | ونحن |
| 95 | 12 | ٽپا | پٽا |

| ص | سٽ | غلط | برابر |
|---|---|---|---|
| 95 | 21 | چاتي | ڇاتي |
| 96 | 12 | دالحان | الحان |
| 97 | 22 | وليعن | وليِن |
| 100 | 2 | انگندي | افگندي |
| 100 | 3 | انقلاب | تاب |
| 100 | 5 | حفيظ الله | حفظ الله |
| 101 | 14 | مصرئن | مصرعن |
| 104 | 20 | عبدالطيف | عبداللطيف |
| 111 | 9 | ۾ | ۽ |
| ” | 16 | نان | ٿان |
| ” | 18 | حلاڄ | حلاج |
| 112 | 10 | پوٽيندار | پوٽيدار |
| 117 | 5 | سدامي | سوامي |
| 117 | 17 | پانئڻ | ڀانئڻ |
| 119 | 17 | انهن جي | آهنجي |
| 119 | 18 | نعمت ان جي | نعمت آنجي |
| 119 | 19 | انهن جي | آهنجي |
| 121 | 8 | عام | عاِم |
| 122 | 8 | رضا رب جي | رب رضا |
| 122 | 15 | ڪاشغي | ڪاشفي |
| 123 | 12 | اي | ري |
| 129 | 22 | چمن | ڇمن ۾ |
| 130 | 3 | تنهنجو | تنهنجو هو |

| ص | سٽ | غلط | برابر |
|---|---|---|---|
| 134 | 15 | باگنامو | بابنامو |
| 135 | 13 | ٽيارام | ڏيارام |
| 136 | 11 | 1968ع | 1870ع |
| 138 | 17 ۽ 18 | طرزومزاج | تحرير ۽ طنزومزاح |
| 141 | 3 | 1954ع | 1854ع |
| 145 | 4 | آء | ايم |
| 146 | 10 | آئنڊ | آنند |
| 146 | 23 | ڪرڙي مل | ڪوڙي مل |
| 147 | 6 | جيڪومتراء | حڪومتراء |
| ” | 20 | تناولي | رتناولي |
| ” | 21 | چندمل | چندن مل |
| 148 | 7 | ليلارام وطئمل | ليلارام وطڻمل |
| ” | 20 | چيٽل | چيٽمل |
| ” | 22 | قائدسٽ | فائوسٽ |
| 150 | 5 | اٽاردانم | اناردانم |
| ” | 5 | عطامحمد شاه | عطاحسين شاه |
| 151 | 23 | پيرومل | پرومل |
| 152 | 9 | احميداد | رحميداد |
| ” | 11 | رائڻداس | نارائڻداس |
| 156 | 18 | اج وري | اج ڪي وري |
| 157 | 16 | دلڪش | دلڪشي |
| ” | 18 | نورمحمدمحسن | محمدمحسن |
| 159 | 11 | سجان | سبحان |

| ص | سٽ | غلط | برابر |
|---|---|---|---|
| 162 | 2 | اشدالله | رشدالله |
| " | 15 | بخفي | نجفي |
| 165 | 8 | تہ غزل | تغزل |
| 166 | 14 | صرافي | صراحي |
| 167 | 15 | وفو | رفو |
| 172 | 12 | جنگ | رنگ |
| 178 | 1 | رياض | اياز |
| 184 | 16 | اياض | اياز |
| 191 | 15 | نالي | نالي ڪتاب جي صورت |
| 192 | 10 | جو | محمدبخش مجنون مرحوم بہ هن دور جو |
| 195 | 13 | صخيم | ضخيم |
| " | 15 | پيعام | پيغام |
| 196 | 3 | خهم | فهم |
| 200 | 15 | ربائيءَ | رباعِيءَ |
| 201 | 5 | بلولچند | بولچند |
| " | 7 | احمد خان | حامدعلي |
| " | 21 | حميديم | حمديم |
| 202 | 21 | ذرالقفار | ذوالفقار |
| 207 | 7 | ذوفقار | ذوالفقار |

سنڌ يونيورسٽي جا بي- اي سنڌي جي
لاءِ منظور ٿيل ڪتاب

1- سنڌي ادب جو تاريخي جائزو — 5.00
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

2- جوتيون جواهرن جون — 4-00
(چونڊ ڪافيون) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

3- چونڊ سنڌي افسانا — 6-00
ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا

4- سر ڏهر بمعه شرح — 2-00
قادر بخش "زيب" ٻٽي

5- مطالعو غريبن جو ورثو — 2-50
از محمد ابراهيم انصاري

# ڪاليج جي لاءِ بهترين ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .1 | علم معاشيات (يارهين ڪلاس لاءِ) | 5.50 |
| .2 | علم معاشيات (ٻارهين ڪلاس لاءِ) | 5.50 |
| .3 | تاريخ اسلام مڪمل | 8.00 |
| .4 | تاريخ اسلام رسول ڪريم ﷺ بنو اميه | 5.00 |
| .5 | تاريخ بنو عباس (ٻارهين ڪلاس لاءِ) | 4.00 |
| .6 | اسلامي ڪلچر (يارهين ڪلاس لاءِ) | 3.50 |
| .7 | اسلامی کلچر (گیارهویں کلاس کیلئے) | 3.50 |
| .8 | پوليٽيڪل سائنس B.A I. | 8.75 |
| .9 | پوليٽيڪل سائنس بي اي فائينل لاءِ | 9.00 |
| .10 | اسلاميات B.A. I (سنڌي) | 3.50 |
| .11 | اسلاميات B.A. I (اردو) | 3.00 |
| .12 | سر ڌهر | 2.00 |
| .13 | مطالعو غريبن جو ورثو | 2.50 |
| .14 | سنڌي علم ادب | 4.50 |
| .15 | اسلامي جمهوريه پاڪستان جو آئين | 3.00 |